ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) آچر 09 آگسٽ 2026ع 25 صفرالمظفر 1448ھ صفحا 06 - ملهه 30 رپيا شمارو (354)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

صرف الزام لڳائڻ سان ڪجهه نه ٿيندو، پيپلز پارٽي کي عوام جي فيصلي جو احترام ڪرڻ گهرجي: مسلم ليگ (ن) جا اڳواڻ

آزاد ڪشمير جي عوام فيصلو ڏئي ڇڏيو، برتري حاصل ڪري ورتي آهي، اسان ئي حڪومت قائم ڪنداسين: نوازليگ

آزاد جمون ڪشمير جي عوام پنهنجو واضح فيصلو پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي حق ۾ ڏئي چڪو آهي ۽ انشاءَ الله مسلم ليگ (ن) آزاد ڪشمير ۾ ايندڙ حڪومت ٺاهيندي: امير مقام

چونڊ نتيجا عوام جا مسلم ليگ (ن) جي صدر محمد نواز شريف، وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ وزيراعليٰ پنجاب تي اعتماد ۽ مسلم ليگ (ن) جي ترقياتي عوامي خدمت جي ڪارڪردگي جو مظهر هوندو

سياسي ويچار ۽ عوامي شڪايتن جو حل احتجاج ۽ ٽڪراءُ بدران ڳالهين ذريعي ڪيڻ گهرجي، آئين ۽ راڻا ثناءُ الله ڪشمير عوام جي قيادت ۽ ڀلائي بابت مسئلن جي حل لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهنداسين

10 آگسٽ تي مسلم ليگ (ن) جي اميدوار کي ڪامياب بڻائي علائقي جي ترقي ۽ عوامي مسئلن جي حل جي راهه هموار ڪئي وڃي، اسان جي ڪاميابي علائقي ۾ ترقي کي هٿي ڏيندي

وزيراعظم شهباز شريف جي حڪومت آزاد ڪشمير لاءِ 23 ارب روپين جو خصوصي پيڪيج منظور ڪيو جڏهن ته ڪٽڪ تي سبسڊي پڻ مسلم ليگ (ن) جي حڪومت فراهم ڪئي

نواز شريف آزاد ڪشمير جي ترقي لاءِ خصوصي دلچسپي رکي ٿو، وزيراعليٰ پنجاب مريم نواز به پنجاب وانگر ترقياتي منصوبا آزاد ڪشمير ۾ متعارف ڪرائڻ جي خواهشمند آهي: راڻا ثناءُ الله ۽ امير مقام جو جلسي کي خطاب

ڊير بالا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ڪشمير گلگت بلتستان ۽ سيفران واري وفاقي وزير
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

آزاد جمون ڪشمير جو عوام پنهنجو واضح فيصلو ڏئي ڇڏيو: امير مقام

پيپلز پارٽي کي عوام جي فيصلي جو احترام ۽ ان جو سياسي تجزيو ڪرڻ گهرجي

مسلم ليگ (ن) آزاد ڪشمير ۾ واضح پوزيشن حاصل ڪري ورتي آهي ۽ اها حڪومت جوڙيندي

باغ (اي پي پي) ڪشمير گلگت بلتستان ۽ سيفران واري وفاقي وزير انجنيئر امير
مقام چيو آهي ته آزاد جمون ڪشمير جي
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

مڪ گڏيل دفاعي معاهدو ملڪي تاريخ جو اهم سنگ ميل آهي: بلاول ڀٽو

معاهدو سعودي عرب، پاڪستان ۽ ترڪيه جي مستحڪم ۽ محفوظ مستقبل جي ضمانت آهي

مڪ گڏيل دفاعي معاهدو خطي ۽ عالمي امن لاءِ هڪ تاريخي دستاويز آهي: پ پ چيئرمين

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري مڪ
گڏيل دفاعي معاهدي کي ملڪي تاريخ جو
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

حريت ڪانفرنس پاران نظربند ڪشميرين جي خراب حالت تي ڳڻتي جو اظهار

عالمي برادري ڪشميرين جي غيرقانوني نظربندي ۽ ڏاڍ نوٽيس وٺي: ڪشميري اڳواڻ

سرينگر (اي پي پي) غيرقانوني طور تي
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

آمريڪي رياست يوٽاهه ۾ هيلن ۾ باهه وسائيندڙ هيليڪاپٽر ڪري تباهه

لاس اينجلس (اي پي پي) آمريڪي رياست
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

خطي ۾ امن، استحڪام لاءِ آسيان جي اهم ڪردار کي قدر جي نگاهه سان ڏسون ٿا: اسحاق ڊار

آسيان ڏي اتحاد، يڪجهتي ۽ تعاون جي هن پائيدار جذبي جي عڪاسي ڪري ٿو جنهن قومن کي پاڻ ۾ متحد ڪيو آهي

ڏکڻ اوڀر ايشيائي ملڪن جي تنظيم آسيان علائقائي انضمام ۽ اجتماعي ترقي جي هڪ قابل ذڪر مثال طور سامهون آيو آهي

آسيان سان اسان جي حصيداري پاڪستان جي آسيان ريجنل فورم ۾ فعال شرڪت ذريعي وڌيڪ مستحڪم ٿي

پاڪستان هڪ پرامن، خوشحال ۽ مربوط خطي جي گڏيل ويزن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ آسيان سان ويجهو تعاون جاري رکڻ جي عزم تي قائم آهي

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار
پاڪستان جي حڪومت ۽ عوام طرفان آسيان جي 59هين يوم تاسيس جي موقعي
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پوليس ۽ ڌرين وچ ۾ فائرنگ، هڪ واٽهڙو شهري مارجي ويو

ڪورنگي ناصر جمپ، پرسان پوليس ۽ ڌرين وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

لاهور سميت پنجاب جي مختلف شهرن ۾ زلزلي جا لوڏا

لاهور (اي پي پي) پنجاب جي صوبائي
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

شهيدن ۽ بهادرن جي اعزاز ۾ سول ايوارڊز لاءِ 78 ماڻهن جي نالن جي منظوري

اسلام آباد ۾ گهرو وزير محسن نقوي جي صدارت هيٺ بهادري ايوارڊز بابت خاص ڪميٽي جي اجلاس ۾ ڪيو ويو

ايوارڊز انهن ماڻهن لاءِ مختلف درجابندين ۾ منظور ڪيا ويا، جن اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ ڏکيائين کي منهن ڏيندي غير معمولي جرئت جو مظاهرو ڪيو

شهيدن جون عظيم قربانيون ۽ غازين جي بهادري قومي اثاثو آهن ۽ وطن سان عقيدت جي لازوال ميراث آهي: وفاقي گهرو وزير محسن نقوي

اسلام آباد (اي پي پي) حڪومت ملڪ جي خدمت ۾ قربانيون، جرئت ۽ غير معمولي
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق ۽ ڊپٽي اسپيڪر قومي اسيمبلي سيد غلام مصطفيٰ شاهه سان ملاقات ڪندي

مدينه: وزيراعظم محمد شهباز شريف سعودي عرب جي دوري جي مڪمل ٿيڻ تي روانو ٿي رهيو آهي

عوام لاءِ فرنٽ لائن تي فرض نڀائيندڙ ريسڪيو اهلڪار فخر لائق آهن: گيانچند ايسراڻي

شاهراهه پڊو تي ڊيوٽي تي مقرر فائر فائٽنگ ۽ ريسڪيو 1122 اهلڪارن سان ملاقات

صوبائي صلاحڪار ڊيوٽي تي موجود اهلڪارن جي حوصلا افزائي ڪندي سندن خدمتن کي ساراهيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ ٻن عورتن سميت 8 ڄڻا فوت

نارٿ ۽ ڪارادر جي علائقن مان 40 سال جي شهري ۽ عورت جا ڦاهو لڳل لاش مليا

مختلف وقاعن ۽ حادثن ۾ وڌيڪ 6 ڄڻا فوت ٿي ويا، فائرنگ ۾ پوليس اهلڪار زخمي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ ٻن
عورتن سميت 8 ڄڻا فوت ٿي ويا، فائرنگ
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

واپار واري وزارت پاران برآمدي شعبن جي سپورٽ لاءِ 10 ارب روپين جي منظوري

رقم ڏيڻ جو مقصد صنعتي ليڪويڊٽي جي بهتري ۽ اوسر واري شرح کي هٿي وٺرائڻ آهي: جام ڪمال

ان قدم سان پاڪستان جي برآمدي شعبي کي مضبوط بڻائڻ، صنعت کي سهولت فراهم ڪرڻ مدد ملندي

اسلام آباد (اي پي پي) واپار واري وفاقي وزير جام ڪمال خان اعلان ڪيو آهي ته
واپار واري وزارت ڊيوٽي ڊرابيڪ ۽ ٽيڪنالاجي اپ گريڊيشن اسڪيمن تحت
ٽيڪسٽائل ڪيپٽن جي صنعت ۽ ٻين
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

هنگو ضلعي ۾ انٽيليجنس بنيادن تي آپريشن، 7 دهشتگرد مارجي ويا، ڪيپٽن شهيد

سيڪيورٽي فورسز پارٽي پراڪسي، فتنه الخوارج سان تعلق رکندڙ خوارج جي موجودگي جي اطلاع تي ڪارروائي ڪئي

مارجي ويل دهشتگرد سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن خلاف ڪاررواين سان گڏوگڏ بيگناهه شهرين جي قتل ۾ پڻ سرگرم رهيا: آءِ ايس پي آر

اسان جي بهادر جوانن جون قربانيون، هر قيمت تي پنهنجي قوم جي تحفظ لاءِ اسان جي پختي عزم کي وڌيڪ هٿي ڏين ٿيون

راولپنڊي (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز پارٽي پراڪسي، فتنه الخوارج سان تعلق
رکندڙ خوارج جي موجودگي جي اطلاع تي 7 آگسٽ 2026ع تي هنگو ضلعي ۾
انٽيليجنس بنيادن تي آپريشن ڪيو آ
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ايران- عمان معاهدو آخري مرحلي ۾ داخل ٿيو آهي ۽ سمجهوتو ته آبناءِ هرمز جلد کُلي ويندو: عباس عراقچي

عمان سان ڳالهين ۾ اهم اڳڀرائي ٿي آهي ۽ ٻنهي ملڪن وچ ۾ معاهدو آخري مرحلن ۾ آهي: ايران جو پرڏيهي وزير

فني ۽ قانوني پيچيدگين سبب عارضي رستي تي اتفاق لاءِ ڪوششون ٿي رهيون آهن، آبناءِ هرمز کولڻ ٻين شرطن سان مشروط آهي

عارضي رستي تي اتفاق ڪانپوءِ ان کي مستقبل ۾ آبناءِ هرمز جي مرڪزي رستي جي بنياد طور استعمال ڪري سگهجي ٿو

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي چيو آهي ته عمان سان
ڳالهين ۾ اهم اڳڀرائي ٿي آهي ۽ ٻنهي ملڪن وچ ۾ معاهدو آخري مرحلن ۾ آهي
ايران جو مطلب اهو ناهي ته آبناءِ هرمز ترت
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

صحت، تعليم، روزگار، خوشحالي ۽ عوامي تحفظ کي بهتر بڻائي رهيا آهيون: وڏو وزير

نوجوانن کي عالمي معيشت ۾ مقابلي لاءِ تيار ڪرڻ لاءِ اهڙو ماحول انتهائي ضروري

شاگردن پاڪستان جي سماجي-اقتصادي ترقي ۾ حصو وٺڻ لاءِ اڀرندڙ ٽيڪنالاجيز جو استعمال

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي يو ٽيڪ ۽ الغزالي
يونيورسٽي پاران جدت، عملي سکيا ۽
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

مديني: وزيراعظم محمد شهباز شريف مسجد نبوي ۾ نماز ادا ڪري رهيو آهي

سنڌ ۾ عيدميلادالنبي ﷺ جي موقعي تي امن امان لاءِ سخت سيڪيورٽي پلان جوڙڻ جي هدايت

وڏي وزير جي صدارت هيٺ مختلف مڪتبه فڪر سان لاڳاپيل عالم سڳورن ۽ سينئر سرڪاري آفيسرن جو اجلاس ٿيو

صوبي ۾ ميلاد جي جلوسن ۽ مذهبي گڏجاڻين جي پرامن انعقاد، فول پروف سيڪيورٽي جي هدايت

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڪالهه
مختلف مڪتبه فڪر سان تعلق رکندڙ
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

اسلامي ملڪن طرفان سعودي عرب، پاڪستان ۽ ترڪيه وچ ۾ مڪ دفاعي معاهدي جي آجيان

7 آگسٽ 2026ع تي پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪيه وچ ۾ مڪ دفاعي معاهدي تي صحيحي ٿي

تقريب ۾ سعودي ولي عهد محمد بن سلمان، ترڪ صدر رجب طيب اردگان ۽ وزيراعظم شهباز شريف، فيلڊ مارشل سيد عاصم منير موجود هئا

معاهدو علائقائي ۽ سلامتي ۽ عالمي واعدن جي پاسداري جي حوالي سان ٽنهي ملڪن جي رڪارڊ جي عڪاسي ڪري ٿو: اڳواڻ

اسلام آباد (اي پي پي) اسلامي ملڪن طرفان سعودي عرب، پاڪستان ۽ ترڪيه
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ڏوهارين خلاف آپريشن دوران هنگامي ڦهلاءَ فائرنگ، هوٽل مالڪ سميت 33 ڄڻا گرفتار

شفيق موڙ تي اينٽي انڪروچمينٽ جي آپريشن دوران مجرمن ماڻهن پاران سخت مزاحمت ۽ هنگامو ڪيو ويو

فائرنگ ۽ پٿراءَ جي نتيجي ۾ پوليس ۽ سول انتظاميا جا اهلڪار زخمي ٿي پيا، علائقي ۾ ڇڪتاڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ شفيق
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

40 ع ورهيه ڍڳا ختم ڪرڻ جي ڪوشش ٿي ته سنڌ پنهنجي مستقبل جو فيصلو ڪرڻ ۾ آزاد هوندي: ايڪشن ڪميٽي

ايس يو پي قائد مقام صدر روشن برڙو جي صدارت هيٺ سنڌ ايڪشن ڪميٽي جو اجلاس ڄامشورو ۾ ٿيو

سنڌ جي وحدت، جاگرافيائي وحدت ۽ خودمختياري خلاف ڪنهن به قدم کي قبول نه ڪيو ويندو: نياز ڪالاڻي

ڄامشورو (د ر) سنڌ ايڪشن ڪميٽي جي
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب، پاڪستان ۽ ترڪيه وچ ۾ مڪ دفاعي معاهدي او آءِ سي پاران نيڪ خواهشن جو پيغام

اسلام آباد (اي پي پي) اسلامي تعاون
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

سينيٽ چيئرمين پاران مڪ گڏيل دفاعي معاهدي جي آجيان

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

سڄي ملڪ ۾ گڏز ٽرانسپورٽرن جي هڙتال شروع، پنجاب جي وزير بلال اڪبر جي استعيفيٰ جو مطالبو

گڏز ٽرانسپورٽ الائنس جي صدر ملڪ شهزاد اعوان ملڪ گير هڙتال شروع ڪرڻ جو اعلان ڪيو

ٽرانسپورٽرن جا جائز مطالبا فوري طور تي منظور ڪيا وڃن، ٻئي صورت ۾ هڙتال جاري رهندي

اي چالان جي نالي تي زيادتي ڪئي پئي وڃي، سڀني صوبن جي گورنر هائوسز ڏانهن مارچ ڪنداسين: پريس ڪانفرنس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آل پاڪستان گڏز ٽرانسپورٽ الائنس پاران اعلان ڪيل ملڪ گير ڦيٿي واري هڙتال ڇنڇر ڏينهن کان سڄي پاڪستان ۾ شروع ٿي وئي آهي ۽
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پاڪستان سعودي عرب ۽ ترڪي ۾ شاهه ٿيڻ بعد جهنڊا جهولايا ويا آهن

مڪ گڏيل دفاعي معاهدو اعتماد، دفاعي تعاون ۽ گڏيل سلامتي جي عزم جو تاريخي سنگ ميل آهي: ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري

اسلام آباد (اي پي پي) پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو آهي ته پاڪستان سعودي
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

[redacted]

انجنيئر امير مقام چيو آهي ته آزاد جمون ڪشمير جي عوام پنهنجو واضح فيصلو پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي حق ۾ ڏئي چڪو آهي ۽ انشاء الله مسلم ليگ (ن) آزاد ڪشمير ۾ ايندڙ حڪومت ٺاهيندي. چنچر تي باغ ۾ 10 آگسٽ تي ٿيندڙ چونڊن جي سلسلي ۾ مسلم ليگ (ن) جي هڪ وڏي چونڊ جلسي کي خطاب ڪندي وفاقي وزير انجنيئر امير مقام پاڪستان پيپلز پارٽي پاران چونڊن ۾ ڌانڌلي جي الزامن کي رد ڪندي چيو ته صرف الزام لڳائڻ سان ڪجهه به حاصل نه ٿيندو پيپلز پارٽي کي عوام جي فيصلي جو احترام ۽ ان جو سياسي تجزيو ڪرڻ گهرجي. وفاقي وزير چيو ته چونڊ نتيجا عوام جا مسلم ليگ (ن) جي صدر محمد نواز شريف، وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ وزيراعليٰ پنجاب تي اعتماد ۽ مسلم ليگ (ن) جي ترقياتي عوامي خدمت جي ڪارڪردگي جو مظهر هوندو. هن چيو ته آزاد ڪشمير جو عوام سياسي شعور رکي ٿو ۽ هو سياسي پارٽين جي ماضي جي ڪارڪردگي موجوده طرز عمل ۽ مستقبل جي پروگرامن کي نظر ۾ رکندي پنهنجو فيصلو ڪن ٿيون. گلگت بلتستان جي سياسي صورتحال جو حوالو ڏيندي انجنيئر امير مقام چيو ته مسلم ليگ (ن) اتي به حڪومت ٺاهڻ جي پوزيشن ۾ هئي جڏهن ته پارٽي جمهوري روايتن جو احترام ڪندي پيپلز پارٽي کي حڪومت ٺاهڻ جو موقعو ڏنو. چاڪاڻ ته ان کي وڌيڪ ووٽ پيا هئا. جڏهن ته مسلم ليگ (ن) جا ميمبر به ان عمل جي حمايت ڪن ٿا. انجنيئر امير مقام چيو ته سياسي ويچا ۽ عوامي شڪايتن جو حل احتجاج ۽ ٽڪراءَ بدران ڳالهين ذريعي ڪيڻ گهرجي. هن چيو ته هو ۽ راڻا ثناء الله ڪشمير عوام جي قيادت ۽ ڀلائي بابت مسئلن جي حل لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهندا. وفاقي وزير ان اعتماد جو اظهار ڪيو ته مسلم ليگ (ن) آزاد ڪشمير ۾ واضح پوزيشن حاصل ڪري ورتي آهي ۽ انشاء الله ايندڙ حڪومت جوڙيندي. جڏهن ته باغ جو عوام 10 آگسٽ تي ووٽ ذريعي پارٽي جي مينڊيٽ کي وڌيڪ مضبوط ڪندو. هن ورڪرن تي زور ڀريو ته هو 10 آگسٽ تي وڏي انگ ۾ گهرن مان نڪري مسلم ليگ (ن) جي اميدوار کي ڪامياب بڻائين ته جيئن باغ ۾ ايندڙ حڪومت ۽ ترقياتي عمل جو حصو بڻجي سگهي. ٻئي طرف وزيراعظم جي صلاحڪار راڻا ثناءُ الله ۽ گلگت بلتستان واري وفاقي وزير انجنيئر امير مقام چيو آهي ته پاڪستان ۽ ڪشمير جو رشتو لازوال آهي. وفاقي حڪومت ڪشميري عوام کي ڪڏهن به اڪيلو نه ڇڏيندي. جڏهن ته 10 آگسٽ تي مسلم ليگ (ن) جي اميدوار کي ڪامياب بڻائي علائقي جي ترقي ۽ عوامي مسئلن جي حل جي راهه هموار ڪئي وڃي. اهڙو اظهار هنن ڏير ڪوٽ ۾ مسلم ليگ (ن) جي اميدوار راجا فضل آزاد جي حق ۾ چونڊ جلسي کي خطاب ڪندي ڪيو. وزيراعظم جي صلاحڪار راڻا ثناء الله ۽ وفاقي وزير انجنيئر امير مقام آزاد ڪشمير قانون ساز اسيمبلي جي حلقي ايل اي 14 ڏير ڪوٽ غربي باغ ۾ پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي اميدوار راجا فضل آزاد جي حق ۾ منعقد هڪ وڏي چونڊ جلسي کي خطاب ڪيو. ٻنهي اڳواڻن جو جلسي گاهه تي پهچڻ تي مقامي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن شاندار استقبال ڪيو. پنهنجي خطاب ۾ راڻا ثناء الله چيو ته پاڪستان ۽ ڪشمير جو رشتو لازوال آهي. جڏهن به ڪو ڪشميري اسان ڀائر آهيون جو نعرو لڳائي ٿو ته پاڪستان جو 25 ڪروڙ عوام جي دل اوهان سان گڏ ڌڙڪي ٿي. هن چيو ته پاڪستان ۾ لکين ڪشميري مختلف شعبن ۾ ڪاميابي سان ڪاروبار ڪري رهيا آهن ۽ فيصل آباد ۾ واپار ۾ به ڪشميري واپارين جو نمايان ڪردار آهي. هن چيو ته ڪشمير کان سواءِ پاڪستان جو تصور نامڪمل آهي ۽ پاڪستان ڪشميري عوام کي ڪڏهن به اڪيلو نه ڇڏيندو. سندس چوڻ هو ته هاڻوڪي ڇڪتاڻ دوران پاڪستان جي هٿياربند فوج ڀارت کي موثر جواب ڏنو جنهن کان پوءِ ڀارت سڌي ريت مقابلي بدران پاڪستان ۽ ڪشميري عوام وچ ۾ غلط فهميون پيدا ڪرڻ جون ڪوششون تيز ڪري ڇڏيون. راڻا ثناء الله چيو ته وزيراعظم شهباز شريف جي حڪومت آزاد ڪشمير لاءِ 23 ارب روپين جو خصوصي پيڪيج منظور ڪيو جڏهن ته ڪٽڪ تي سبسڊي پڻ مسلم ليگ (ن) جي حڪومت فراهم ڪئي. هن چيو ته ڪشميري هڪ باوقار ۽ باصلاحيت قوم آهي ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ پابندي مؤهيل ايڪشن ڪميٽي کي درخواست ڪئي هئي ته لانگ مارچ ملتوي ڪري چونڊ عمل کي مڪمل ٿيڻ ڏنو وڃي ته جيئن نئين اسيمبلي جي قيام کان پوءِ سمورا معاملا گڏيل مشاورت سان حل ڪري سگهجن. هن يقين ڏياريو ته وفاقي حڪومت ۽ پاڪستان جو عوام هر مشڪل وقت ۾ ڪشميري عوام سان گڏ بيٺل آهي. هن چيو ته وزيراعظم شهباز شريف آزاد ڪشمير ۾ 5 دانش اسڪول قائم ڪرڻ جي منظوري ڏني. 10 آگسٽ تي مسلم ليگ (ن) جي اميدوار کي ڪامياب ڪري پنهنجي موثر نمائندگي کي يقيني بڻايو. ان موقعي تي خطاب ڪندي انجنيئر امير مقام چيو ته مسلم ليگ (ن) جي قيادت هميشه آزاد ڪشمير جي ترقي ۽ عوام ڀلائي کي ترجيح ڏني آهي. آئينده به اهو سفر جاري رهندو. هن چيو ته مسلم ليگ (ن) جو قائد محمد نواز شريف آزاد ڪشمير جي ترقي لاءِ خصوصي دلچسپي رکي ٿو جڏهن ته وزيراعليٰ پنجاب مريم نواز به پنجاب وانگر ترقياتي منصوبا آزاد ڪشمير ۾ متعارف ڪرائڻ جي خواهشمند آهي. هن چيو ته مسلم ليگ (ن) جي اميدوار راجا فيصل آزاد جي ڪاميابي علائقائي جي ترقي بنيادي سهولتن جي فراهمي ۽ عوامي مسئلن جي حل ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي. هن ورڪرن تي زور ڀريو ته هو 10 آگسٽ تي مسلم ليگ (ن) جي حق ۾ ووٽ ڏئي پنهنجي علائقي جي ترقي ۽ خوشحالي جي سفر کي وڌيڪ مضبوط بڻائين

[redacted]

تي آسيان جي ميمبر ملڪن جي حڪومتن ۽ عوام کي مبارڪون ڏنيون آهن. پرڏيهي آفيس موجب نائب وزيراعظم آسيان ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ آسيان جي سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر ڪاڪم هورن کي به آسيان جي علائقائي تعاون، استقامت ۽ خوشحالي جي ويزن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ سندس مثالي قيادت ۽ ثابت قدم ڪوشش تي مبارڪون ڏنيون آهن. هن چيو ته آسيان ڊي اتحاد، يڪجهتي ۽ تعاون جي هن پائيدار جذبي جي عڪاسي ڪري ٿو جنهن ۾ ڏکڻ اوڀر ايشيا جي قومن کي پاڻ ۾ متحد ڪيو آهي. نائب وزيراعظم چيو ته پاڪستان آسيان جي دوستن سان هن اهم ڏينهن جي ياد ملهائيندي خطي سان پنهنجي پراڻي دوستي ۽ حصيداري جي عزم کي ورجائي ٿو. هن چيو ته ڏکڻ اوڀر ايشيائي ملڪن جي تنظيم آسيان علائقائي انضمام ۽ اجتماعي ترقي جي هڪ قابل ذڪر مثال طور سامهون آيو آهي. جنهن اقتصادي ترقي سماجي هم آهنگي ۽ سفارتي رابطن جي شعبن ۾ نمايان ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن. هن چيو ته پاڪستان پئسيفڪ خطي ۾ امن، استحڪام ۽ خوشحالي کي هٿي وٺائڻ ۾ آسيان جي اهم ڪردار کي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿو. آسيان ڊي علائقائي تعاون جي اهميت کي ورجائڻ سان گڏوگڏ ڏکڻ اوڀر ايشيا جي ڀرپور ثقافتي رنگن ۽ تاريخي ورثي کي اجاگر ڪرڻ جو موقعو پڻ فراهم ڪري ٿو. هن چيو ته آسيان سان پاڪستان جا لاڳاپا گڏيل احترام، عدم مداخلت ۽ تعميري رابطن لاءِ اسان جي گڏيل وابستگي تي ٻڌل آهن. نائب وزيراعظم چيو ته پاڪستان آسيان جي اڳواڻي ۾ قائم ڳالهين جي مختلف طريقيڪار ۾ فعال شرڪت ڪئي آهي ۽ هو گڏيل دلچسپي جي شعبن، واپار، سيڙپڪاري، تعليم، ثقافت ۽ عوامي رابطن ۾ تعاون کي هٿي ڏيڻ لاءِ پرعزم آهي. هن چيو ته آسيان سان اسان جي حصيداري پاڪستان جي آسيان ريجنل فورم ۾ فعال شرڪت ذريعي وڌيڪ مستحڪم ٿي جتي اسان علائقائي امن، سلامتي ۽ تعاون کي هٿي وٺائڻ لاءِ اجتماعي ڪوشش ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهيون. نائب وزيراعظم چيو ته وڌندڙ عالمي چئلينجز ۽ غير يقيني واري صورتحال جو موجوده دور ۾ آسيان جي اتحاد ۽ ڳالهين، گڏيل مفاهمت ۽ پرامن تعاون لاءِ هن جو ثابت قدم عزم خاص طور تي ساراهه جوڳو آهي. هن چيو ته پاڪستان کي پڪو يقين آهي ته جامع ڳالهيون، گڏيل اعتماد ۽ عالمي تعاون گڏيل چئلينجز کي منهن ڏيڻ جا موثر ترين ذريعا آهن. ان لاءِ اسان علائقائي امن، استحڪام، خوشحالي ۽ پائيدار ترقي کي هٿي وٺائڻ لاءِ آسيان جي جاري ڪوششن جي ڀرپور حمايت ڪيون ٿا. هن چيو ته آسيان علائقائي انضمام ۽ ڪميونٽي سازي جي سفر کي جاري رکيو پيو اچي جڏهن ته پاڪستان هڪ پرامن خوشحال ۽ مربوط خطي جي گڏيل ويزن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ آسيان سان ويجهو تعاون جاري رکڻ جي عزم تي قائم آهي

[redacted]

ڪورنگي ناصر جمپ، پي اين ٽي ڪالوني گيٽ نمبر 5 پرسان پوليس ۽ ڌرين وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ ڄڻو مارجي ويو. پوليس موجب مارجي ويل شخص جي سڃاڻپ 38 ورهين جي عبيدالله جي نالي سان ٿي آهي جيڪو مبينا طور ڌرين جي فائرنگ جي زد ۾ اچي مارجي ويو. لاش کي ڇهيپا جي رضاڪارن ضابطي جي ڪارروائي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو جڏهن ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي.

[redacted]

گادي واري هنڌ لاهور سميت پنجاب جي مختلف شهرن ۾ زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا. ريڪٽر اسڪيل تي زلزلي جي شدت 4.5 رڪارڊ ڪئي وئي. پي ڊي ايم اي ترجمان مطابق زلزلي جو مرڪز منڊي بهاءُ الدين کان 18 ڪلو ميٽر پري اتر اوڀر ۾ هو. زلزلي جي اونهائي 12 ڪلوميٽر زمين هيٺ هئي. زلزلي سبب شهرين ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو ۽ ماڻهو گهرن کان ٻاهر نڪري آيا.

[redacted]

بهادري جي ڪارنامن جي اعتراف ۾ 78 ڄڻن کي سول ايوارڊز ڏيڻ جي منظوري ڏني آهي. اهو فيصلو چنچر ڏينهن اسلام آباد ۾ گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي جي صدارت هيٺ بهادري ايوارڊز بابت خاص ڪميٽي جي اجلاس ۾ ڪيو ويو. گهرو وزارت مطابق اهي ايوارڊز انهن ماڻهن لاءِ مختلف درجابندين ۾ منظور ڪيا ويا، جن اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ ڏکيائين کي منهن ڏيندي غير معمولي جرئت جو مظاهرو ڪيو. اجلاس کي خطاب ڪندي محسن نقوي چيو ته هي هڪ قومي ذميواري آهي ته ملڪ لاءِ پنهنجي جان قربان ڪندڙن ۽ وطن جي خدمت ۾ غير معمولي بهادري جو مظاهرو ڪندڙن کي سڃاتو وڃي ۽ سندن حوصلہ افزائي ڪئي وڃي. هن چيو ته ملڪ شهيدن ۽ غازين جو سندن لازوال قربانين جو مقروض آهي. هن چيو ته شهيدن جون عظيم قربانيون ۽ غازين جي بهادري قومي اثاثو آهن ۽ وطن سان عقيدت جي لازوال ميراث آهي. اجلاس ۾ مملڪتي وزير سينيٽر طلال چوڌري، وفاقي گهرو سيڪريٽري، ڊي جي ايف آءِ اي، ايڊيشنل سيڪريٽري ڪابينا ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي. چئني صوبن جي نمائندن به وڊيو لنڪ ذريعي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي ۽ تجويز ڪيل ايوارڊز تي ڳالهين ۾ حصو ورتو. واضح رهي ته 78 سول ايوارڊز جي منظوري حڪومت پاران قربانين ۽ بهادري جي ڪمن ۾ باضابطا طور تسليم ڪرڻ جي عزم جي عڪاسي ڪري ٿي ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ آهي ته ملڪ لاءِ غير معمولي خدمتون انجام ڏيندڙن جي خدمتن کي قومي سطح تي اعزاز سان نوازيو وڃي.

[redacted]

جي بحالي کاتي واري صلاحڪار گيانچند ايسراڻي شاهراهه ڀٽو تي ڊيوٽي تي مقرر فائر فائٽنگ اسٽاف ۽ سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو سروس 1122 جي اهلڪارن سان ملاقات ڪئي ۽ سندن فرضن، هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪيل انتظامن ۽ ايمرجنسي دوران فوري ڪارروائي بابت معلومات حاصل ڪئي. صلاحڪار گيانچند ايسراڻي ڊيوٽي تي موجود اهلڪارن جي حوصلا افزائي ڪندي سندن خدمتن کي ساراهيو. هن چيو ته هنگامي حالتن دوران شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ ريسڪيو اهلڪارن جي بروقت ڪارروائي، فرض شناسي، جذبو ۽ پيشورانه خدمتون قابل تعريف آهن. گيانچند ايسراڻي چيو ته عوام جي تحفظ لاءِ فرنٽ لائن تي پنهنجا فرض سرانجام ڏيندڙ اهلڪار سنڌ حڪومت لاءِ فخر جو سبب آهن. اهي اهلڪار هر هنگامي صورتحال ۾ پنهنجي ذميوارين کي انتهائي ذميواري ۽ بهادري سان نڀائي رهيا آهن. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت طرفان شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ ايمرجنسي سروسز کي وڌيڪ بهتر ۽ فعال بڻايو پيو وڃي. صلاحڪار چيو ته ڪنهن به هنگامي صورتحال ۾ فوري، مؤثر ۽ منظم رسپانس کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو ويندو. جيئن ڪنهن به حادثي يا ايمرجنسي دوران شهرين کي بروقت امداد فراهم ڪري سگهجي

[redacted]

۾ پوليس اهلڪار زخمي ٿي پيو. اجمير نگر ٿاڻي جي حد نارٿ ڪراچي سيڪٽر 5 سي اعليٰ محمد امام بارگاهه جي ويجهو گهر مان ٿاهو 40 سالن جي وقار ولد اياز جو لاش مليو. ڪارادر ٿاڻي جي حد بخاري شاهه مزار جي ويجهو چاند ستارا بلڊنگ مان 23 سالن جي عورت زينب زال ڪاشف جو ٿاهو لڳل لاش مليو آهي. عورت جو لاش ايڌي ايمبولينس جي ذريعي قانوني ڪارروائي جي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. ڪورنگي صنعتي ايريا ٿاڻي جي حد قيوم آباد پي ايس او پمپ جي ويجهو روڊ حادثي ۾ 28 سالن جي عورت معرج زال ڪامران فوت ٿي وئي آهي. ڪورنگي جي علائقي ناصر ڪالوني سيڪٽر 32 ڊي غوثيا مسجد جي ويجهو گٽر ۾ ڪم ڪرڻ جي دوران ساهه ٻوساٽجڻ جي نتيجي ۾ خاڪروب 30 سالن جو لازار ولد عنايت مسيح فوت ٿي ويو. سائٽ ايريا ميٽرووِل آغا خاني فليٽ جي ويجهو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار 25 سالن جو نوجوان محمد عثمان ولد محمد احسن فوت ٿي ويو. لانڍي اسٽيشن جي ويجهو قذافي ٽائون ريلوي ٽريڪ تي ريل گاڏي جي ٽڪر جي نتيجي ۾ 25 سالن جو نوجوان فياض ولد سورتي خان فوت ٿي ويو. شاهراهه فيصل ٿاڻي جي علائقي ملينيم مال جي ويجهو موٽرسائيڪل تان ڪري پوڻ جي نتيجي ۾ 23 سالن جو نوجوان مقدس فوت ٿي ويو. منگهوپير ٿاڻي جي حد اورنگي ٽائون خير آباد جي علائقي مان نامعلوم شخص جو ڦندو ٻڌل لاش مليو. فيروز آباد ٿاڻي جي حد شاهراهه فيصل تي سروس روڊ تي ڪلٽس پيٽرول پمپ جي ويجهو فائرنگ ۾ پوليس اهلڪار ڪانسٽيبل 22 سالن جو سمير حسين ولد آصف حسين زخمي ٿي پيو. زخمي پوليس اهلڪار کي فوري طور تي طبي امداد جي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي.

[redacted]

برآمدي شعبن لاءِ 10 ارب روپين جي منظوري ڏني آهي جنهن جو مقصد صنعتي ليڪويڊٽي جي بهتري ۽ اوسر واري شرح کي هٿي وٺرائڻ آهي. "ايڪس" تي جاري ڪيل بيان ۾ وفاقي وزير جام ڪمال خان چيو ته مون کي اهو ٻڌائيندي ڏاڍي خوشي ٿي رهي آهي ته واپار واري وزارت ٽيڪسٽائل ۽ ڪپڙن سميت ٻين برآمدي شعبن لاءِ ڊيوٽي ڊرا بيڪ ۽ ٽيڪنالاجي اپ گريڊ اسڪيمن لاءِ 10,000 ملين روپين جي منظوري ڏني آهي. هن ان اميد جو اظهار ڪيو ته ان قدم سان صنعت جي ليڪويڊٽي ۾ بهتري ايندي. وفاقي وزير چيو ته ان قدم سان پاڪستان جي برآمدي شعبي کي مضبوط بڻائڻ صنعت کي سهولت فراهم ڪرڻ ۽ پائيدار برآمدي اوسر واري شرح لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪرڻ تي حڪومت جي لڳاتار ڌيان جي عڪاسي ٿئي ٿي.

[redacted]

آءِ ايس پي آر طرفان چنچر ڏينهن جاري پريس رليز موجب آپريشن دوران پاڪ فوج جي هٿياربند جٿن خوارج جي ٺڪاڻي تي موثر انداز ۾ وار ڪيو. مايوسي واري ڪيفيت ۾ خوارج عبادتگاهه جي تقدس کي نظرانداز ڪندي هڪ مسجد اندر پناهه ورتي. فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ ڀارت جي زيراهتمام فتنه الخوارج سان تعلق رکندڙ 7 خارجين کي جهنم پهچايو ويو. جڏهن ته شديد فائرنگ جي ڏي وٺ دوران نارووال سان تعلق رکندڙ 27 سالہ هڪ بهادر آفيسر ڪيپٽن حمزه اڪرم جيڪو فرنٽ کان پنهنجي فوج جي قيادت ۽ خوارج جو لاڳيتو پيڇو ڪري رهيو هو بهادري سان وڙهندي پنهنجي جان جي قرباني ڏيندي شهادت جو رتبو حاصل ڪيو. آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته مارجي ويل خارجين وٽان اسلحو ۽ گولابارود پڻ برآمد ڪيو ويو آهي. خوارج سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن خلاف دهشتگردي جي ڪيترين ئي ڪارروايئن سان گڏوگڏ بيگناهه شهرين جي قتل ۾ پڻ سرگرم رهيا. علائقي ۾ موجود ڪنهن به ٻئي ڀارتي اسپانسرڊ خارجي کي ختم ڪرڻ کي سينيٽائيزيشن آپريشن ڪيو پيو وڃي. آءِ ايس پي آر ان عزم جو ورجاءُ ڪيو آهي ته پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن طرفان ويڙهه "عزم استحڪام" تحت دهشتگردي جي روڪٿام واري مسلسل مهم پوري رفتار سان جاري رهندي ته جيئن دهشتگردي جو خاتمو آڻي سگهجي. آءِ ايس پي آر چيو آهي ته اسان جي بهادر جوانن جون قربانيون هر قيمت تي پنهنجي قوم جي تحفظ لاءِ اسان جي پختي عزم کي وڌيڪ هٿي ڏين ٿيون

[redacted]

ڪلي ويندو عباس عراقچي موجب، آبناءِ هرمز سان گڏ گذرندڙ ٽريفڪ جي رستي، قانوني طريقيڪار ۽ انتظام بابت عمان سان ڳالهيون جاري آهن. جڏهن ته فني ۽ قانوني پيچيدگين سبب عارضي رستي تي اتفاق لاءِ ڪوششون ٿي رهيون آهن. هن چيو ته آبناءِ هرمز کولڻ ٻين شرطن سان مشروط آهي جن ۾ آمريڪا طرفان "اسلام آباد مفاهمتي ڏاڍ" جي پيچڪڙين جو ازالو ۽ هرجاڻو ادا ڪرڻ پڻ شامل آهي. ايراني پرڏيهي وزير چيو ته عارضي رستي تي اتفاق ڪائيو ان کي مستقبل ۾ آبناءِ هرمز جي مرڪزي رستي جي بنياد طور استعمال ڪري سگهجي ٿو. واضح رهي ته ان کان اڳ پاسداران انقلاب اعلان ڪيو هو ته آبناءِ هرمز تيستائين نه کوليو ويندو جيستائين آمريڪا ايران جون سموريون شرطون قبول نه ڪندو.

[redacted]

ٽيڪنالاجيڪل اڳڀرائي کي هٿي ڏيڻ جي ساراهه ڪئي ۽ شاگردن تي زور ڀريو ته هو حقيقي دنيا جي چئلينجن کي منهن ڏيڻ ۽ پاڪستان جي سماجي-اقتصادي ترقي ۾ حصو وجهڻ لاءِ ايرنڊ ٽيڪنالاجيز جو استعمال ڪن. جي يو ٽيڪ جي دوري دوران شاگردن، فئڪلٽي ميمبرن ۽ يونيورسٽي جي قيادت کي خطاب ڪندي، وڏي وزير تعليم کي قوم جي تعمير جو سنگ بنياد قرار ڏنو ۽ چيو ته اعليٰ تعليم جي ادارن کي روايتي تدريس کان اڳتي وڌيڪ ڪم ڪرڻ گهرجي ته جيئن اهڙا جدت پسند، ڪاروباري ماهر ۽ مسئلا حل ڪندڙ پيدا ٿين جيڪي تيزي سان بدلجندڙ دنيا جي ضرورتن کي پورو ڪري سگهن. هن چيو ته پاڪستان جو مستقبل اهڙي نسل تي منحصر آهي جيڪو علم کي ڪردار سان، جدت کي ذميواري سان ۽ امنگن کي عوامي خدمت سان گڏائي. وڏي وزير يونيورسٽي جي تخليقيت، تحقيق، ڪاروباريت ۽ عملي سکيا تي توجهه جي ساراهه ڪندي چيو ته نوجوانن کي عالمي معيشت ۾ مقابلي لاءِ تيار ڪرڻ لاءِ اهڙو ماحول انتهائي ضروري آهي. هن وڌيڪ چيو ته جديد ڪيمپس، شاگردن جي اڳواڻي ۾ هلندڙ منصوبا ۽ جدت پسند اڪيڊمڪ ڪلچر الغزالي يونيورسٽي جي معياري تعليم ۽ ڪميونٽي جي ترقي لاءِ عزم جي عڪاسي ڪن ٿا. ٽيڪنالاجي جي تبديل ڪندڙ ڪردار کي نمايان ڪندي وڏي وزير چيو ته مصنوعي ذهانت، آٽوميشن، روبوٽڪس، ڊيٽا سائنز ۽ ڊجيٽل ڪنيڪٽيويٽي سڄي دنيا ۾ معيشتن ۽ سماجن کي نئون رخ ڏئي رهيا آهن. تنهن هوندي، هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ٽيڪنالاجي جو استعمال زندگين کي بهتر بڻائڻ، برادرين کي مضبوط ڪرڻ ۽ هر ڪنهن کي شامل ڪندڙ ترقي کي هٿي ڏيڻ لاءِ ٿيڻ گهرجي. هن شاگردن کي اهڙا حل تيار ڪرڻ جي حوصلا افزائي ڪندي چيو ته ٽيڪنالاجي جو اصل قدر انساني ضرورتن کي پورو ڪرڻ، سماجي مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ پائيدار ترقي ۾ حصو وجهڻ جي صلاحيت ۾ آهي. جيڪي سماج کي فائدو پهچائين ۽ مستقبل جي نسلن لاءِ موقعا پيدا ڪن. وڏي وزير يونيورسٽي جي مختلف علمي شعبن جي پڻ ساراهه ڪئي، جنهن ۾ ڪمپيوٽر سائنس، ڊيٽا سائنس ۽ مصنوعي ذهانت، انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي، قانون، تعليم، بزنس ۽ مئنيجمينٽ، اسلامڪ بينڪنگ ۽ فنانس ۽ اسلامي اڀياس جا پروگرام شامل آهن. هن چيو ته اهڙا شعبا ڪيترن ئي شعبن ۾ قومي ترقي ۾ حصو وٺڻ جي صلاحيت رکندڙ ڀرپور مڪمل پروفيشنلز پيدا ڪرڻ لاءِ اهم آهن. صوبائي حڪومت جي تازي پاليسي قدمن جو ذڪر ڪندي وڏي وزير چيو ته سنڌ ڪابينا چار ٽاسڪ فورسز جوڙيون آهن جيڪي ماحوليات، پاڻي ۽ سنڌ طاس معاهدي سان لاڳاپيل معاملن، معيشت، ۽ مصنوعي ذهانت ۽ ڊيٽا سائنسز تي ڌيان ڏئي رهيون آهن. هن الغزالي يونيورسٽي کي مصنوعي ذهانت ۽ ڊيٽا سائنسز ٽاسڪ فورس ۾ شامل ڪرڻ لاءِ هڪ يا ٻه لائق پروفيشنلز کي نامزد ڪرڻ جي دعوت ڏيندي چيو ته اڪيڊمي کي عوامي پاليسي ۽ ٽيڪنالاجيڪل ڪم ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. وڏي وزير صوبائي انفارميشن ٽيڪنالاجي ڪميٽي جي قيام تي پڻ روشني وڌي جنهن جو مقصد ڊجيٽل تبديلي کي تيز ڪرڻ ۽ ٽيڪنالاجي جي شعبي ۾ موقعا پيدا ڪرڻ آهي. هن يونيورسٽي تي زور ڀريو ته اها انڊسٽري ۽ اڪيڊمي جي لاڳاپن کي مضبوط ڪرڻ ۽ جدت تي ٻڌل ترقي کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڪميٽي سان تعاون ڪري. عوامي خدمت جي حوالي سان ڳالهائيندي هن چيو ته هو سنڌ جي عوام جي خدمت ڪرڻ جي موقعي کي هڪ اعزاز ۽ ذميواري سمجهي ٿو. هن چيو مون کي يقين آهي ته مون تي رکيل اعتماد لاءِ مان خدا جي اڳيان جوابده هوندس. تنهن ڪري، مان صحت جي سهولتن، تعليم، روزگار جي موقعن، خوشحالي ۽ عوامي تحفظ ۽ سيڪيورٽي کي بهتر بڻائي صوبي جي عوام جي خدمت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان. ان کان اڳ پرو چانسلر ڊاڪٽر ذيشان احمد جامعه الرشيد، الغزالي يونيورسٽي ۽ جي يو ٽيڪ جي سفر ويزن ۽ حاصلات بابت تفصيلي پريزنٽيشن ڏني. هن اداري جي ان مشن کي نمايان ڪيو جيڪو سچائي انصاف ۽ انسانيت جي خدمت جي اصولن تي ٻڌل انتهائي صلاحيتن وارا پروفيشنلز تيار ڪرڻ آهي. پريزنٽيشن ۾ جي يو ٽيڪ جي انڊسٽري تي ٻڌل تعليم، مصنوعي ذهانت ۽ ايرنڊ ٽيڪنالاجين، تحقيق ۽ ترقي (R&D)، ڪاروباريت، جدت ۽ انڪيوبيشن ۽ مستقبل جي ضرورتن مطابق گريجوئيٽس جي تياري تي زور ڏنو ويو. يونيورسٽي جو علمي نظام انڊسٽري پارٽنرشپ، اي آءِ تي ٻڌل سکيا، اسٽارٽ اپ سپورٽ، حقيقي دنيا جي مسئلن جي حل ۽ تحقيق تي ٻڌل علم کي پاڻ ۾ ملائي ٿو. ڊاڪٽر ذيشان وڏي وزير کي آگاهه ڪيو ته جي يو ٽيڪ انڊسٽري جي ضرورتن مطابق پروگرام پيش ڪري ٿي، جن ۾ بي ايس ڪمپيوٽر سائنس، ايم ايس ڊيٽا سائنس ۽ آرٽيفيشل انٽيليجنس ۽ ايم ايس اسلامڪ بينڪنگ اينڊ فنانس شامل آهن جن سان گڏ مصنوعي ذهانت، فن ٽيڪ، هيلٿ ڪيئر ٽيڪنالاجي ۽ سائبر سيڪيورٽي ۾ خاص مهارت جا رستا پڻ آهن. هن يونيورسٽي جي انوويشن اينڊ انڪيوبيشن سينٽر، غزالا فيملي بزنس سينٽر ۽ ڊائريڪٽوريٽ آف لرننگ اينڊ ڊوليپمينٽ کي پڻ نمايان ڪيو جن جو مقصد شاگردن ۾ ڪاروباريت، جدت ۽ پروفيشنل ترقي کي هٿي ڏيڻ آهي. وڏي وزير کي اڪيڊمي، بينڪنگ، ٽيڪنالاجي، سرڪاري ادارن ۽ بين الاقوامي تنظيمن ۾ خدمتون سرانجام ڏيندڙ گريجوئيٽس ۽ ايلومنائي جي ڪاميابين کان آگاهه ڪيو ويو. پريزنٽيشن ۾ نامور ايلومنائي جي ڪارنامن کي پڻ اجاگر ڪيو ويو جن ۾ محقق، يونيورسٽي فيڪلٽي ميمبر، بينڪنگ پروفيشنلز ۽ پاڪستان توڙي ٻاهرين ملڪن ۾ خدمتون سرانجام ڏيندڙ سفارتڪار شامل آهن. شيئر ڪيل اهم ڪاميابين جي ڪهاڻين ۾ هڪ ڊاڪٽر قاضي ثاقب الاسلام جي هئي، جنهن ڏکڻ ڪوريا ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪئي، مٽيريل اينڊ اليڪٽرانڪ سسٽم انجنيئرنگ ۾ پي ايچ ڊي ڪئي. بين الاقوامي جرنلز ۾ ڪافي تحقيقي مقالا شايع ڪرايا ۽ ڪيترائي ريسرچ ايوارڊ حاصل ڪيا. ڊاڪٽر جاويد عبدالغني ۽ ڊاڪٽر رؤف شمس ملڪ پڻ علمي حاصلات کي نمايان ڪيو ۽ جي يو ٽيڪ جي شاگردن ۽ ايلومنائي جي پروفيشنل ڪاميابي کي اجاگر ڪيو. جيڪو قومي ترقي لاءِ ماهر انساني وسيلن پيدا ڪرڻ ۾ اداري جي حصي کي ظاهر ڪري ٿو. وڏي وزير اعليٰ تعليم، ڊجيٽل تبديلي، جدت ۽ ڪاروباريت کي هٿي ڏيڻ لاءِ سنڌ حڪومت جي عزم کي ورجايو ۽ چيو ته تعليم ۽ ٽيڪنالاجي ۾ سيڙپڪاري سنڌ ۽ پاڪستان جي مستقبل ۾ سيڙپڪاري آهي. دوري دوران هن ڪيمپس جي مختلف حصن جو معائنو ڪيو جنهن ۾ جدت ۽ سکيا جون سهولتون شامل هيون ۽ شاگردن جي انهن منصوبن جو جائزو ورتو جيڪي ٽيڪنالاجي ۽ جدت جي عملي استعمال جو مظاهرو ڪري رهيا هئا. هن شاگردن جي تخليقيت، ٽيڪنيڪل مهارت ۽ ڪاروباري جذبي جي ساراهه ڪئي ۽ ڪين اعليٰ معيار لاءِ ڪوششون جاري رکڻ جي حوصلا افزائي ڪئي. وڏي وزير يونيورسٽي جي صلاحيت تي ٻڌل تعليمي فريم ورڪ جي پڻ ساراهه ڪئي، جيڪو قيادت، ڪميونيڪيشن اخلاقي عمل، اسٽريٽجڪ سوچ، جدت، ڪاروباريت، همدردي ۽ ڊاٽي تاثير تي زور ڏئي ٿو — اهي خاصيتون هن جديد دنيا ۾ ڪاميابي لاءِ ضروري قرار ڏنيون. چانسلر مفتي عبدالرحيم پنهنجي خطاب ۾ چيو ته پاڪستان سعودي عرب ۽ ترڪي جي وچ ۾ ايرنڊ اسٽريٽجڪ تعاون ۽ دفاعي پائيداري مسلم امه ۾ وڌيڪ اتحاد ۽ طاقت لاءِ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ويزن ۽ ديرينه ڪوشش جي عڪاسي ڪري ٿي. هن چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان جي ايٽمي پروگرام جو بنياد رکيو هو جنهن ملڪ کي هڪ ايٽمي طاقت بڻجڻ جي قابل بڻايو ۽ مسلم ملڪن ۾ ان جي پوزيشن کي مضبوط ڪيو. چانسلر اعليٰ تعليم ۽ عوامي ڀلائي جي قدمن لاءِ وڏي وزير جي سهڪار جي پڻ ساراهه ڪئي. هن چيو ته مسٽر شاهه يونيورسٽي جي ترقي لاءِ ابراهيم حيدري ويجهو 25 ايڪڙ زمين الاٽ ڪئي هئي ۽ يونيورسٽي کي چارٽر ڏيارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو. هن صحت ۽ تعليم جي شعبن ۾ وڏي وزير جي خدمتن کي پڻ ساراهيو ۽ انهن کي صوبي جي ترقي ۽ انساني وسيلن جي ترقي لاءِ اهم قدم قرار ڏنو. اڳوڻي ڪور ڪمانڊر ڪراچي ليفٽيننٽ جنرل (رٽائرڊ) همايون عزيز جيڪو الغزالي يونيورسٽي جي بورڊ آف گورنرز جو ڊائريڪٽر آهي، اداري پاران مذهبي تعليم کي جديد سائنس ۽ ٽيڪنالاجي سان گڏائڻ جي تعريف ڪئي. هن هن ماڊل کي هڪ ترقي پسند طريقو قرار ڏنو جيڪو شاگردن کي همعصر دنيا جي چئلينجن کي ڪاميابي سان منهن ڏيڻ سان گڏ مختلف شعبن ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ علم مهارتن ۽ اقدار سان ليس ڪري ٿو. شاگردن ۽ فيڪلٽي ميمبرن سان پنهنجي ڳالهه ٻولهه تي اطمينان جو اظهار ڪندي وڏي وزير چيو ته جي يو ٽيڪ ۾ جيڪو جوش، جذبو صلاحيت ۽ وقف هن ڏٺو ان پاڪستان جي نوجوانن ۽ ملڪ لاءِ هڪ روشن، وڌيڪ جدت پسند ۽ خوشحال مستقبل جي تعمير جي صلاحيت تي سندس اعتماد کي وڌيڪ مضبوط ڪيو آهي. دوري جي پڇاڙي ۾ چانسلر پاران شڪريي جي ووٽ سان ٿي.

[redacted]

ناليوارن عالم سڳورن ۽ سينيئر سرڪاري آفيسرن سان گڏ هڪ اجلاس جي صدارت ڪندي 12 ربيع الاول جي انتظامن جو جائزو ورتو ۽ سمورن لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي ته هو سڄي صوبي ۾ ميلاد جي جلوسن ۽ مذهبي گڏجاڻين جي پرامن انعقاد، فول پروف سيڪيورٽي بنا ڪنهن رڪاوٽ جي شهري خدمتن ۽ صفائي سترائي کي يقيني بڻائين. اجلاس ۾ اطلاعات وارو سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ، مقامي حڪومتن وارو وزير ناصر شاهه، گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار، مذهبي معاملن وارو وزير رياض شاهه شيرازي، ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، وڏي وزير جو پرنسپال سيڪريٽري آغا واصف عباس، ايڊيشنل چيف سيڪريٽري گهرو اقبال ميمڻ، سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ وسيم شمشاد، انسپيڪٽر جنرل آف پوليس جاويد عالم اوڍو، ڪمشنر ڪراچي سيد حسن نقوي، ايڊيشنل آئي جي ڪراچي آزاد خان، ڊي آئي جي ٽريفڪ پير محمد شاهه، واٽر ڪارپوريشن جو سي اي او احمد علي صديقي، سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر فواد غفار سومرو، ڪي اليڪٽرڪ ۽ ايس ايس جي سي جي نمائندن سميت ڊويزنل ڪمشنرن ۽ ڊي آئي جيز وڊيو لنڪ ذريعي شرڪت ڪئي. مختلف مڪتبه فڪر جي نمائندگي ڪندڙ ناليوارن عالم سڳورن جن ۾ حاجي حنيف طيب، مفتي رزاق يعقوب عطاري، علامه شاهه عبدالحق قادري، مفتي نذير جان نعيمي، حاجي رفيق پرديسي، مولانا محمد اڪبر درس، علامه لياقت حسين الازهري، مولانا قاضي احمد نوراني، علامه ڊاڪٽر جميل راٺوڙ، علامه مظفر حسين شاهه، صاحبزاده ريحان امجدي نعماني، ثروت اعجاز قادري، مفتي محمد قاسم، شاهد غوري، عاطف حنيف بيلو، علامه شاهه اويس نوراني، مولانا ڪوڪب نوراني اوڪاڙوي، علامه اشرف گورماڻي، مفتي عابد مبارڪ، مولانا سيد اظهر علي شاهه همداني ۽ ٻين پڻ اجلاس ۾ شرڪت ڪئي ۽ عيد ميلاد النبي صلي الله عليه وآله وسلم جي ملهائڻ دوران سيڪيورٽي، شهري سهولتن، صفائي سترائي، ٽريفڪ مئنيجمينٽ ۽ عوامي سهولت بابت پنهنجون تجويزون پيش ڪيون. وڏي وزير مذهبي عالمن جي خيالن ۽ سفارشن تفصيل سان ٻڌيون ۽ سمورن لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي ته سندن خدشن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪيو وڃي. مراد علي شاهه چيو ته عيد ميلاد النبي ﷺ هڪ مقدس موقعو آهي جيڪو انتهائي احترام ۽ عقيدت سان ملهايو ويندو آهي. هي اسان جي اجتماعي ذميواري آهي ته اسان ان ڳالهه کي يقيني بڻايون ته عقيدتمند هڪ پرامن، محفوظ ۽ صاف ماحول ۾ مذهبي سرگرمين ۾ حصو وٺي سگهن. هن ڪي اليڪٽرڪ، ايس ايس جي سي، واٽر ڪارپوريشن ۽ ٻين يوٽيلٽي سروسز فراهم ڪندڙن کي هدايت ڪئي ته اهي انهن علائقن ۾ بجلي، گئس ۽ پاڻي جي اڻ کٽ سپلائي کي يقيني بڻائين جتي مسجدون، جلوس ۽ ميلاد جون گڏجاڻيون منعقد ڪيون وينديون. وڏي وزير چيو ته مسجدن، امام بارگاهن جلوسن جي رستن ۽ مذهبي گڏجاڻين جي جڳهن جي ڀرپاسي ۾ بنيادي خدمتن ۾ ڪا به رڪاوٽ نه هجڻ گهرجي. سمورين يوٽيلٽي ايجنسين کي مڪمل طور تي الرٽ ۽ متحرڪ رهڻ گهرجي. مراد علي شاهه ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن، ميونسپل ڪميٽين، ضلعي انتظاميا، مقامي حڪومتي ادارن ۽ سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ کي پڻ هدايت ڪئي ته اهي 12 ربيع الاول کان اڳ ۽ ان دوران صفائي جي خصوصي مهم شروع ڪن. هن هدايت ڪئي ته صفائي اسان جي ايمان جو حصو آهي. جلوسن جا رستا، آسپاس جا پاڙا ۽ عوامي جايون صاف ستريون رکيون وڃن. نيڪال ۽ سيوريج سان لاڳاپيل ڪي به مسئلا جشن کان اڳ ئي حل ڪيا وڃن. وڏي وزير سڄي سنڌ جي مقامي حڪومتي اختيارين کي حڪم ڏنو ته اهي خراب ٿيل رستن، بند ٿيل نالن، اڀري ويل سيوريج لائنن ۽ ٻين شهري مسئلن جي نشاندهي ڪن ۽ انهن کي درست ڪن جيڪي جشن دوران عوام لاءِ تڪليف جو سبب بڻجي سگهن ٿا. سيڪيورٽي انتظامن بابت مراد علي شاهه پوليس، رينجرز ۽ ضلعي انتظاميا کي هدايت ڪئي ته سمورن جلوسن، گڏجاڻين ۽ مذهبي تقريبن لاءِ جامع سيڪيورٽي قدمن کي يقيني بڻايو وڃي. هن چيو ته شريڪ ٿيندڙن جي حفاظت اسان جي پهرين ترجيح آهي. امن امان لاڳو ڪندڙ عملي جي سخت نگراني ۽ انتظامي طبعيات سان گڏ هڪ مربوط سيڪيورٽي پلان تي عمل ڪيو وڃي. آئي جي پوليس ۽ ٻين آفيسرن اجلاس کي تجويز ڪيل سيڪيورٽي پلان، ٽريفڪ مئنيجمينٽ جي انتظامن ۽ ان موقعي لاءِ قائم ڪيل ڪوآرڊينيشن ميڪانيزم بابت بريفنگ ڏني. وڏي وزير بين المذاهب هم آهنگي ۽ مذهبي رواداري جي اهميت تي زور ڏنو ۽ امن ۽ اتحاد کي هٿي وٺرائڻ ۾ سمورن مڪتبه فڪر جي علمائن جي مثبت ڪردار کي ساراهيو. هن چيو ته اسان جي طاقت اسان جي اتحاد ۾ آهي. پاڪ پيغمبر حضرت محمد ﷺ جو پيغام امن، محبت، رواداري ۽ پائيداري جو آهي. اسان کي انهن قدرن کي برقرار رکڻ گهرجي. ۽ هن مبارڪ موقعي کي وقار ۽ هم آهنگي سان ملهائڻ گهرجي. اجلاس جي پڇاڙي تي مراد علي شاهه سمورن ڊويزنل ڪمشنرن، ڊپٽي ڪمشنرن، پوليس آفيسرن ۽ مقامي حڪومتي ادارن کي هدايت ڪئي ته اهي ويجهي رابطي ۾ رهن ۽ يقيني بڻائين ته سمورا انتظام 12 ربيع الاول کان گهڻو اڳ مڪمل ڪيا وڃن. هن آفيسرن کي مسلسل نگراني برقرار رکڻ ۽ منتظمن توڙي عوام پاران رپورٽ ڪيل ڪنهن به مسئلي کي فوري طور تي حل ڪرڻ جي پڻ هدايت ڪئي.

[redacted]

عوام پنهنجو واضح فيصلو پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي حق ۾ ڏئي چڪو آهي ۽ انشاء الله مسلم ليگ (ن) آزاد ڪشمير ۾ ايندڙ حڪومت ٺاهيندي. چنچر تي باغ ۾ 10 آگسٽ تي ٿيندڙ چونڊن جي سلسلي ۾ مسلم ليگ (ن) جي هڪ وڏي چونڊ جلسي کي خطاب ڪندي وفاقي وزير انجنيئر امير مقام پاڪستان پيپلز پارٽي پاران چونڊن ۾ ڌانڌلي جي الزامن کي رد ڪندي چيو ته صرف الزام لڳائڻ سان ڪجهه به حاصل نه ٿيندو پيپلز پارٽي کي عوام جي فيصلي جو احترام ۽ ان جو سياسي تجزيو ڪرڻ گهرجي. وفاقي وزير چيو ته چونڊ نتيجا عوام جا مسلم ليگ (ن) جي صدر محمد نواز شريف، وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ وزيراعليٰ پنجاب تي اعتماد ۽ مسلم ليگ (ن) جي ترقياتي عوامي خدمت جي ڪارڪردگي جو مظهر هوندو. هن چيو ته آزاد ڪشمير جو عوام سياسي شعور رکي ٿو ۽ هو سياسي پارٽين جي ماضي جي ڪارڪردگي موجوده طرز عمل ۽ مستقبل جي پروگرامن کي نظر ۾ رکندي پنهنجو فيصلو ڪن ٿيون. گلگت بلتستان جي سياسي صورتحال جو حوالو ڏيندي انجنيئر امير مقام چيو ته مسلم ليگ (ن) اتي به حڪومت ٺاهڻ جي پوزيشن ۾ هئي جڏهن ته پارٽي جمهوري روايتن جو احترام ڪندي پيپلز پارٽي کي حڪومت ٺاهڻ جو موقعو ڏنو. چاڪاڻ ته ان کي وڌيڪ ووٽ پيا هئا. جڏهن ته مسلم ليگ (ن) جا ميمبر به ان عمل جي حمايت ڪن ٿا. انجنيئر امير مقام چيو ته سياسي ويچا ۽ عوامي شڪايتن جو حل احتجاج ۽ ٽڪراءَ بدران ڳالهين ذريعي ڪيڻ گهرجي. هن چيو ته هو ۽ راڻا ثناء الله ڪشمير عوام جي قيادت ۽ ڀلائي بابت مسئلن جي حل لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهندا. وفاقي وزير ان اعتماد جو اظهار ڪيو ته مسلم ليگ (ن) آزاد ڪشمير ۾ واضح پوزيشن حاصل ڪري ورتي آهي ۽ انشاء الله ايندڙ حڪومت جوڙيندي. جڏهن ته باغ جو عوام 10 آگسٽ تي ووٽ ذريعي پارٽي جي مينڊيٽ کي وڌيڪ مضبوط ڪندو. هن ورڪرن تي زور ڀريو ته هو 10 آگسٽ تي وڏي انگ ۾ گهرن مان نڪري مسلم ليگ (ن) جي اميدوار کي ڪامياب بڻائين ته جيئن باغ ۾ ايندڙ حڪومت ۽ ترقياتي عمل جو حصو بڻجي سگهي

[redacted]

اهم سنگ ميل قرار ڏيندي چيو آهي ته مڪ گڏيل دفاعي معاهدو هڪ تاريخي اڳڀرائي آهي ان سان اسان جون دفاعي صلاحيتون وڌيڪ مضبوط ٿينديون. پ پ پ سيڪريٽريٽ طرفان جاري بيان ۾ بلاول ڀٽو زرداري چيو ته مڪ گڏيل دفاعي معاهدو سعودي عرب، پاڪستان ۽ ترڪيه جي مستحڪم ۽ محفوظ مستقبل جي ضمانت آهي. هن مڪ دفاعي معاهدي کي ممڪن بڻائڻ ۾ وزيراعظم ۽ فيلڊ مارشل جي ڪوششن کي ساراهيندي چيو ته مڪ گڏيل دفاعي معاهدو خطي ۽ عالمي امن لاءِ هڪ تاريخي دستاويز آهي

[redacted]

ڀارت جي قبضي هيٺ جمون ڪشمير ۾ ڪل جماعتي حريت ڪانفرنس والاريل علائقي ۽ ڀارتي جيلن ۾ نظربند حريت اڳواڻن ڪارڪنن ۽ نوجوانن جي خراب حالت تي گهري ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي. ڪشمير ميڊيا سروس مطابق حريت ڪانفرنس جي ترجمان ايڊووڪيٽ عبدالرشيد سرينگر مان جاري هڪ بيان ۾ گڏيل قومن ۽ انصاف جي عالمي عدالت کان مطالبو ڪيو آهي ته هو ڪشميرين جي غيرقانوني نظربندي ۽ انهن جي منصفاڻي ٽرائل جي عدم فراهمي جو نوٽيس وٺي. هن چيو ته بي جي پي جي ڀارتي حڪومت ڪشميرين کي وڏي پيماني تي سياسي انتقام جو نشانو بڻائي رهي آهي. حريت ڪانفرنس جي ترجمان چيئرمين مسرت عالم بٽ، شبير احمد شاهه، محمد ياسين ملڪ، نعيم احمد خان، آسيه اندرابي، فهميده صوفي، ناهيده نسرين، اياز محمد اڪبر، پير سيف الله، راجه معراج الدين ڪلوال، شاهد اسلام، فاروق احمد ڊار، مولوي بشير عرفاني ۽ ٻين نظربندن جي عزم ۽ همت کي ساراهيندي چيو ته ڪشميرين جون عظيم قربانيون هڪ ڏينهن ضرور رنگ لائينديون

[redacted]

يوڪاهه ۾ ٻيلن ۾ لڳل باهه تي ضابطو آڻڻ جي ڪارروائي دوران باهه وسائيندڙ هڪ هيلي ڪاپٽر ڪري تباهه ٿي ويو. پرڏيهي ميڊيا مطابق آمريڪي فيڊرل ايوي ايشن ايڊمنسٽريشن مطابق آسڪورسڪي ايس - 64 هيلي ڪاپٽر ۾ 2 ڄڻا سوار هئا ۽ اهي مقامي وقت مطابق صبح 10 وڳي يوڪاهه جي علائقي رچ فيلڊ ويجهو حادثي جو شڪار ٿيا. فائر عملدارن مطابق هيلي ڪاپٽر واڄيد ماڻ 2 فائر ويجهو ڪري تباهه ٿيو جيڪا يوڪاهه ۾ 2026ع جي فائر سيزن جي هن وقت ٻئي سڀ کان وڏي جهنگلاتي باهه آهي. عملدارن ٻڌايو ته امدادي اهلڪار فوري طور تي حادثي واري هنڌ روانا ڪيا ويا آهن. جڏهن ته هيلي ڪاپٽر ۾ سوار ٻنهي ڄڻن جي حالت جي باري ۾ فوري طور تي ڪا به ڄاڻ ناهي ملي سگهي

[redacted]

وچ ۾ مڪ دفاعي معاهدي جي آجيان ڪندي چيو ويو آهي ته 7 آگسٽ 2026ع تي پاڪستان سعودي عرب ۽ ترڪيه وچ ۾ مڪ دفاعي معاهدي تي صحيحون ٿيون. معاهدي تي صحيحن واري تقريب ۾ سعودي ولي عهد محمد بن سلمان، ترڪ صدر رجب طيب اردگان ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف، فيلڊ مارشل سيد عاصم منير شريڪ ٿيا. دفاعي معاهدي تي ترڪ صدر رجب طيب اردگان چيو ته اجتماعي دفاع تي ٻڌل هي معاهدو سيڪيورٽي ۽ دفاعي صنعت جي گڏيل منصوبن کي وڌيڪ مضبوط ڪندو. مڪ دفاعي معاهدو ڪنهن ملڪ خلاف ناهي. امن ۽ استحڪام جي خواهشمند سمورن ڀائر ملڪن لاءِ کليل آهي. ترڪ صدر دعا ڪئي ته هي معاهدو اسان جي پوري خطي لاءِ خير برڪت، امن ۽ استحڪام جو ذريعو بڻجي. سعودي پرڏيهي وزير شهزاده فيصل بن فرحان به مڪ دفاعي معاهدي تي مبارڪن وارو پيغام جاري ڪيو ۽ چيو ته مڪ دفاعي معاهدو ٽنهي ملڪن جي امن، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ اهم سنگ ميل آهي. مڪ دفاعي معاهدو خطي جي استحڪام کي متاثر ڪندڙ گڏيل خطرن کي منهن ڏيڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو. اسلامي تعاون تنظيم به سعودي عرب، پاڪستان ۽ ترڪيه وچ ۾ مڪ دفاعي معاهدي کي اهم اڳڀرائي قرار ڏنو. بحرين جي پرڏيهي وزارت به مڪ دفاعي معاهدي جي آجيان ڪئي. بحرين جي پرڏيهي وزارت پاران ٽنهي ڀائر ملڪن جي شاندار دفاعي صلاحيتن ۽عسڪري مهارتن جو اعتراف ڪندي چيو ته معاهدو علائقائي ۽ سلامتي ۽ عالمي واعدن جي پاسداري جي حوالي سان ٽنهي ملڪن جي رڪارڊ جي عڪاسي ڪري ٿو. ٻين ملڪن وانگر يمن به سعودي عرب، ترڪيه ۽ پاڪستان وچ ۾ مڪ دفاعي معاهدي جي ڀرپور حمايت جو اعلان ڪندي چيو ته مڪ دفاعي معاهدو ٽنهي ملڪن ۾ دفاعي تعاون جي اهم اسٽريٽجڪ سنگ ميل ۽ گڏيل خطرن کي منهن ڏيڻ جو مظهر آهي. صوماليه به پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪيه وچ ۾ مڪ گڏيل دفاعي معاهدي کي سلو سنئون قرار ڏنو. صوماليه جي پرڏيهي واري وزارت چيو آهي ته مڪ دفاعي معاهدو گڏيل سيڪيورٽي چئلينجز کي منهن ڏيڻ لاءِ بااعتماد اسٽريٽجڪ حصيداري قائم ڪندو. هي معاهدو علائقائي امن استحڪام ۽ عالمي سيڪيورٽي لاءِ نمايان ڪردار ادا ڪندو. مسجد الحرام ۽ مسجد نبوي صلي الله عليه وسلم جي مذهبي معاملن واري صدر شيخ پروفيسر ڊاڪٽر عبدالرحمان بن عبدالعزيز السديس به مڪ دفاعي معاهدي جي آجيان ڪندي چيو ته مڪ مڪرم جي مقدس ماحول ۾ هن معاهدي جو طئي ٿيڻ خاص اهميت رکي ٿو.

[redacted]

موڙ تي اينٽي انڪروچمينٽ آپريشن دوران مشتعل ماڻهن پاران مزاحمت ۽ هنگامي آرائي جي نتيجي ۾ پوليس ۽ سول انتظاميا جا اهلڪار زخمي ٿي پيا. پوليس موجب مشتعل ماڻهن شاهه ولي الله روڊ ۽ ايف بي ايريا انڊسٽريل روڊ بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جڏهن ته هجوم پاران پوليس تي پٿراءُ ۽ فائرنگ پڻ ڪئي وئي، جنهن سبب صورتحال ڇڪتاڻ واري بڻجي وئي. پوليس جو چوڻ آهي ته مزاحمت دوران ايس ايڇ او حيدري مارڪيٽ عديل احمد جي ڪلهي ۾ فريڪچر ٿيو جڏهن ته ڪانسٽيبل آصف پڻ زخمي ٿيو ان کان علاوه سول انتظاميا جو هڪ اهلڪار به زخمي ٿيو پوليس موجب جوابدار هوٽل مالڪ محمد هاشم سميت جعفر شاهه 4 کان 5 هٿياربند سيڪيورٽي گارڊن سان گڏ واقعي واري هنڌ پهتو ۽ مشتعل ماڻهن کي گڏ ڪري 100 کان وڌيڪ ماڻهن تي ٻڌل هجوم بڻائي ڇڏيو جنهن ڪانيون پوليس سميت 33 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. پوليس موجب واقعي ۾ ملوث ماڻهن خلاف ٿاڻي سمن آباد ۾ دهشتگردي توڙ ايڪٽ سميت مختلف قلمن تحت 2 ڪيس داخل ڪيا ويا آهن جڏهن ته وڌيڪ قانوني ڪارروائي ۽ جاچ جاري آهي

"عبرت" [redacted]

اجلاس ۾ چيو ويو آهي ته جيڪڏهن عملي طور 1940ع واري ٺهراءُ ۽ 1973ع جي آئين کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته سنڌ پنهنجي سياسي مستقبل بابت فيصلو ڪرڻ ۾ آزاد هوندي. سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي قائم مقام صدر روشن علي ٻرڙو جي صدارت هيٺ سنڌ ايڪشن ڪميٽي جو اجلاس جي ايم سيد ايڊيفيس ڄامشورو ۾ ٿيو جنهن ۾ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، سيد مسرور شاهه، نواز خان زئنون، سيد لال شاهه، مظهر راهوجو، سيد نواز شاهه، ڀاڏائي تاج مري، بخشل ٿلهو، ڊاڪٽر بدر چنا، ايڊووڪيٽ ڪي بي لغاري، احمد نواز انقلابي، منير نائچ ۽ نامور صحافي نعمت کهڙو سميت مختلف سياسي، سماجي ۽ قومپرست اڳواڻن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ملڪ جي موجوده سياسي صورتحال جو جائزو وٺندي سنڌ جي وحدت ۽ خودمختياري بابت معاملن تي غور ويچار ڪيو ويو. سنڌ ايڪشن ڪميٽي جي اجلاس ۾ چيو ويو آهي ته جيڪڏهن عملي طور 1940ع واري ٺهراءُ ۽ 1973ع جي آئين کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته سنڌ پنهنجي سياسي مستقبل بابت فيصلو ڪرڻ ۾ آزاد هوندي. سنڌ ايڪشن ڪميٽي جي اجلاس ۾ چيو ويو ته سنڌ جي وحدت، جاگرافيائي وحدت ۽ خودمختياري خلاف ڪنهن به قدم کي قبول نه ڪيو ويندو ۽ اهڙي ڪوشش خلاف سخت مزاحمت ڪئي ويندي. اجلاس ۾ وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ۽ ڊي جي آءِ ايس پي آر ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري جي صوبن بابت بيانن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي وئي. جاري ڪيل پڌرائي موجب، اجلاس ۾ چيو ويو ته سنڌ 6 ڪروڙ سنڌين جو ناقابل تقسيم تاريخي وطن آهي. جنهن جي وحدت ۽ خودمختياري خلاف ڪنهن به قدم جي سخت مزاحمت ڪئي ويندي. سنڌ ايڪشن ڪميٽي مطالبو ڪيو ته 26هين ۽ 27هين آئيني ترميمن کي ختم سياسي قيدين کي آزاد ۽ ملڪ ۾ شفاف چونڊون ڪرايون وڃن. جڏهن ته حڪومت کان استعيفيٰ جو پڻ مطالبو ڪيو ويو. اجلاس ۾ تجويز ڪيل 28هين آئيني ترميم بابت خدشن جو اظهار ڪندي چيو ويو ته اهڙي ترميم سان سنڌ جي وحدت، ناٿي درياهه، ساحلي پٽي معدنيات ۽ زمينن بابت خدشا پيدا ٿي رهيا آهن. تنهنڪري ان کي فوري طور واپس ورتو وڃي. سنڌ ايڪشن ڪميٽي سنڌ اسيمبلي کان مطالبو ڪيو ته نون صوبن بابت بحث خلاف سنڌ اسيمبلي بيهر هنگامي اجلاس سڏائي ٺهراءُ پاس ڪرايو وڃي. اجلاس ۾ سنڌو درياهه تي نون ڪئنالن ۽ ڊيمن جي مبينا منصوبن جي پڻ مخالفت ڪئي وئي ۽ چيو ويو ته 1991ع جي پاڻي ڊاهه جي ڀڃڪڙي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي. سنڌ ايڪشن ڪميٽي واضح ڪيو ته هو بلدياتي نظام ۽ اختيارن جي هيٺين سطح تائين منتقلي جي خلاف نه آهن، پر آرٽيڪل 140 تحت اهڙي نظام جي مخالفت ڪن ٿا، جنهن سان صوبن جي خودمختياري متاثر ٿئي. اجلاس ۾ قومي اڳواڻن اياز لطيف پليجو ۽ رياض چانڊيو کي اين سي سي آءِ اي پاران نوٽيس جاري ڪرڻ جي پڻ مذمت ڪئي وئي ۽ نوٽيس واپس وٺڻ جو مطالبو ڪيو ويو. سنڌ جي وحدت، غيرقانوني ڪئنالن ۽ سنڌ جي مالي خودمختياري بابت معاملن تي 22 آگسٽ تي حيدرآباد ۾ عوامي احتجاج جو اعلان ڪيو ويو جڏهن ته سڄي سنڌ جي ڊويزنل هيڊڪوارٽرن ۾ پڻ عوامي سجاڳي مهم هلائڻ جو فيصلو ڪيو ويو اجلاس ۾ سيپٽمبر دوران ڪراچي ۾ گرانڊ ڪانفرنس ڪوٺائڻ جو پڻ اعلان ڪيو ويو جنهن ۾ مختلف سياسي پارٽين ۽ ٻين قومن جي قومي اڳواڻن کي دعوت ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو

"روزاني عبرت" 2 [redacted]

تنظيم (او آءِ سي) جي سيڪريٽري جنرل حسين ابراهيم سعودي عرب، پاڪستان ۽ ترڪيه وچ ۾ مڪ دفاعي معاهدي کي سلو سنئون قرار ڏنو آهي. مڪ دفاعي معاهدي جي حوالي سان او آءِ سي جي "ايڪس" تي جاري پيغام ۾ سيڪريٽري جنرل اهم اسٽريٽجڪ قدمن کي ساراهيندي مڪمل حمايت جو اظهار ڪيو. پنهنجي پيغام ۾ سيڪريٽري جنرل ٽنهي ملڪن جي دانشمنداڻي قيادت ۽ انٿڪ ڪوشش کي ساراهيو جن جي ڪري هي تاريخي معاهدو طئي ٿيو. هن ان ڳالهه جو ورجاءُ ڪيو ته هي معاهدو خطي ۽ اسلامي دنيا ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ اهميت رکي ٿو. هي معاهدو خطي ۽ پوري مسلم دنيا ۾ سلامتي ۽ استحڪام جي حمايت لاءِ هڪ بنيادي ٿنڀ جي جوڙجڪ ڪري ٿو. هن چيو ته هي معاهدو وڌندڙ سيڪيورٽي چئلينجز جو مقابلو ڪرڻ ۽ ميمبر ملڪن وچ ۾ يڪجهتي ۽ تعميري پائيداري کي هٿي ڏيڻ جي گڏيل عزم جي عڪاسي آهي

"روزاني عبرت" 2 [redacted]

سيد يوسف رضا گيلاني مڪ گڏيل دفاعي معاهدي تي صحيحن جي آجيان ڪندي ان کي علائقائي امن اجتماعي سلامتي ۽ برادر ملڪن وچ ۾ مضبوط تعاون لاءِ هڪ اهم سنگ ميل قرار ڏنو. سينيٽ سيڪريٽريٽ مطابق چنچر ڏينهن پنهنجي پيغام ۾ سينيٽ چيئرمين چيو ته هي معاهدو امن استحڪام ۽ ڊگهي پائيداري جي گڏيل عزم جي عڪاسي ڪري ٿو ۽ مسلم دنيا ۾ اتحاد ۽ تعاون کي وڌيڪ مضبوط ڪندو. هن پاڪستان جي سياسي ۽ عسڪري قيادت جي ڏور رس ۽ سفارتي ڪوشش تي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو ۽ چيو ته سندن لڳڻ پاڪستان جو عالمي مقام بلند ڪيو آهي ۽ علائقائي ۽ عالمي امن کي هٿي وٺرائڻ لاءِ هڪ پرعزم هڪ ذميوار امن پسند قوم طور پاڪستان جي هاڪاري سڃاڻپ کي وڌيڪ هٿي ڏني آهي. هن معاهدي جي ڪاميابي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي دعا ڪئي ته الله تعاليٰ ان تاريخي قدم کي قبول فرمائي ۽ مسلمان امت کي ڊگهي امن سلامتي ۽ خوشحالي عطا فرمائي.

[redacted]

ٽرانسپورٽ الائنس جي اڳواڻن اعلان ڪيو آهي ته مطالبن جي منظوري تائين احتجاج جاري رهندو. ڪراچي پريس ڪلب ۾ هڪ هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي، آل پاڪستان گڊز ٽرانسپورٽ الائنس جي صدر ملڪ شهزاد اعوان، ملڪ گير گڊز ٽرانسپورٽ هڙتال شروع ڪرڻ جو اعلان ڪيو ۽ مطالبو ڪيو ته ٽرانسپورٽرن جا جائز مطالبا فوري طور تي منظور ڪيا وڃن.

[redacted]

عرب ۽ ترڪيه وچ ۾ مڪ گڏيل دفاعي معاهدو گڏيل اعتماد، دفاعي تعاون ۽ گڏيل سلامتي جي عزم جو تاريخي سنگ ميل آهي. چنچر ڏينهن پنهنجي بيان ۾ وفاقي وزير چيو ته هن تاريخي معاهدي جي اهميت ۽ ٽنهي ملڪن جي لازوال رشتي کي اجاگر ڪرڻ لاءِ خصوصي نغمو نغمو هڪ الله هڪ رسول صلي الله عليه وسلم ۽ هڪ قرآن ڪلمي هڪ قبلي هڪ سڃاڻپ جاري ڪيو آهي. هي نغمو پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪيه جي گڏيل مذهبي ثقافتي ۽ تهذيبي ورثي، گهري دوستي، گڏيل اخوت جي خوبصورت ترجماني ڪري ٿو. هن چيو ته هي اتحاد صرف دفاعي تعاون نه پر مسلمان امت جي اتحاد، امن، خودمختياري ۽ گڏيل مستقبل لاءِ هڪ مضبوط پيغام آهي. ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو ته پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪيه ٽي ملڪ هڪ اخوت، هڪ عزم آهن

TUSDEC

CAREER OPPORTUNITIES

TUSDEC (Technology Upgradation and Skill Development Company) has been established by Ministry of Industries & Production, Government of Pakistan to upgrade technology and skills of strategic industrial clusters. TUSDEC is initiating a project titled 'National Strategic Programme for Acquisition of Industrial Technology (NSPAIT)" to address the need of the technology advancement for priority industrial sectors of Pakistan. TUSDEC intends to hire progressive dynamic professionals for the following positions based in **Lahore** & **Wazirabad**:

Sr. #	Name of Post / Designation	Qty	Project Pay Scale	Qualification	Experience	Age
Project Administrative Staff (Lahore Based)						
1	Manager	1	PPS-8	MS / BS degree in Textile / Mechanical / Industrial / Electrical / Electronics with additional management degree	7 years relevant experience	29 - 40
2	Deputy Manager	2	PPS-7	B.Sc Engineering (Electrical/ Electronics / Mechanical / Mechatronics / Industrial & Manufacturing) with higher education or additional qualification in Business Administration/Public Administration / Economics	5 Years experience of relevant industry supported with R&D and technical report writing skills	27 - 36
3	Assistant Manager	2	PPS-6	B.Sc Engineering (Electrical / Electronics / Mechanical / Mechatronics / Industrial & Manufacturing)	3 Years of relevant experience	25 - 32
4	Associate Manager	2	PPS-5	B.E / B.Sc Engineering (Electrical / Electronics / Mechanical / Mechatronics / Industrial & Manufacturing)	1 year Experience in required field	23 - 30
5	Electrician	1	PPS-3	DAE Electrical	1 years of experience in similar capacity and support to industry. Must have hands on experience of handling office electrical all types of issues	21 - 35
6	Receptionist	1	PPS-3	Graduation	03 Years relevant experience	23 - 30
Cutlery Institute of Pakistan (CIP) Wazirabad Based						
1	Manager (Production)	1	PPS-7	B.Sc Engineering (Electrical /Electronics /Mechanical/Mechatronics/Industrial & Manufacturing) Candidates with higher education or additional qualification in Business Administration/Public Administration/Economics	07 years relevant experience	29 - 40
2	Training Specialist	1	PPS-6	Bachelors in Mechanical/Mechatronics engineering / DAE in the similar field	05 Years / 10 Years relevant experience	25 - 32
3	Admin & Accounts Officer	1	PPS-6	Masters degree in management/ administration/MBA/ ACCA/any other relevant qualifiacation	03 Years relevant experience	25 - 32
4	Quality Control	1	PPS-6	BSc/B.E in Mechancial Engineering	03 Years relevant experience	25 - 32
5	Machine Operator	5	PPS-3	DAE	01 Year relevant experience	21 - 30
6	Technician	1	PPS-3	D.A.E / B.Tech Electrical	01 Year relevant experience	21 - 30

We invite applications from good professionals meeting the criteria who are highly motivated, possessing excellent interpersonal, management and facilitation skills.

- Incomplete applications or applications received after due date will not be considered and no intimation will be given
- Only shortlisted candidates will be notified
- No TA/DA will be admissible
- The recruitment process can be cancelled or withheld at any stage without assigning any reason
- The above positions are project based

Interested candidates are required to submit the online application form available at TUSDEC website (www.tusdec.org.pk) within 15 days of publication of this advertisment. Job Descriptions are also available at TUSDEC website.

Human Resource Department, TUSDEC
State Cement Corporation Building, Kot Lakhpat, Lahore. Tel: 042-35145793-4 Ext. 262

PID(L)351/26

We are an equal opportunity employer, female applicants are encouraged to apply.

Say No To Corruption

شهدادڪوٽ ۾ الشهباز ايريگيشن فيڊريشن سيف الله مگسي ٻوڙن جي طرفان ڪم ڇڏ هڙتال، احتجاج

سرويئر عامر علي ڪوڪر کي موت مار ڌمڪي ڏيندڙن حبيب الله جروار ۽ ٻين جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو ويو

نامر نهاد هاري آبادگار اتحاد جي اڳواڻن جي خلاف ميروخان ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو پر گرفتاري ناهي ٿي: اڳواڻ

شهدادڪوٽ(ع ر) وارهه برانچ کي لڳل گهاري تي هلندڙ ڪم ۾ ايريگيشن کاتي جي عملدارن کي يرغمال بڻائي هلندڙ ڪم ۾ مداخلت ڪرڻ تي ايريگيشن کاتي جي سرويئر عامر علي ڪوڪر کي موت مار ڌمڪي ڏيندڙن حبيب الله جروار ۽ ٻين جي گرفتاري جي لاءِ الشهباز ايريگيشن فيڊريشن سيف الله مگسي ٻوڙن جي طرفان ذاڪر حسين بروهي، عبدالنبي ڪوسو، برڪت علي مگسي، امتياز علي بروهي، نديم ڏاڻو، زاهد حسين بروهي، خادم حسين، منصور علي باريجو، قربان علي پلي، وجاهد حسين بروهي، احسان علي ڪوسو، علي رضا مگسي، آغا باريجو، نصرالله بروهي، علي حيدر بروهي، محمد حسن خاصخيلي، سلطان علي بروهي، ناصر مگسي، ۽ ٻين چيو ته نامر نهاد هاري آبادگار اتحاد جي اڳواڻن جي خلاف ميروخان ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ايا تائين گرفتار نه ٿيا آهن هنن وڌيڪ چيو ته عامر ڪوڪر پنهنجي ايريگيشن عملي سان گڏ ميروخان ويجهو وارهه برانچ کي لڳل گهارو بند ڪرائي رهيا هيا ته ٻن ڪارن ۾ محسن قاضي، حبيب الله جروار هٿيار بند ماڻهو سان ڪري ڪين وارهه برانچ تي هلندڙ ڪم ۾ رڪاوٽ وجهي ڪين ڌمڪائي رهيا هيا جنهن وارهه برانچ تي هلندڙ ڪم بند ڪرائي ڊيوٽي دوران ڪين حملو ڪيو هن آءِ جي سنڌ ۽ ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو سميت اعليٰ اختيارن کان مطالبو ڪيو ته محسن قاضي ۽ حبيب الله جروار کي گرفتار ڪري ڪين انصاف ڪيو وڃي.

ڪينٽ ٿاڻي جي حد ۾ صالحاڻي روڊ ڀرسان پوليس مقابلو

فائرنگ جي ڏي وٺ دوران هڪ ڌاڙيل کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو: پوليس

گرفتار زخمي ڌاڙيل جي سڃاڻپ علي رضا عرف فهيم ميربحر طور ٿي آهي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پوليس جي ترجمان موجب ڪينٽ ٿاڻي جي حد ۾ صالحاڻي روڊ ڀرسان پوليس گشت دوران ڏوهه جي ارادي سان بيٺل ڌاڙيلن سان مقابلو ٿي پيو. فائرنگ جي ڏي وٺ دوران هڪ ڌاڙيل کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو، جڏهن ته سندس ٻه ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. گرفتار زخمي ڌاڙيل جي سڃاڻپ علي رضا عرف فهير ميربحر طور ٿي آهي. پوليس موجب زخمي ڌاڙيل اسنيچنگ، چوري، ۽ پوليس مقابلن سميت ڪيترن ئي سنگين وارداتن ۾ پوليس کي گهربل هو. زخمي ڌاڙيل جي قبضي مان هڪ ٽي ٽي پسٽل ۽ گوليون پڻ هٿ ڪيون ويون. گرفتار زخمي ڌاڙيل کي علاج لاءِ لاڳاپيل اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته فرار ٿيل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ علائقي ۾ سرچ آپريشن جاري آهي. پوليس موجب زخمي ڌاڙيل جي ڪرمنل رڪارڊ بابت مختلف ٿاڻن ۽ ٻين ضلعن مان پڻ معلومات حاصل ڪئي پئي وڃي.

حيدرآباد جي واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه 35 ڏينهن به احتجاج جاري رهيو

ذاڪر الله، محمد نديم، شاهد خان، جاويد پٽني ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، نعريبازي

حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جا ملازم ۽ رٽائر ملازم مهينن جي پگهار ۽ پينشن کان محروم آهن: مظاهرين

ڪارپوريشن ۾ سي اي او، فنانس آفيسر ۽ من پسند اسٽاف کي هر مهيني پگهارون جاري ٿين ٿيون ۽ سمورين مراعتن وٺي رهيا آهن

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه 35 ڏينهن به حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ذاڪر الله محمد نديم شاهد خان جاويد پٽني ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي هنن چيو ته حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جا ملازم ۽ رٽائر ملازم مهينن جي پگهار ۽ پينشن کان محروم آهن هنن چيو ته 20 مهينن جون پگهارون ۽ پينشن نه ملڻ سبب ملازم سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن هنن چيو ته ڪارپوريشن ۾ سي اي او فنانس آفيسر ۽ من پسند اسٽاف کي هر مهيني پگهارون جاري ٿين ٿيون ۽ سمورين مراعتن وٺي رهيا آهن ۽ ننڍن ملازمن لاءِ پگهارون ۽ رٽائر ملازمن لاءِ پينشن جي رقم ادا ڪرڻ لاءِ ناهي جيڪا مزدور دشمني آهي.

آفيس آف دي مختيارڪار (روينيو) ڪوٽ غلام محمد

روانگي نمبر: 59

تاريخ: 02-07-2026

نوٽيس عام اطلاع

جيئن ته سنڌ صوبي جي حقن جي رڪارڊ جي آخري پيرو تصحيح ۽ تصديق 86_1985 دوران سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 40 تحت ٿي هئي. جنهن بعد حقن جي رڪارڊ جي درستگي برقرار رکڻ ۽ زمينن جي رڪارڊ کي ڊجيٽل ڪرڻ جي مقصد سان بورڊ آف روينيو سنڌ 28 فيبروري 2025 جي مڪمل بورڊ جي اجلاس ۾ صوبي جي رڪارڊ جي هڪ خاص نظرثاني (پيهرلکڻ) جو فيصلو ڪيو آهي.

1. اهڙي طرح بورڊ آف روينيو طرفان سنڌ جي حقن جي رڪارڊ کي هڪ مضبوط ۽ معياري رڪارڊ بڻائڻ ۽ ان کي ڪمپيوٽرائزڊ ڪرڻ لاءِ هڪ خاص نظرثاني (اپڊيٽ ڪرڻ) جي سرگرمي شروع ڪئي وئي آهي.
2. تنهنڪري سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 40 پاران ڏنل اختيارن کي استعمال ڪندي بورڊ آف روينيوسنڌ حيدرآباد تاريخ 12-02-2026 misc/r.w/ BOR/2026/36/11 نمبر موجب حڪم ڏنو آهي ته سموري سنڌ جي حقن جي رڪارڊ جي خاص نظرثاني ۽ تصديق ۽ تصحيح ڪئي وڃي.
3. حڪم هيٺ تصديق ۽ تصحيح لاءِ رڪارڊ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 جي ذيلي سيڪشن (11, 12 ۽ 13) جي تحت مقرر ڪيل طريقيڪارجو فريم ورڪ لاڳو ڪيو پيو وڃي جنهن تحت لاڳاپيل اسٽيڪ هولڊرس کان درست طور تي تصديق حاصل ٿيندي.
4. تنهنڪري عام اطلاع ڏنو وڃي ٿو ته ديهه 278 ٽپو چونرو تعلقو ڪوٽ غلام محمد ضلعو ميرپورخاص جي کاتيدارن جا نالاسروي نمبر ۽ انهن جي ايراضي ڏجي ٿي. جيڪي محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت سبب ٿيل وڳوڙن ۾ رڪارڊ سڙي وڃڻ بعد سڃي روپئي ۾ بحال ٿيل آهن انهن جي ماليت. سروي نمبر ايراضي يا ڪنهن ڳالهه تي اعتراض هجي ته مختيارڪار آفيس ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس ڪوٽ غلام محمد ۾ 15 ڏينهن اندراعتراض داخل ڪرائين. ٻي صورت ۾ رڪارڊ واسطيدارن جي نالي سان اپڊيٽ ڪيو ويندو.

نمبر جريان	اڳوڻي داخلا. ف ستين الف يا ب جي	حق حاصل ڪندڙ جو نالو پيءُ جي نالي سميت	حصو	سروي نمبر ۽ پيٽي پاڳو	ڪل ايراضي	ريمارڪس
1	1	سخي محمد ولد پير محمد يار محمد ولد پير محمد خان محمد ولد فدا محمد لال محمد ولد فدا محمد شاهه محمد ولد فدا محمد فاطمه زال عبدالمجيد اختر محمد ولد پندا محمد حسين محمد ولد پندامحمد عبدالستار ولد پندامحمد بخت بي بي ڌي پير محمد لال بي بي ڌي پير محمد ٿٿو ڌي فدامحمد نورخاتون ڌي فدا محمد فاطمه زال پيرمحمد گلمر زال پندامحمد زرخاتون ڌي پندامحمد نذربيگم ڌي شاهه مردان نعيم بيگم ڌي شاهه مردان	0-8.75 0-8.75 0-08 0-08 0-07 0-07 0-6.56 0-6.56 0-6.57 0-4.375 0-4.375 0-04 0-04 0-3.214 0-3.214 0-3.215 0-3.2085 0-3.2085 1-00	4/4,6,7,8,10,11,12 5/1to 7 6/1,2,4,6,7,11,10 7/1 to 16 14/1 to 9 30/1 to 16 35/1 to 16 36/1 to 16 94-23	94-23	
2		گل داد ولد محمد داد جلال ولد محمد داد صاحب جان ڌي محمد داد گل نثار ڌي محمد داد الراهن ولد محمد داد نورجان زال محمد داد ملنگ ولد نوراعظم تنديڙان ڌي نوراعظم سنگيتا ڌي نوراعظم زرباب زال نوراعظم اميران زال نور اعظم	0-14 0-14 0-07 0-07 0-03 0-03 0-15 0-08 0-08 0-05 0-05 1-00	1/1 to 4 2/1 to 10 3/1 to 10 4/1 to 5 27-35	27-35	
3		محمد انس ولد مطيع الله	00-1	24/9to 16 27/1 to 16 57/1 to 12, 16 26/9 to 16 44-24	44-24	
4	6	امير حمزا ولد سيف الله محمد مبارڪ علي ولد سيف الله	0-50 0-50 1-00	39/1 to 16 42/1 to 16 31-24	31-24	امير حمزه جي گروي 108 موجب
5	7	سيف الله ولد محمد امين مطيع الله ولد محمد امين	0-50 0-50 1-00	24/1 to 8 17/1 to 16 28/1 to 16 25/1 to 8 23/1 to 16 38/1 to 16 80-00		
6	7	مطيع الله ولد حاجي محمد امين	1-00	16/15,16 2-0	2-00	
7	الف 8	عبدالغفور ولد شير حسن	1-00	12/7 to 12 6-00	6-00	
8	الف 10	لڇيت سنگهه پٽ ڪرشن لال	1-00	10/1 to 10 12/2,3,5,6, 18/12 11/12 14-23	14-23	گروي 93 موجب
10	31، ب2	رتي محمد ولد چاهت خان	1-00	43/1 to 4, 9,10,11 43/12 78/5 to 8 11-11	11-11	
11	ب 40	اعلي خان ولد سنڌي خان پناڻ	1-00	12/13 to 16 8/6,10 43/15 6-11	6-11	
12	ب 35	امتياز علي ولد محمد شريف	1-00	94/1 to 13 14 13-37	13-37	
13	39، ب 38	محمد فضل ولد چاهو خان ميٺو	1-00	56/13 to 16 55/1 to 8, 10 to 14 16-24	16-24	
14	45 50	خادم حسين ولد غلام حسين شاهه عارف رضا شاهه ولد خادم حسين شاهه طالب حسين شاهه ولد خادم حسين شاهه فياض جبين زهره ڌي خادم حسين شاهه ابوتراب ولد امير حسن شاهه دربحرين زهره ڌي امير حسين رفعت ڪونين زهره ڌي امير ڌي وقار فاطمه ڌي امير حسين شاهه تسليم زهرا زال امير حسين شاهه	0-5.31 0-4.96 04.96 0-2.48 0-28.80 0-14.40 0-14.40 0-14.40 0-10.29 1-00	40/1 to 16 41/1 to 16 58/1 to 16 59/ 1to 16 63-08		
15	52	نصير خان ولد حاجي خان محمد نواز ولد رمضان خان	0-58.68 0-41.32 1-00	80/7 to 12 95/1 to 6 96/2 12-04	12-04	
16	52 80	نعمان علي ولد عارف حسين امداد علي ولد نصير خان رند عارف حسين ولد گل محمد	0-50 0-25.683 0-24.317 1-00	85/5 to 12 85/13 8-09	8-09	
17	ب 54	شاهه مراد ولد تاج محمد مري	1-00	54/11,14 2-00	2-00	
18	54	شاهنواز ولد تاج محمد	1-00	54/13 54/12 1-20	1-20	
19	ب 57	اسماعيل ولد سلتو	1-00	55/9,15,16 62/1 3-22	3-22	
20	ب 59	غلام محمد ولد نور محمد تاج محمد ولد نور محمد غوث بخش ولد نورمحمد عطاالله ولد نورمحمد سعيد خان ولد نور محمد رسول بخش ولد نور محمد	0-33.334 0-33.333 0-8.333 0-8.333 0-8.333 0-8.334 1-00	31/5,9 50/1 to 4 51/ 1 to 16 20-13	20-13	
21	61، ب 62	سعيد خان ولد سمير خان	1-00	85/ 1to 4 79/9 to 12 8-00	8-00	
22	112	الله بخش ولد ماملا محمد دين ولد ماملا	0-50 0-50 1-00	79/1 to 6 69/9 to 16 83/8,9,10 84/13 to 16 20-36	20-36	
23	ب 103	رسول بخش ولد نور محمد خان	1-00	53/13,14 53/16 2-30	2-30	
24	ب 17	ڪرم خان ولد حاجي خان بشيراحمد ولد حاجي خان نصير خان ولد حاجي خان	0-33.33 0-33.34 0-33.33 1-00	110/6,8 62/14,15 99/1 to 8 12-00	12-00	
25	ب 15	ڪرم خان ولد حاجي خان لعل محمد ولد حاجي خان نصير خان ولد حاجي خان	0-33.33 0-33.33 0-33.34 1-00	105/ to 16 100/9 to 16 24-00	24-00	
26	13	رمضان ولد سانوڻ خان محمد ولد حاجان گل محمد ولد حاجان مولابخش ولد قيصر خان	0-25 0-25 0-25 0-25 1-00	90/1 to 3 90/6 to 16 91/5,6 91/9 16-15	16-15	
27	20	ڪرم خان ولد حاجي خان	1-00	107/1 to 12 106/1 to 4 99/9 to 12, 16 21-00	21-00	
28	21	حاجي خان ولد ڪرم خان	1-00	78/9 to 16 106/5 to 16 108/1 to 6 109/1,2,4,5		
29	103	ڏٿي بخش ولد نور محمد خان	1-00	53/15, 16 1-10	1-10	
30	9 10 22 104	فريد بخش ولد الهي بخش پورو خان ولد الهي بخش حميد الله ولد حضور بخش امتياز علي ولد محمد شريف الهداد ولد ڪرم خان عبداللطيف ولد ڪرم خان جاهت خان ولد سمير خان سعيد خان ولد سمير خان علي شير ولد سمير خان محمد حسين ولد سمير خان محمد اڪبر ولد سمير خان سهراب خان ولد سمير خان سعيدن زال محمد حنيف ثمينه زال محمد اسلام بانو زال محمد رمضان	0-7.04167 0-7.04167 0-7.04167 0-28.31229 0-10.5625 0-10.5625 0-2.8 0-2.8 0-2.8 0-2.8 0-2.8 0-2.8 0-1.4 0-1.4 0-1.4 1-00	98/1 to 16 77/1 to 16 101/1 to 16 102/1 to 16 97/1 to 12 75-34	75-34	
31	101 102	محمد فاروق ولد عبدالغفور محمد عمر ولد عبدالغفور حاجران زال محمد ابراهيم نسيم زال عمران انوري زال عابد حسين شهناز زال عرفان طهري زال عبدالغفور محمد انور ولد محمد حنيف محمد سرور ولد محمد حنيف محمد سجاد ولد محمد حنيف محمد اعجاز ولد محمد حنيف شبانه زال محمد عثمان حميده زال محمد حنيف ثمينه زال رشيد راجپوت نازيه زال محمد جاويد شازيه زال ابراهيم	0-10.9375 0-10.9375 0-5.468 0-5.469 0-5.469 0-6.25 0-7.292 0-7.292 0-7.292 0-7.292 0-3.645 0-6.25 0-3.645 0-3.646 0-3/646 1-00	71/8 to 2 5-00	5-00	
32	32, 84 34 85 53 71 65 69	پورا خان ولد الاهي بخش فريد بخش ولد الاهي بخش محمد فضل ولد چاهو خان محمد آصف ولد شاهمير عاشق علي ولد شاهمير	0-39.3 0-37.05 0-9.378 0-7.136 0-7.136 1-00	63/1 to 16 64/1 to 16 32-00	32-00	
33		محمد بخش ولد بهرام خان الله بخش ولد بهرام خان هزارخان ولد بهرام خان خالد حسين ولد بهرام خان صادق علي ولد بهرام خان دربخت ڌي بهرام خان مراد خاتون ڌي بهرام خان مورخاتون ڌي بهرام خان گنج بي بي ڌي بهرام خان گل خاتون ڌي بهرام خان خير بي بي خال بهرام خان سلطان احمد ولد هزار خان ديوٽي پٽ رويشي اجمل پٽ جينانند ڏانسنگهه پٽ شوجي چيتن داس پٽ هازو	0-15.239 0-15.239 0-5.148 0-5.147 0-5.147 0-5.147 0-2.573 0-2.573 0-2.573 0-2.573 0-2.573 0-6.25 0-28.254 0-0.391 0-0.391 0-0.391 0-0.391 1-00	33/1 to 10 34/1 to 12 47/1 to 16 49/1 to 10 46-33	46-33	سر نالو نڪتل
34	79	مشتاق احمد ولد بشير خان رند عبدالرزاق ولد بشير خان محمد يوسف ولد فتح محمد خوشي محمد ولد فتح محمد شفيع محمد ولد فتح محمد محمد حسين ولد فتح محمد خان محمد ولد فتح محمد ميرخان ولد فتح محمد زاهده زال شوڪت علي رمضانو زال محمد اسلام عبدالرحمان ولد شتاب عبدالڪريم ولد شتاب خان نياز احمد ولد شتاب محمد حسين ولد شتاب خاتوني زال محمد يعقوب فيصل احمد ولد محمد يعقوب	0-16.50 0-16.50 0-4.715 0-4.715 0-4.715 0-4.714 0-4.715 0-4.715 0-2.357 0-2.357 0-7.556 0-7.556 0-3.4725 0-3.4725 0-3.778 0-8.162 1-00	100/1 to 8 62/2 to 9, 16 17-00	17-00	
35	95	محمد يوسف ولد فتح محمد خوشي محمد ولد فتح محمد شفيع محمد ولد فتح محمد محمد حسين ولد فتح محمد خان محمد ولد فتح محمد ميرخان ولد فتح محمد زاهده زال شوڪت علي رمضانو زال محمد اسلام	0-14.286 0-14.286 0-14.285 0-14.286 0-14.286 0-14.286 0-7.1425 0-7.1425	62/10,11,12 62/13 3-20	3-20	
36	58 94	نور محمد ولد مهر گل غلام محمد ولد نور محمد تاج محمد ولد نور محمد غلام مير ولد تاج محمد محمد گل ولد تاج محمد مير جان ولد تاج محمد مهرالدين ولد تاج محمد محمد دين ولد تاج محمد خيرالدين ولد تاج محمد	0-38 0-31 0-14.974 0-4.006 0-2.404 0-2.404 0-2.404 0-2.404 0-2.404 1-00	48/1 to 16 52/1 to 16 31-08	31-08	سرنالو نڪتل
37	2 6 5	مسعود جان ولد فضل احمد سجاد احمد ولد فضل احمد شڪيل احمد ولد فضل احمد ميثاق احمد ولد مشتاق احمد محمد عبدالله ولد سيف الله	0-20 0-20 0-20 0-20 0-20 1-00	22/1 to 16 29/1 to 16 37/ 1 to 16 44/1 to 16 25/9 to 16 26/1 to 8 79-24	79-24	
38	91, 116 99	عبد الجبار ولد سعيد خان محمد راشد ولد سعيد خان	0-5.442 0-5.442	80/13 to 16 84/1 to 4	15-36	
	117, 118, 86	محمد ارشد ولد سعيد خان محمد طارف ولد سعيد خان عابد علي ولد سعيد خان ڪاشف ولد سعيد خان جاويد ولد سعيد خان ممتاز علي ولد حاجبان خان وشرام پٽ پارخان پورو مل پٽ ديوٽي فيصل احمد ولد محمد يعقوب پريو پٽ مرتي ڌارشي پٽ ڪرشن رائو پٽ ڪرشن ساجد علي ولد محمد اڪرم منير احمد ولد محمد اڪرم مبين ولد محمد اڪرم وقاص ولد محمد اڪرم بلال ولد محمد اڪرم ثمينه ڌي محمد اڪرم	0-5.443 0-5.442 0-5.442 0-5.443 0-5.442 0-25.157 0-2.908 0-1.415 0-6.28931 0-6.26307 0-6.28931 0-1.326 0-1.326 0-1.326 0-1.326 0-1.326 0-0.663 1-00	83/1 to 3 95/12 to 16 15-36		
39	109	ماوجي پٽ ارجن	1-00	19/8,9,10,2 2-00	2-00	
40	110	ڪانجي پٽ ڪري	1-00	19/7,8 0-20	0-20	
41	111	ڪيول پٽ سدا	1-00	19/6 0-20	0-20	
42	89	نٿو مل پٽ شوو	1-00	19/3 1-00	1-00	
43	83, 5	شگن پٽ جگمال	1-00	18/1 to 12 19/1,2,4 to 8 19/9, 10 43/6		سيمر جاري ٿيل

مختيارڪار
ڪوٽ غلام محمد

INF/KRY/3353/2026

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ڀلوڙ پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ ڳاڙهي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزاني عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آچر 09 آگسٽ 2026ع

عوامي راءِ جو احترام ئي مضبوط وفاق جي ضمانت آهي!

پ پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاران آزاد ڪشمير جي ضلعي باغ ۾ ڪيل خطاب ملڪ جي موجوده سياسي صورتحال بابت ڪيترائي اهم سوال سامهون آڻيا آهن سندس چوڻ آهي ته 'نظام ناڪام ناهي ٿيو پر ناڪام ڪرايو ويو آهي ۽ جيستائين عوام جي حاڪميت تسليم نه ڪئي ويندي، تيستائين نظام صحيح نموني نه هلي سگهندو' اصل ۾ پاڪستان جي جمهوري نظام جي بنيادي اصولن ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو جمهوريت جو بنيادي مقصد ئي اهو آهي ته عوام جي ووٽ، راءِ ۽ مرضيءَ کي اقتدار جو اصل سرچشمو تسليم ڪيو وڃي

نون صوبا ٺاهڻ بابت بلاول ڀٽو جو موقف به خاص اهميت رکي ٿو ته جيڪڏهن نون صوبا ٺاهڻ عوام جو فيصلو هوندو ته پيپلز پارٽي ان جو ساٿ ڏيندي، ٻي صورت ۾ نه حقيقت اها آهي ته نون صوبن جو قيام رڳو سياسي نعرو يا چونڊ مهم جو موضوع نه هجڻ گهرجي پر ان کي عوامي خواهشن انتظامي ضرورتن معاشي وسيلن ۽ آئيني تقاضائن جي روشنيءَ ۾ ڏسڻ گهرجي ملڪ جي انتظامي جوڙجڪ ۾ ڪنهن به تبديليءَ لاءِ عوام جو اعتماد ۽ وسيع سياسي اتفاق راءِ ضروري آهي جيڪڏهن ڪنهن علائقي جا ماڻهو نئين انتظامي يونٽ جي گهر ڪن ٿا ته سندن آواز ٻڌڻ لازمي آهي پر اهڙي فيصلي لاءِ آئيني ۽ جمهوري طريقو اختيار ڪرڻ به اوترو ئي ضروري آهي موجوده وقت ۾ ملڪ اڳ ئي سياسي معاشي ۽ انتظامي مسئلن ڪي منهن ڏئي رهيو آهي تنهنڪري نون صوبن جي معاملي کي سياسي ڇڪتاڻ جو سبب بڻائڻ بدران سنجيده قومي بحث جو حصو بڻائڻ گهرجي وفاق جي مضبوطيءَ لاءِ ضروري آهي ته صوبن جي حقن ۽ عوام جي خواهشن جو احترام ڪيو وڃي، ڪنهن به نئين صوبي جو فيصلو ڪنهن هڪ سياسي جماعت جي مفاد بدران عوامي راءِ ۽ قومي ضرورت ڪي بنياد بڻائي ٿيڻ گهرجي اسلام آباد ۾ حڪومت ڪي مبينا طور درپيش خطرن ۽ حڪمران ڌر اندر اختلافن بابت بلاول ڀٽو جا بيان به موجوده سياسي ڇڪتاڻ جي عڪاسي ڪن ٿا. حڪومت ۽ اتحادي جماعتن وچ ۾ اختلاف جمهوريت جو حصو ٿي سگهن ٿا، پر انهن اختلافن کي ذاتي يا گروهي مفادن جي جنگ بڻائڻ بدران ڳالهين ذريعي حل ڪرڻ گهرجي سياسي عدم استحڪام جو سڀ کان وڏو نقصان حڪومتن کان وڌيڪ عام ماڻهوءَ کي برداشت ڪرڻو پوي ٿو ڇاڪاڻ ته سياسي ڇڪتاڻ سان معاشي سرگرميون متاثر ٿين ٿيون ۽ عوام جا بنيادي مسئلا پوئتي رهجي وڃن ٿا

هوڏانهن آزاد ڪشمير جي صورتحال پڻ سنجيده ڌيان جي گهرجائو آهي انٽرنيٽ ۽ رستن جي ڊگهي بندش، احتجاج ۽ سياسي ڇڪتاڻ سان ڪاروبار، روزگار، تعليم ۽ عام زندگي سخت متاثر ٿي رهي آهي ڪشمير جهڙي حساس علائقي ۾ سياسي مسئلن جو حل وڌيڪ تحمل ڳالهين ۽ مفاهمت سان نڪرڻ گهرجي جيڪڏهن اسيمبلي به سچائي ۽ مفاهمت تي ٻڌل ڪميشن جي قيام جي ڳالهه ڪري ٿي ته انهيءَ عمل کي اڳتي وڌائڻ گهرجي، جيئن تڪرارن جي حقيقت سامهون اچي سگهي ۽ ماڻهن جو ادارن تي اعتماد بحال ٿئي چونڊن جي شفافيت بابت اٿندڙ سوالن کي به سنجيدگيءَ سان حل ڪرڻ ضروري آهي جمهوريت جو بنياد ئي آزاد، منصفاڻيون ۽ شفاف چونڊون آهن جيڪڏهن ڪنهن ڌر کي چونڊ عمل تي اعتراض هجي ته انهيءَ جو ازالو قانوني ۽ آئيني فورمن ذريعي ٿيڻ گهرجي جڏهن ته حڪومت تي اهو فرض آهي ته اها چونڊن بابت عوام جا خدشا ختم ڪرڻ لاءِ عملي قدم کڻي

ملڪ هن وقت وڌيڪ سياسي ٽڪراءُ بدران استحڪام، مفاهمت ۽ مضبوط جمهوري ادارن جو محتاج آهي حڪومت هجي يا اپوزيشن سڀني سياسي ڌرين کي اهو سمجهڻ گهرجي ته اقتدار عارضي آهي جڏهن ته ملڪ ۽ عوام مستقل آهن بهرحال عوام جي ووٽ جو احترام، شفاف چونڊون، آئيني بالادستي ۽ سياسي مفاهمت ئي اهي بنياد آهن جن سان جمهوريت مضبوط ٿي سگهي ٿي نون صوبن جو سوال هجي يا وفاقي حڪومت ۽ اتحادي جماعتن جا اختلاف، هر فيصلي ۾ عوامي مفاد کي اوليت ڏيڻ ئي ملڪ جي بهتر مستقبل ۽ مضبوط وفاق جي ضمانت بڻجي سگهي ٿو

لطيفي لات ——— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

اَنُو اوهِيرَا ڪَرَي، مَعَي عَاشِقَ اَڄَ،
ڏُورِ ڏُڪندَا پَڄَ، مِينهَن مُنهَن ڏِيڪارِيو..

ڏور- پري/ڏڪندا- اي ڏڪ ڏيندڙ ڏڪار/پَڄَ- غائب ٿي وڃ، ڀڄي وڃ/مُنهَن ڏيڪاريو= وسڻ شروع ڪيو (سر- سارنگ، مرتب- ڀاڳهون خان شيخ)

لطيف سائين هتي بارانِي علائقن وسندين واهڻن جن جو جياپو ئي مينهن پوڻ سان آهي ۽ اتي رهندڙن جي حالت کان آگاهه ڪري ٿو ته اڄ اتي وسڪاري جي سِڪايلن مِٺان جي پنهنجي وسندين واهڻن سان تمام گهڻو پيار ۽ انس رکندڙ آهن تن مِٺان يعني ڏڪار سٽيل علائقن تي گهڻي برسات وسي آهي، مينهَن اوهيرا ڪري اَنو اُٿن ڪين اميد ٿي آهي هاڻي هي ٿر ٻر ڪوهستان ۽ ڪاڇا سرسبز ۽ ساوا ٿيندا. پَٽَ پلر جي پلوٽ سين ڀرجي پوندا. ملوند ماڻهن کي پنهنجا ڪڪ ڇڏڻا ڪين پوندا. سڪالو واءُ وريو آهي، محبت ڀريل دلين کي اوسيئڙي ۽ انتظار واري حالت مان گذرڻو ڪو نه پوندو. جو ته مينهن وسيا آهن علائقا آباد ٿيندا ۽ اتان ڏڪار هاڻي ڀڄي نڪرندو

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

اجتماعي مسئلن تي به اتحاد اڻلڀ!

منظور ڪوسو

قديم يونان ۾ ايٿنس اسپارٽا، ٿيبس ۽ ٻيون شهري رياستون علم، فلسفي ۽ تهذيب جي ميدان ۾ غيرمعمولي ترقي يافته هيون، پر ان سڀ ڪجهه هوندي به انهن ۾ اتحاد نه هو انهن وچ ۾ جاري سياسي رقابتن جو نتيجو اِهو نڪتو جو مقدوني بادشاهت جي حڪمران فلپ ٻئي ۽ پوءِ سندس پٽ اليگزينڊر، انهن يوناني رياستن کي پنهنجي سياسي اثر هيٺ آڻي ڇڏيو. شاندار علم، فلسفو، تاريخ ۽ تهذيبي عظمت سڀ پنهنجي جاءِ تي پر انهن ۾ سياسي سماجي اتحاد جي کوٽ هئڻ ڪري اهي سڀ شيون به انهن کي بچائي نه سگهيون جيڪڏهن اسان پنهنجي ماضيءَ ۾ جهاتي پائينداسين ته اسين به هڪ روشن تهذيب تمدن جي مالڪ قوم آهيون جيڪا قديم مصر ۽ ميسوپوٽيميا جي هم عصر تهذيبن مان هڪ آهي 5000 سال قديم شاندار تهذيب ۽ تمدن رکندڙ سنڌي قوم اڄ سياسي طور جن حالتن مان گذري پئي انهيءَ کي ڏسندي جيترو به افسوس ڪجي گهٽ آهي نه پنهنجي شاندار تاريخ، تمدن ۽ روايتن جو مان رکيوسين ۽ نه ئي پنهنجا ماڳ مڪان سنڀالي سگهياسين تاريخي ۽ ثقافتي اهڃاڻ آهستي آهستي مٽيءَ جا ڍير پيا ٿيندا وڃن هيءُ دور جيڪو اسان لاءِ ائين ڪٺي جڃجي ته نازڪ دور آهي جتي اسان کي پاڻ سنڀالڻ گهرجي اتي اسان جي حالت ڪجهه هن ريت آهي

توهان جا نظريا الڳ، اسان جا نعرا الڳ، اوهان جا فڪر پنهنجا ۽ اسان جا خيال پنهنجا، مون کي پنهنجي ذات ۽ برادري تي فخر ۽ تهنجي لاءِ پنهنجي ذات قابل فخر، 'مان ۽ تون' جي سوچ اسان کي اِهي نتيجا ڏنا ته هر ڪو پنهنجي نعري، نظريي، ذات، گروهه، جماعت ۽ مفادن جو قيدي بڻجي ويو ۽ هڪ قوم هئڻ وارو تصور نهايت ئي ڪمزور ٿي ويو جيئن يوناني رياستن کي علم، فلسفو، تهذيب بچائي نه سگهي تيئن ياد رکڻ گهرجي ته ڪٿي وقت ۾ پنج هزار سالن جي تاريخ، تهذيب ۽ تمدن به اسان کي بچائي نه سگهندي، جو ته اسان به قومي اشوز تي ورهايل قوم آهيون اسان اجتماعي قومي مفادن تي گڏ بيهي نه ٿا سگهون، تعميري سياسي اختلاف قومن کي ڪمزور نٿا بڻائين پر اندروني ورهاست، گروهي مفاد ۽ قومي اشوز تي سياسي بي اتفاقي قومن لاءِ نقصانڪار ثابت ٿيندي آهي پنهنجي شاندار ماضيءَ تي فخر ڪرڻ اسان کي مسئلن مان نجات ڏياري نه ٿو سگهي، ايڪي اتحاد ۽ عمل جي ضرورت آهي چوندا آهن ته 'قوم پهرين ذهنن ۾ نهندي آهي ۽ پوءِ نقشي تي' ۽ هن وقت اسان جي ذهنن تي قوم نه پر پنهنجا پنهنجا نعرا، نظريا، ذات ۽ برادريون ڇانيل آهن 1776ع کان اڳ اتر آمريڪا جون 13 برطانوي نو آباديون الڳ الڳ سياسي مفادن سان موجود هيون پر جڏهن برطانوي حڪمرانيءَ خلاف گڏيل سياسي سماجي ۽ معاشي شڪايتن انهن کي پنهنجن اختلافن جي باوجود هڪ گڏيل آزادي جي مقصد لاءِ هڪ پيج تي گڏ ڪيو ته اتان آمريڪا جي قيام جو بنياد پيو جڏهن قوم جي اجتماعي مفادن تي پنهنجن مخصوص سياسي مفادن کي ترجيح ڏني ويندي آهي ته نتيجي ۾ قوم ورهائجي ويندي آهي جيئن اڄڪلهه اسان ورهايل آهيون اهو ئي اسان جو وڏو الميو آهي ته هڪ قوم ۾ جيڪو اجتماعي قومي شعور هئڻ گهرجي اهو نه آهي پنهنجي شاندار قومي ورثي تي فخر ڪرڻ بدران ذاتيون اسان لاءِ فخر جو باعث بڻجي پيون آهن جيستائين اجتماعي قومي مسئلن لاءِ پنهنجون انائون قومي مفادن تان قربان نه ڪبيون، تيستائين هر مصيبت اسان جي مهمان هوندي پاڻيءَ جا مسئلا، نياڻين جو اغوا ٿيڻ نوجوان جا پروڻ ٿيل لاش، معصوم ٻارن کي هاف فرائي ڪري سڄي عمر لاءِ معذور بڻائڻ زمينن ۽ ٻيٽن جو ڦٻائڻ مٽ وڪرو ٿيڻ صدين کان آباد ڳوٺن کي بلڊوز ڪرڻ بيروزگاري، سياسي اقربا پروري، رشوت، بدامني بک ۽ بيماري ٿر ۾ ڪوئلي جي اٿاهه دولت هوندي به ٿري ماڻهو بيروزگار ۽ پاڻيءَ جي ڍڪ لاءِ پريشان آهن اڄ به حالت اِها آهي جو 'اکيون ابر آسري' وسيو ته ٿر نه ته بر جو بر قدرتي وسيلا جام آهن هاڻي ته خبرون رپورٽ ٿيون آهن ته خيرپور ضلعي مان ليٿيم جهڙي قيمتي معدنيات ملي آهي، پر اِهو سڀ ڪجهه هوندي به اسان جو حال اِهو آهي 'پاڻي مٿي جهوپڙا، مورک اڄ مرن' هنن سڀني مصيبتن جو سبب قومي ايڪي ۽ اتحاد جو نه هجڻ آهي ان سموري صورتحال جو ذميوار اسان عام ماڻهن کي قرار نٿا ڏئي سگهون، ماڻهو ته بنا ڪنهن قيادت جي به پنهنجن حقن لاءِ آواز اٿارڻ خاطر وڏي انگ ۾ احتجاج ڪندي روڊن رستن تي نڪري اچن ٿا، پر سياسي اڳواڻ پنهنجن پنهنجن انائن جي خول ۾ قيد آهن ۽ عوام جيان هڪ جاءِ تي گڏ ٿيڻ لاءِ تيار ناهن سوال اِهو آهي ته جڏهن قوم کي درپيش ايڏا وڏا ۽ اهم مسئلا موجود هجن تڏهن به سياسي اڳواڻ هڪ ميز تي ويهي گڏيل حڪمتِ عملي جوڙڻ لاءِ تيار ڇو ناهن؟ هاڻي ته سنڌ ڌرتي کي ورهائڻ جي ڳالهه پئي هلي، جيڪو ڪنهن به ريت ممڪن نه آهي، فقط اهم اشوز کان ماڻهن جو ڌيان هٽائڻ يا ڪٿي سياسي بليڪ ميلنگ ڇڄجي جو نون صوبا ٺاهڻ جو شوشو ڇڏيو ويو آهي يا سنڌين جي قومي شعوري ۽ مزاحمتي سگهه کي آزمائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي جيڪڏهن اهم قومي مسئلن ڏانهن سياسي اڳواڻن جو اِهو ئي رويو رهيو ته تاريخ ۾ سنڌ جا ميارون ليکيا ويندا وقت جي ضرورت آهي ته قوم ۾ ايڪو اتحاد ۽ اجتماعي شعور بيدار ڪيو وڃي ۽ سياسي اڳواڻن کي سول سوسائٽي سان گڏ بيهڻ گهرجي

غزه ۾ امن بحال ٿيندو؟

ڊاڪٽر رشيد احمد خان

ڪجهه ڏينهن اڳ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ اعلان ڪيو ته غزه ۾ حماس هٿيار ڦٽا ڪري غير مسلح ٿيڻ تي راضپو ظاهر ڪري چڪيو آهي غزه ۾ اسرائيلي حملن سبب گهٽ ۾ گهٽ 73 هزار 341 فلسطيني شهيد ۽ هڪ لک 74 هزار کان وڌيڪ زخمي ٿي چڪا آهن غزه ۾ مستقل امن قائم ڪرڻ جي راهه ۾ حماس جو هٿياربند هجڻ سڀ کان وڏو تڪراري مسئلو رهيو آهي سيپٽمبر 2025ع ۾ صدر ٽرمپ پاران پيش ڪيل 20 نڪاتي امن منصوبي ۾ چيو ويو هو ته حماس کي غير مسلح ٿيڻو پوندو ان جي بدلي ۾ اسرائيل کي غزه ۾ پنهنجا حملا بند ڪرڻا پوندا، غزه جي جن علائقن تي اسرائيل قبضو ڪيو آهي اهي خالي ڪرڻا پوندا ۽ اسرائيلي فوج کي واپس وڃڻو پوندو پر 10 آڪٽوبر 2025ع تي جنگبندي ٿيڻ باوجود اسرائيل غزه تي حملا ڪندو رهيو ۽ ٽرمپ جي امن منصوبي تي عملي طور ڪا خاص اڳڀرائي نه ٿي سگهي هاڻي حماس پاران غير مسلح ٿيڻ جي اعلان ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ ڀيرو ڀيهر اميد پيدا ٿي آهي ته غزه ۾ اسرائيلي حملا بند ٿي سگهن ٿا. صدر ٽرمپ حماس جي ان اعلان کي تاريخي اهميت وارو قرار ڏنو آهي ۽ دعويٰ ڪئي آهي ته اسرائيل غزه مان پنهنجي فوج واپس گهرائي وٺندو پر ساڳئي وقت آمريڪا ۽ يورپ جي ڪيترن ئي حلقن پاران هن اعلان بابت خدشا پڻ ظاهر ڪيا ويا آهن ۽ انهن خدشن کي مڪمل طور نظرانداز نٿو ڪري سگهجي ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن اهي مسئلا حل نه ٿيا ته حماس جي غير مسلح ٿيڻ باوجود به غزه ۾ مستقل امن قائم ڪرڻ ڏکيو نظر اچي ٿو. اسرائيل طرفان اڃا تائين اِهو اعلان ناهي ڪيو ويو ته هو غزه جي سموري قبضي هيٺ آيل علائقن مان پنهنجي فوج واپس گهرائيندو. هن وقت اسرائيل غزه جي لڳ ڀڳ 53 سيڪڙو علائقي تي قبضو ڪري ويٺو آهي ۽ انهن علائقن ۾ موجود پنهنجي فوج کي غزه اندر داخل ٿي حملن لاءِ استعمال ڪري ٿو. اسرائيل اِها خاطري به ناهي ڪرائي ته حماس جي غير مسلح ٿيڻ ڪانپوءِ ان جي اڳواڻن کي نشانو بڻائي مارڻ جي ڪارروائي نه ڪئي ويندي، آمريڪا جي 20 نڪاتي امن منصوبي تحت حماس جڏهن غير مسلح ٿيڻ جي شرط قبول ڪئي ته ان سان گڏ اها ضمانت به گهري هئي ته اسرائيل حماس جي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن کي نشانو نه بڻائيندو پر اسرائيل اِها ضمانت ڏيڻ کان انڪار ڪري چڪيو ۽ ان ڳالهه تي زور ڏنو ته پهريان حماس هٿيار ڦٽا ڪري غير مسلح ٿئي ان ڪانپوءِ ئي اسرائيل جي فوج واپس گهرائڻ بابت غور ڪري سگهجي ٿو.

اسرائيل جي گذريل اٺن ڏهاڪن جي روين، خاص طور تي غزه بابت تازن عملن فلسطيني ماڻهن جي دلين ۾ بي اعتمادي جون ايتريون گهريون ٿهون ڄمائي ڇڏيون آهن جو هاڻي ڪو به معاهدو ڪو به واعدو يا ڪو اعلان فلسطيني ماڻهن کي اسرائيل تي ڀروسو ڪرڻ لاءِ تيار نٿو ڪري سگهي غزه جي موجوده صورتحال ٿي ڏسي وٺو. گذريل سال 10 آڪٽوبر تي آمريڪا جي مداخلت سان غزه ۾ جنگبندي جو اعلان ڪيو ويو هو پر ان کان پوءِ گذريل ٻارهن مهينن دوران شايد ئي ڪو اهڙو ڏينهن گذريو هجي، جڏهن اسرائيل غزه جي عام ماڻهن کي هوائي يا زميني حملن جو نشانو نه بڻايو هجي جنگبندي ڪانپوءِ هيل تائين غزه جي صحت واري وزارت موجب اسرائيلي حملن ۾ 1250 فلسطيني شهيد ٿي چڪا آهن جن ۾ وڏي انگ عورتن ۽ ٻارن جو آهي صدر ٽرمپ حماس پاران غير مسلح ٿيڻ تي راضپو ظاهر ڪرڻ کي غزه لاءِ پنهنجي نام نهاد 'امن منصوبي' جي وڏي ڪاميابي قرار ڏنو آهي، پر غزه جي صورتحال کي وچ اوڀر جي ٻين علائقن ۾ اسرائيل جي جاري جارحيت کان الڳ ڪري نٿو ڏسي سگهجي انهن معاملن ۾ اردن نديءَ جي اولهندي ڪناري تي رهندڙ فلسطيني ماڻهن تي يهودي آبادڪارن جا حملا، فلسطيني ماڻهن جا گهر، زمينون ۽ ملڪيتون ڪسي وٺڻ ۽ گهرن کي بارود سان اڏائڻ جا واقعا خاص طور تي ڳڻتي جوڳا آهن جيتوڻيڪ 1967ع جي عرب-اسرائيل جنگ ڪانپوءِ جڏهن اوڀر يروشلم ۽ اولهندي ڪناري تي اسرائيل قبضو ڪيو، تڏهن کان ئي اتي رهندڙ فلسطيني ماڻهن کي تنگ ڪرڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو هو، پر 7 آڪٽوبر 2023ع ڪانپوءِ اولهندي ڪناري جي فلسطيني ماڻهن جي زندگي وڌيڪ ڏکي بڻائي وئي آهي يهودي آبادڪارن کي اسرائيلي فوج جي سڌي مدد حاصل آهي گڏيل قومن جي انساني امداد واري اداري جي رپورٽ موجب آڪٽوبر 2023ع ڪانپوءِ اولهندي ڪناري ۾ فلسطيني ماڻهن تي يهودي آبادڪارن جي حملن ۾ غير معمولي واڌ ٿي آهي هن سال جي پهرئين ڇهن مهينن دوران هر مهيني لڳ ڀڳ 190 حملن جون رپورٽون مليون آهن پر جنهن تيزيءَ سان اِهي حملا وڌي رهيا آهن ان مان خدشو آهي ته 2026ع جي آخر تائين اسرائيلي فوج جي مدد سان يهودي آبادڪارن پاران فلسطيني ماڻهن تي حملن جو انگ 2000 تائين پهچي سگهي ٿو ياد رهي ته 2024ع ۾ عالمي عدالتِ انصاف اوڀر يروشلم، غزه ۽ اولهندي ڪناري تي اسرائيلي قبضي ۽ اتي قائم ڪيل يهودي آبادين کي غيرقانوني، عالمي قانون جي ابتڙ ۽ ناجائز قرار ڏئي چڪي آهي ان باوجود انهن علائقن ۾ يهودين جون غيرقانوني بستيون نه رڳو قائم آهن پر اسرائيلي حڪومت انهن ۾ لڳاتار واڌ پڻ ڪري رهي آهي هن وقت اوڀر يروشلم ۾ فلسطيني ماڻهن جون زمينون ڪسي ۽ سندن گهر ڊاهي جيڪي يهودي بستيون ناهيون ويون آهن ۽ اولهندي ڪناري ۾ قائم ڪيل يهودي بستين ۾ آبادڪارن جو گڏيل انگ ست لک کان وڌيڪ ٽپي وڃي ٿو، جڏهن ته اولهندي ڪناري ۾ رهندڙ فلسطيني ماڻهن جو انگ لڳ ڀڳ 34 لک آهي 1993ع ۾ اوسلو معاهدي تحت اولهندي ڪناري، غزه ۽ اوڀر يروشلم تي ٻڌل هڪ الڳ ۽ خودمختيار فلسطيني رياست قائم ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو هو، پر اسرائيل جي نيتن ياهو حڪومت نه رڳو ٻن رياستن واري حل کي رد ڪرڻ جو موقف اختيار ڪيو آهي، پر انهن علائقن کي اسرائيل ۾ شامل ڪرڻ جو ارادو پڻ ظاهر ڪري چڪي آهي اولهندي ڪناري ۾ فلسطيني ماڻهن تي يهودي آبادڪارن جا وڌندڙ حملا، کين سندن گهرن ۽ زمينن تان بي دخل ڪرڻ ۽ بنيادي شهري سهولتن کان محروم رکڻ جون ڪوششون، بظاهر ان ئي مقصد ڏانهن وڌندڙ قدم آهن ته جيئن ٻن رياستن وارو حل ناڪام بڻائي، قبضي هيٺ آيل علائقن کي اسرائيل ۾ شامل ڪيو وڃي ۽ 'گريٽر اسرائيل' واري منصوبي کي اڳتي وڌايو وڃي لبنان جي ڏاکڻي حصي ۾ اسرائيلي فوج جي مداخلت ۽ اتي رهندڙ ماڻهن کي پنهنجا گهر ڇڏي وڃڻ تي مجبور ڪرڻ واري اسرائيلي پاليسي کي به هن ئي پسمنظر ۾ ڏٺو وڃي ٿو. غزه وانگر لبنان ۾ به اسرائيل جنگبندي وارن معاهدن جي کليل ڀڃڪڙي ڪري رهيو آهي هن سال 2 مارچ کان هيل تائين اسرائيلي هوائي حملن ۾ هزارين لبناني شهيد ٿي چڪا آهن حيرت جي ڳالهه اِها آهي ته اسرائيل جا حملا ۽ جنگبندي جي ڀڃڪڙيون اڃا تائين لڳاتار جاري آهن

غزه، اولهندي ڪناري ۽ لبنان جي موجوده صورتحال کي ڏسندي ائين نٿو لڳي ته حماس جي غير مسلح ٿيڻ سان به فلسطين ۾ امن قائم ٿي سگهندو هڪ طرف اسرائيل غزه جي فلسطيني آبادي تي بمباري جاري رکيو اچي، ته ٻئي طرف اولهندي ڪناري ۾ رهندڙ فلسطيني ماڻهن تي حملن ۽ سندن گهر ڊاهڻ جا واقعا به وڌي رهيا آهن ممڪن آهي ته اسرائيل آمريڪا جي دٻاءُ ذريعي حماس کي غير مسلح ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي، پر ان ڳالهه جو امڪان گهٽ آهي ته هو غزه مان پنهنجي فوج واپس گهرائي ڇاڪاڻ ته نيتن ياهو حڪومت ۾ شامل انتهاپسند صهيوني ڌريون اسرائيلي فوج جي واپسي جي سخت مخالفت ڪري رهيون آهن ان کان علاوه اسرائيل واضح ڪري چڪو آهي ته جيئن ڏکڻ لبنان ۾ هن سيڪيورٽي زون قائم ڪيو آهي، تيئن مصر سان لڳندڙ غزه جي سرحد تي به اهڙا سيڪيورٽي زون قائم ڪندو ۽ حماس جي غير مسلح ٿيڻ ڪانپوءِ به انهن علائقن ۾ پنهنجي فوجي موجودگي برقرار رکندو تنهنڪري موجوده صورتحال کي ڏسندي وڌيڪ امڪان اِهو ٿي نظر اچي ٿو ته حماس جي غير مسلح ٿيڻ باوجود فلسطين ۾ جنگ جو خاتمو نه ٿيندو حماس پاران اها وڏي رعايت ڏيڻ باوجود به وچ اوڀر ۾ امن قائم ٿيڻ جا امڪان نظر ٿا اچن

عِلم جي اُڄ اُجهائيندڙ ڊجيٽل درسگاهه ۽ جديد دور جي نئين دنيا!

پروفيسر ڊاڪٽر زاهد حسين ڪنڊ

تعليمي ۽ انتظامي سرگرمين جي شروعات کان صرف چئن سالن جي مختصر عرصي اندر، اروڙ يونيورسٽي آف آرٽ، آرڪيٽيڪچر، ڊيزائين اينڊ هيريٽيج سنڌ جي تيزيءَ سان ترقي ڪندڙ اعليٰ تعليمي ادارن مان هڪ بڻجي سامهون آئي آهي. يونيورسٽي تعليمي واڌ، بهتر حڪمراني، تحقيق، مالي استحڪام، ڊجيٽل تبديلي، شاگردن جي شخصيت سازي ۽ پائيدار ترقيءَ جي شعبن ۾ نمايان اڳڀرائي ڪندي هڪ جديد، متحرڪ ۽ مستقبل جي ضرورتن سان هم آهنگ سرڪاري يونيورسٽي طور پنهنجي سڃاڻپ قائم ڪري رهي آهي. فن، فنِ تعمير، ڊيزائين، ورثي ۽ تخليقي صنعتن تي ڌيان ڏيندڙ هن منفرد يونيورسٽيءَ مئي 2022ع ۾ پنهنجون تعليمي ۽ انتظامي سرگرميون شروع ڪيون.

هاڻي يونيورسٽي پنهنجي شروعاتي مرحلي مان نڪري اداري جي استحڪام ۽ پختگيءَ واري دور ۾ داخل ٿي رهي آهي، جڏهن ته ان جي پهرين بيچ ڊسمبر 2026ع ۾ گريجوئيٽ ٿيڻ جي اميد آهي. موجوده وائيس چانسلر جي اڳواڻيءَ ۾ يونيورسٽي پاڻ کي علمي معيار، مالي ذميواري، جديد ٽيڪنالاجي ۽ پائيدار ترقيءَ جي اصولن تي ٻڌل اداري طور منظم نموني اڳتي وڌايو آهي. ان جو سڀ کان وڏو ثبوت شاگردن جي داخلا ۾ تيزيءَ سان واڌ آهي. سال 2022ع ۾ 153 شاگردن سان شروع ٿيندڙ هيءُ ادارو سال 2026ع تائين 2 هزار 2 سئو 77 شاگردن تائين پهچي ويو آهي، جيڪو اداري جي وڌندڙ ساک ۽ عوامي اعتماد جو چٽو عڪس آهي.

يونيورسٽي قومي، علائقائي ۽ عالمي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي پنهنجي تعليمي پروگرامن ۾ نمايان واڌ ڪئي آهي. نون پروگرامن ۾ ماحولياتي تبديلي ۽ پائيدار ترقي، سياحت ۽ هوٽل مينيجمينٽ، ڊجيٽل آرٽ، سيرامڪ ڊيزائين، هٿرادو ذهانت، سائبر سيڪيورٽي، ملٽي ميڊيا ۽ گيمنگ ۽ پاڪستان اسٽڊيز شامل آهن. اهي پروگرام نه رڳو يونيورسٽيءَ جي تعليمي دائري کي وسيع ڪن ٿا پر شاگردن لاءِ ٽيڪنالاجي، ماحوليات، سياحت، ثقافتي صنعتن ۽ ڊجيٽل معيشت جي شعبن ۾ روزگار جا نوان در به کولين ٿا.

يونيورسٽي 2027ع کان فيشن ڊيزائين ۽ هٿرادو ذهانت ۾ ايم ايس پروگرام شروع ڪرڻ جون تياريون پڻ مڪمل ڪري رهي آهي. ان سان گڏ نيشنل ووڪيشنل اينڊ ٽيڪنيڪل ٽريننگ ڪميشن، پيپلز انفارميشن ٽيڪنالاجي پروگرام ۽ ٽيڪ ويلي جي سهڪار سان مختلف پيشيوراڻا ۽ فني تربيت وارا ڪورس پڻ ڪرايا ويا، جن جو مقصد شاگردن کي عملي مهارتون، عالمي سطح جا سرٽيفڪيٽ ۽ آن لائين روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ آهي. اداري جي ترقيءَ ۾ بهتر حڪمراني اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. 2022ع کان 2026ع تائين يونيورسٽيءَ سينيٽ جا پنج، سنڊيڪيٽ جا اٺ، فنانس اينڊ پلاننگ ڪميٽي جا ست، اڪيڊمڪ ڪائونسل جا پنج، بورڊ آف فيڪلٽي جا چار ۽ انڊسٽريل ايڊوائزري بورڊ جا ٻه اجلاس منعقد ڪيا. مختلف شعبن جي بورڊ آف اسٽڊيز جا اجلاس پڻ باقاعدگيءَ سان ٿيندا رهيا. انهن فورمن ذريعي نصاب، مالي منصوبابندي، پاليسين، تعليمي معيار ۽ ريگيوليٽري گهرجن تي مؤثر عملدرآمد کي يقيني بڻايو ويو. پنج تعليمي پروگرامن جو خود جائزو ۽ ٻاهرين جائزي جو عمل مڪمل ڪيو ويو، جڏهن ته شاگردن جي تعليمي فيڊ بيڪ ۾ شرڪت 73 سيڪڙو کان وڌيڪ رهي.

يونيورسٽيءَ جي اهم ڪاميابين مان اروڙ لرننگ انسٽيٽيوٽ جو قيام آهي، جيڪو لاهور يونيورسٽي آف مينيجمينٽ سائنسز جي سهڪار سان قائم ڪيو ويو. هن ٽن سالن جي منصوبي تحت استادن جي تدريسي، تحقيقي، انتظامي ۽ قيادتي صلاحيتن کي جديد تربيت ذريعي بهتر بڻايو پيو وڃي. آفيس آف ريسرچ، انوويشن اينڊ ڪمرشلائيزيشن ذريعي استادن کي تحقيقي گرانٽس حاصل ڪرڻ، ليبارٽرين جي ترقي، ورثي جي تحفظ ۽ ماحولياتي پائيداريءَ بابت تحقيق لاءِ سهڪار فراهم ڪيو ويو. يونيورسٽي 'سنڌ جي ورثي ۽ پائيداريءَ کي عالمي تناظر سان ڳنڍڻ' جي عنوان سان ٻي عالمي ڪانفرنس پڻ منعقد ڪئي، جنهن ۾ پاڪستان سميت مختلف ملڪن جي ماهرن، استادن، محققن ۽ پاليسي سازن شرڪت ڪئي. مالي وسيلن جي محدود هجڻ باوجود يونيورسٽي مالي نظم، وسيلن جي بهتر استعمال ۽ آمدني وڌائڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. پنهنجي ذريعن مان حاصل ٿيندڙ آمدني 32 سيڪڙو تائين پهچي وئي، جڏهن ته في شاگرد خرچ ۾ 35 سيڪڙو گهٽتائي آندي وئي. يونيورسٽيءَ جو اينڊومينٽ فنڊ 236 ملين رپين مان وڌي 485 ملين رپين تائين پهچي ويو، جيڪو اسڪالرشپس، تحقيق، استادن جي ترقي ۽ مستقبل جي منصوبن لاءِ مضبوط مالي بنياد فراهم ڪري ٿو.

مالي سال 2026-27ع دوران پنهنجي آمدني 38 سيڪڙو تائين وڌائڻ جو هدف پڻ مقرر ڪيو ويو آهي. اروڙ يونيورسٽي ڊجيٽل تبديليءَ ۾ پڻ نمايان ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن. هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي منصوبن تحت يونيورسٽي SAP ERP ۽ Blackboard Learning Management System تي ڪاميابيءَ سان عملدرآمد ڪندڙ نمايان سرڪاري يونيورسٽين ۾ شامل ٿي وئي آهي. ڊجيٽل پورٽلز، آن لائين اسيسمينٽ، خودڪار انتظامي نظام، يونيورسٽي اندر تيار ڪيل سافٽ ويئر ۽ جديد مرڪزي لائبريري اداري جي ڪارڪردگي، شفافيت ۽ سهولتن ۾ نمايان اضافو آندو آهي. پائيدار ترقيءَ کي يونيورسٽيءَ جي بنيادي پاليسيءَ جو حصو بڻايو ويو آهي.

هندڙ سال ۾ اروڙ يونيورسٽي عالمي پائيداري رينڪنگ ۾ پهريون ڀيرو جاءِ حاصل ڪئي، جڏهن ته UI Green Metric World University Ranking ۾ پڻ شرڪت ڪئي. يونيورسٽي صاف پاڻيءَ جي فراهميءَ لاءِ جديد فلٽريشن ۽ ريورس آسموسس نظام قائم ڪيو آهي، جيڪو انجنيئرنگ ۽ ماحولياتي انتظام جي لحاظ کان اهم ڪاميابي سمجهي وڃي ٿي. شاگردن کي عملي دنيا لاءِ تيار ڪرڻ خاطر انٽرن شپ، ڪيريئر ڪائونسلنگ، سي وي لکڻ، فرضي انٽرويو، پيشيوراڻين مهارتن ۽ صنعتن سان رابطن جا پروگرام شروع ڪيا ويا آهن.

سال 2025-26ع دوران انٽرنيشنل آفيس شاگردن ۽ استادن لاءِ 77 عالمي موقعن جو اعلان ڪيو. شاگرد چين جي ڊاليان پولي ٽيڪنڪ يونيورسٽي جي سمر ڪيمپ ۾ شرڪت ڪئي، جڏهن ته چار شاگردن کي اٽلي جي سيپيئنزا يونيورسٽي آف روم ۾ ايڪسچينج پروگرام لاءِ چونڊيو ويو. شاگرد ڪائونسل ۽ مختلف سوسائٽين ذريعي فن، ماحوليات، ڪاروباري جدت، ڪمپيوٽنگ، رانڌين ۽ سماجي ڀلائيءَ جون سرگرميون باقاعدگيءَ سان منعقد ڪيون وڃن ٿيون. تعمير هيٺ اسپورٽس ڪمپليڪس ۾ عالمي معيار جو ڪرڪيٽ گرائونڊ، ٽينس ڪورٽس ۽ انڊور رانڌين جون سهولتون شامل آهن. جيڪي شاگردن جي جسماني ۽ ذهني نشونما ۾ اهم ڪردار ادا ڪنديون. صرف چئن سالن جي مختصر عرصي ۾ اروڙ يونيورسٽي تعليمي واڌ، جديد پروگرامن، تحقيق، مالي استحڪام، ڊجيٽل تبديلي، عالمي ڀائيوارين ۽ پائيدار ترقيءَ جي بنياد تي سنڌ جي اعليٰ تعليم ۾ هڪ نئين ڪاميابيءَ جي ڪهاڻي لکي آهي. پنهنجي پهرين گريجوئيٽ بيچ جي ويجهو پهچندڙ هيءُ نوجوان سرڪاري ادارو مستقبل ۾ نه رڳو سنڌ پر پاڪستان جي اعليٰ تعليم جي شعبي ۾ به هڪ نمايان ۽ مثالي يونيورسٽي طور اڀرڻ جي صلاحيت رکي ٿو.

(نوٽ: ليکڪ اروڙ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر آهي.)

ڪراچيءَ جي گهٽين کان سليڪون ويلي تائين: سيد بلخيءَ جو سفر

اڄ جي شخصيت: سيد بلخيءَ جي ڪهاڻي: دنيا جون لکين نه پر ڪروڙين ويب سائيٽون سندس تيار ڪيل ٽيڪنالاجيءَ تي هلن ٿيون.

1990ع ۾ ڪراچيءَ ۾ جنم وٺندڙ سيد بلخي صرف ستن ورهين جي عمر ۾ ئي ڪاروبار ڏانهن مائل ٿي ويو. هن پنهنجي پاڙي ۾ شروعات ۾ ڪرسمس ڪارڊ ۽ پوءِ ٻارن جي کائڻ پيئڻ جون شيون وڪڻڻ شروع ڪيون.

نائن اليون ڪانپوءِ، جڏهن سيد صرف ٻارهن ورهين جو هو، تڏهن سندس خاندان آمريڪا لڏي ويو. اهو دور ڪنهن به مسلمان مهاجر ٻار لاءِ آسان نه هو. ٻوليءَ جي رڪاوٽن، تعصب ۽ تنگ ڪرڻ (Bullying) جهڙن مسئلن کي منهن ڏيڻ روزمره جي ڳالهه بڻجي وئي هئي.

گهر جون مالي حالتون ڏکيون هيون. سندس والد گيس اسٽيشن تي ڪيترائي ڪلاڪ محنت ڪندو هو. سيد ڪاليج جي زماني ۾ بسترو به نه خريد ڪيو، هُو رڳو زمين تي ڪمبل وڇائي سمهندو هو ته جيئن وڌ کان وڌ بچت ڪري سگهي. فارغ وقت ۾ هُو پاڻ ڪوڊنگ سکيو. فورمن تي لکڻ ۽ ڊيٽا انٽري جهڙا ننڍا ڪم ڪيا، رڳو ايترو ڪمائڻ لاءِ جو پنهنجي والد جو سهارو بڻجي سگهي.

2009ع ۾ هن WPBeginner نالي ويب سائيٽ قائم ڪئي، جنهن جو مقصد عام ماڻهن کي ورڊ پريس استعمال ڪرڻ سيکارڻ هو. صرف ڏيڍ سال اندر هن ويب سائيٽ هڪ ملين ڊالر کان وڌيڪ آمدني حاصل ڪئي، جيڪا سندس زندگيءَ جي پهرين وڏي ڪاميابي هئي.

انهيءَ ڪاميابيءَ ڪانپوءِ هن 2013ع ۾ OptinMonster ۽ پوءِ WPForms جهڙيون پراڊڪٽس متعارف ڪرايون، جيڪي اڄ NBA، American Express ۽ ٻين وڏين ڪمپنين سميت 25 ملين کان وڌيڪ ويب سائيٽن تي استعمال ٿين ٿيون.

صرف 32 ورهين جي عمر ۾ هن بنا ڪنهن ٻاهرين سيڙپڪاريءَ جي هڪ ارب ڊالر ماليت واري ڪمپني قائم ڪئي.

گڏيل قومن کيس 30 ورهين کان گهٽ عمر وارن دنيا جي مٿين 100 ڪاروباري شخصيتن ۾ شامل ڪيو.

ايتري وڏي ڪاميابي حاصل ڪرڻ باوجود به هُو پنهنجي پاڙن سان ڳنڍيل رهيو. هو پنهنجي فائونڊيشن وسيلي شاگردن کي تعليمي اسڪالرشپون فراهم ڪري ٿو، جڏهن ته گوئٽي مالا ۽ ڪمبوڊيا ۾ اسڪولن جي تعمير ۾ پڻ مدد ڪئي آهي.

سيد بلخيءَ جي ڪهاڻي انتهائي متاثر ڪندڙ آهي. پاڪستان ۾ اهڙا ڪيترائي باصلاحيت ماڻهو موجود آهن جيڪي پنهنجي محنت، قابليت ۽ عزم سان دنيا ۾ پاڪستان جو مثبت ۽ روشن چهرو پيش ڪري رهيا آهن.

اڄوڪو ڏينهن ...... 09 آگسٽ



مختيار اڻڙ

مير علي نواز ناز

اڄوڪو ڏينهن اسان کي خيرپور رياست جي واليءَ ۽ مشهور شاعر مير علي نواز ناز جي ياد ڏياري ٿو. جنهن جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1884ع ۾ خيرپور ضلعي جي شهر ڪوٽڏيجيءَ ۾ ٿيو هن وقت جي وڏن عالمن کان تعليم حاصل ڪئي خيرپور کان علاوه لاهور ۽ لنڊن ۾ تعليم حاصل ڪيائين هن يورپ، مصر ايران، عراق ۽ هندستان جي مختلف حصن جو سير ڪيو سندس والد مير امام بخش خان ٽالپر جي وفات بعد 1921ع ۾ هو خيرپور ميرس رياست جو والي بڻيو شروع ۾ رياست جي ڀلائيءَ جا ڳڻتا ڪم ڪيائين پر بعد ۾ لاهور جي هڪ ڳائڻيءَ بيگم اقبال عرف باليءَ جي عشق ۾ نه فقط پنهنجي دل گسائي ويٺو پر گڏوگڏ پنهنجو اهو تلهو به وڃائي ويٺو عمر جي آخري حصي ۾ رياست جي حڪومت تي هن جي گرفت ڪمزور ٿي وئي ۽ سڄو انتظام انگريزن جي حوالي ٿي ويو مير علي نواز پنهنجي دور جو هڪ وڏو شاعر ۽ اديب به هو نثر ۽ نظم ۾ هن جا 13 ڪتاب ڇپيل آهن 1987ع ۾ پروفيسر عطا محمد حاميءَ مير صاحب جي ڪلام جو مجموعو "ڪليات ناز" جي عنوان سان ترتيب ڏئي ڇپرايو اهو ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ڪيو ويو هن 28 ڊسمبر 1935ع تي وفات ڪئي سندس ميت کي ڪربلا ۾ دفنايو ويو

اعجاز عليم عقيلي

اڄ ٽيليويزن جي مشهور پروڊيوسر ۽ ليکڪ اعجاز عليم عقيليءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هو 9 آگسٽ 1953ع تي ٺٽي ۾ ڄائو هن ننڍي هوندي کان ئي ادبي دنيا ۾ پير پاتو اڃا نائين ڪلاس جو شاگرد هو جڏهن "مڪلي پبليڪيشن" جي نالي سان هڪ رسالو جاري ڪيائين 1972ع ۾ "روزاني هلالِ پاڪستان" جو سب ايڊيٽر ۽ انهيءَ اخبار ۾ شاگردن جي صفحي جو انچارج بڻيو هو هڪ سٺو شاعر پڻ هو ۽ شمس عقيليءَ جي نالي سان شاعري ڪندو هو ڪجهه عرصو اطلاعات کاتي ۾ انفارميشن آفيسر طور ڪم ڪيائين 1974ع ۾ پاڪستان ٽيليويزن تي پروڊيوسر مقرر ٿيو هن ڪراچي ۽ ڪوئيٽا ٽيليويزن اسٽيشن تي ڪيترائي يادگار پروگرام پيش ڪيا. سندس پيش ڪيل مقبول سنڌي پروگرامن ۾ پرک، وينجهار، رتيءَ جي رهاڻ، روشن تارا، مهراڻ رنگ، سنڌ سينگار ۽ ٻيا ڪيترائي پروگرام شامل آهن

نصير اعجاز

اڄ مشهور ليکڪ ۽ صحافيءَ نصير اعجاز جي جنم جو ڏينهن آهي هن 9 آگسٽ 1954ع تي نوشهري فيروز جي شهر ڀريا ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو هن پرائمري تعليم موري مان حاصل ڪئي ان بعد ٽنڊي آدم ۽ شهدادپور ۾ پڙهيو اڳتي هلي سچل سرمست ڪامرس ڪاليج مان بي ڪام جي سند حاصل ڪيائين هن 1973ع ۾ ڏاڙي ادبي دنيا ۾ هڪ سنڌيڪار طور پير پاتو ۽ سنڌس انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيل ڪهاڻيون سهڻي رسالي ۾ ڇپيون هن سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ 8 کان وڌيڪ ڪتاب لکيا آهن هن جا سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ هزار کان وڌيڪ مضمون ۽ ڪالم پڻ ڇپجي چڪا آهن پاڻ آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس ڪراچيءَ جي انگريزي سنڌي ڊڪشنرين جي ايڊيٽرن ۾ شامل رهيو آهي هن پنهنجي صحافتي سفر جي شروعات 1976ع ڌاري "هلال پاڪستان اخبار" سان ڪئي هن مختلف اخبارن ۾ نيوز ايڊيٽر، ايڊيٽر، بيورو چيف ۽ ڪالم نگار طور ڪم ڪيو آهي هو پاڪستان ٽيليويزن جي پروگرام "واهه سواءِ" ۽ "حال احوال" جو ڏهن سالن تائين ميزبان رهيو ان کان علاوه مختلف نجي ٽيليويزن چئنلن ۽ ايف ايم ريڊيو اسٽيشنن جي پروگرامن ۾ شرڪت ڪندو رهيو آهي پاڻ مختلف سماجي، ادبي ۽ صحافتي تنظيمن جو ميمبر پڻ رهيو آهي

قيصر خان نظاماڻي



اڄ مشهور اداڪار، هدايتڪار ۽ پروڊيوسر قيصر خان نظاماڻيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي ٽنڊي قيصر ضلعي حيدرآباد سان تعلق رکندڙ هن مشهور شخصيت جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1966ع ۾ غلام قادر خان نظاماڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو مشهور سياستدان مير علي احمد ٽالپر سندس نانو هو هن پنهنجي فني سفر جي ابتدا پاڪستان ٽيليويزن جي سنڌي ڊرامن ۾ اداڪاريءَ سان ڪئي ان بعد هن اردو ڊرامن ۾ به پنهنجي اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا هن جي مشهور ڊرامن ۾ ڀرم، ڪان پوءِ، مارئي، هوائين الف الله اور انسان، بختاور ۽ ٻيا ڊراما شامل آهن هن ڪجهه فلمن ۾ به ڪم ڪيو آهي هن جي گهرواري فضيلا قاضي به پاڪستان ٽيليويزن جي مشهور اداڪاره آهي قيصر خان جي فن کي مڃتا ڏيندي پاڪستان سرڪار کيس حسن ڪارڪردگيءَ جي تمغي سان نوازيو

شهريار منور صديقي

شهريار منور صديقي ٽيليويزن جو مشهور اداڪار ۽ پروڊيوسر آهي، هو هم ٽي ويءَ جي مالڪ سلطانه صديقيءَ جو ڀائيٽو آهي. سنڌ يونيورسٽيءَ جو اڳوڻو وائيس چانسلر مظهر الحق صديقي سندس ڏاڏو آهي هن جو جنم 9 آگسٽ 1988ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو ۽ انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن (آءِ بي اي) ڪراچيءَ مان گريجوئيشن ڪيائين. سندس پهريون ڊرامو "ميري درد ڪو جو زبان ملي" هو، جيڪو هم ٽي وي تان ٽيليڪاسٽ ٿيو ان بعد هن جن ڊرامن ۾ اداڪاري ڪئي، تن ۾ "ڪهي انڪهي" (2013)، "آسمان به لڪا" (2014)، "هو من جهان" (2016)، "پري هٽ لو" (2019) ۽ ٻيا ڊراما شامل آهن

ڪامريڊ نذير عباسي

اڄ سنڌ جي انقلابي اڳواڻ نذير عباسيءَ جي شهادت جو ڏينهن آهي شهيد نذير عباسيءَ جو جنم 10 اپريل 1953ع تي ٽنڊي الهيار ۾ ٿيو هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان پوليٽيڪل سائنس ۾ گريجوئيشن ڪئي هو ننڍي هوندي کان ئي سماجي ۽ سياسي سرگرمين ۾ شوق سان حصو وٺندو هو هن عملي زندگيءَ جي شروعات ميونسپل ڪميٽي ٽنڊوالهيار ۾ نوڪريءَ سان ڪئي انهيءَ نوڪريءَ دوران هن "يونائيٽيڊ ورڪرس يونين" نالي سان پورهيتن جي ٽريڊ يونين رجسٽر ڪرائي هن 1969ع ۾ "آزاد ماروئڙا اسٽوڊنٽس فيڊريشن" جو بنياد وجهي ووٽر لسٽون سنڌيءَ ۾ ڇپرائڻ واري جدوجهد ۾ حصو ورتو انهيءَ جدوجهد دوران هن کي پهريون ڀيرو قيد ڪري جيل اماڻيو ويو جيل ۾ هن جي ملاقات ڪميونسٽ اڳواڻن ۽ سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي ڪارڪنن سان ٿي ۽ ائين هو انهيءَ شاگرد فيڊريشن جو حصو بڻجي ويو جنرل ضياءُ الحق واري مارشل لا دوران هن کي ڪيترائي ڀيرا گرفتار ڪري تشدد جو نشانو بڻايو ويو آخري ڀيرو هن کي 30 جولاءِ 1980ع تي گرفتار ڪيو ويو قيد دوران مٿس بدترين تشدد ڪري کيس 9 آگسٽ 1980ع تي شهيد ڪيو ويو سندس گهر واريءَ ميڊم حميده گهانگهرو ۽ سندس نياڻيءَ زرقا عباسيءَ ڪامريڊ جي شهادت کان پوءِ "جنهن ساهه ڏنو سو وساهه ڏنو" جي نالي سان ڪتاب مرتب ڪري شهيد جي زندگيءَ ۽ سندس جدوجهد کي قلمبند ڪيو آهي

پرام ابيچند



اڄ هند ۽ سنڌ جي مشهور اديب ۽ صحافيءَ پرام ابيچند جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هو 14 جولاءِ 1916ع تي سنڌ جي شهر خيرپور ميرس ۾ ڄائو پرايا شهر ۽ گهوٽڪيءَ مان ابتدائي تعليم حاصل ڪيائين ۽ اڳتي هلي ممبئيءَ ڪاليج مان منطق ۾ گريجوئيشن ڪيائين هن مختلف ادبي رسالن جي ايڊيٽر طور ڪم ڪيو انهن رسالن ۾ رابيل، ملاح، سنڌو جوت، دي سنڌو ۽ انڊين لٽريچر شامل آهن هن انسائيڪلوپيڊيا آف انڊين لٽريچر جي ايڊيٽر طور پڻ ڪم ڪيو هن 3 سئو کان وڌيڪ مضمون ۽ ڪيترائي ڪتاب لکيا. تاريخ 9 آگسٽ 2005 تي سندس ساهه جو سڳو ٽٽي پيو

جنيد احمد سومرو

اڄ مشهور سياستدان جنيد احمد سومري جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هو 3 آگسٽ 1954ع تي شڪارپور ۾ ڄائو هو شهيد الهه بخش سومري جو پوٽو هو هو ٻارهين ڪلاس تائين شڪارپور ۾ پڙهيو ۽ بعد ۾ داؤد انجنيئرنگ ڪاليج (هاڻوڪي يونيورسٽي) ڪراچيءَ مان اليڪٽرڪ انجنيئرنگ ۾ گريجوئيشن ڪيائين شاگرديءَ واري زماني ۾ قوم پرست لڏي جو ساٿي رهيو 1985ع وارين غير جماعتي چونڊن ۾ صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر بڻيو 1990ع ۾ سنڌ نيشنل فرنٽ ۾ ۽ بعد ۾ پيپلز پارٽي (شهيد ڀٽو گروپ) ۾ شامل ٿيو اڳتي هلي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو هن 8 ۽ 9 آگسٽ جي وچ واري رات 2009ع ۾ وفات ڪئي

ناطق گيريلائي

هن نامور شاعر ۽ ڪالم نگار جو جنم 9 سيپٽمبر 1940ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ قادر بخش ٻٽي ۾ ٿيو سندس اصل نالو محمد صالح ولد ڪريم بخش جتي هو هن پرائمري اسڪول جي استاد طور نوڪري ڪئي هو پنهنجي دور جو پلوڙ شاعر هو ۽ سندس شاعري سنڌ جي ڪيترن ئي ساک وارن رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجي پڌري ٿي هن 9 آگسٽ 2017ع تي هيءُ جهان ڇڏيو

آفتاب غلام نبي قاضي

آفتاب غلام نبي قاضيءَ جو شمار پاڪستان جي مشهور معاشي ماهرن ۾ ٿئي ٿو هن جو جنم 6 نومبر 1919ع تي نوشهري فيروز ۾ ٿيو هن جو والد خانبهادر غلام نبي قاضي به معاشيات جو وڏو ماهر هو ۽ اسٽيٽ بئنڪ جي گورنر طور خدمتون سرانجام ڏنيون هئائين آفتاب غلام نبيءَ رياضيءَ ۾ ايم ايس سي جي سند حاصل ڪئي هن اسسٽنٽ ڪليڪٽر، ڪليڪٽر ۽ اولهه پاڪستان جي ماليات سيڪريٽريءَ جهڙن اهم عهدن تي ڪم ڪيو اڳتي هلي ترقيءَ ۽ منصوبابنديءَ واري کاتي جو چيف سيڪريٽري، واپڊا جو چيئرمين، ناڻي کاتي جو سيڪريٽري، اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان جو گورنر ۽ پرائيويٽائيزيشن ڪميشن جو چيئرمين پڻ رهيو هن 9 آگسٽ 2016ع تي اسلام آباد ۾ وفات ڪئي

پروفيسر لڇمڻ هردواڻي



هن نامور تعليمي ماهر محقق ۽ ليکڪ جو جنم 3 مئي 1942ع تي سنڌ جي شهر سيوهڻ شريف ۾ ٿيو اڃا پنجن سالن جو مس هو جو سندس ڪٽنب ورهاڱي جا ور ڪٽي سنڌ ڇڏي وڃي هندستان جي پوني شهر ۾ پنهنجا پير کوڙيا هن مرهٽي ٻوليءَ ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪئي ۽ 35 سال ڪاليج ۾ هنديءَ جي پروفيسر طور خدمتون ڏنيون 2002ع ۾ رٽائر ٿيو هن سنڌي، هندي ۽ مرهٽي ٻولين ۾ لڳ ڀڳ 100 ڪتاب لکيا جن ۾ 10 ڊڪشنريون به آهن هن ڪيترائي ڪتاب مرهٽيءَ مان سنڌيءَ ۾ ۽ سنڌيءَ مان مرهٽي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيا هن 9 آگسٽ 2023ع تي لاڏاڻو ڪيو

“CLASSIFIED ADVERTISMENT”

ڪورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر 84 سال 2026

مسمات مسڪان ڌيءِ دين محمد رهندڙ ڳوٺ روشن آباد تعلقو سڪرنڊ .. پلينٽف. بخلاف. شعيب احمد ولد غلام رسول منگي رهندڙ ڳوٺ عبدالرحمن منگي گوليمار تعلقو ڪشمور ضلعو ڪنڌڪوٽ. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-08-11 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ٺٽو
(روبرو جناب مقتدر علي خان)
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات حسن بانو ڌيءِ ساجن ذات مڱڻهار مسلم بالغ رهندڙ ڳوٺ الله بخش Gandro. پلينٽف. بخلاف غمشاد ولد يارمحمد ذات ڀوريا مسلم بالغ رهندڙ ڳوٺ يارمحمد شاه نزد درگاه قاسم علي شاه تعلقو ميرپور بٺورو ضلعو سجاول . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-08-11 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ٺٽو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سيڪنڊ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج ٺٽو
سمري سوٽ نمبر 04 سال 2026

سڪندر علي ولد موريو ذات بلوچ رهندڙ ڳوٺ حاجي مريد نزد غلام الله تعلقو ضلعو ٺٽو. پلينٽف. بخلاف الله وسايو ولد محمد سومار رهندڙ عيد گاه روڊ ٺٽو تعلقو ضلعو ٺٽو . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف سمري سوٽ زير قلم XXXVII سي سي پي 1908 تحت درخواست داخل ڪئي آهي رڪوري آف -/8000000 رپيا ساڻ 6% مارڪ اپ سالانه جي حساب سان تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-08-19 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج ٺٽو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب گارڊين جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
گارڊين سوٽ نمبر 104 سال 2026

خير محمد ولد راڻو خان رهندڙ ڳوٺ لال محمد بروهي ديهه 106 نصرت 68 موري تعلقو نوابشاه. ايپليڪينٽ. بخلاف غلام حيدر ولد محمد ابراهيم رهندڙ ڳوٺ لال محمد بروهي ديهه 106 نصرت 68 موري تعلقو نوابشاه (2) جنرل پبلڪ . اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7,10 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن (1) وزير علي بروهي عمر 14 سال جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-08-15 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

گارڊين جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب گارڊين جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
گارڊين سوٽ نمبر 97 سال 2026

اشرف علي ولد محمد عالم چانڊيو رهندڙ وارڊ نمبر 03 محلا مورو تعلقومورو حال رهندڙ گلشن ابراهيم ڪالوني نوابشاه. ايپليڪينٽ. بخلاف مسمات حسينه زال اشرف علي چنه رهندڙ وارڊ نمبر 03 مورو تعلقو مورو ضلعو نوشهروفيروز (2) جنرل پبلڪ

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 25,7,10 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن (1) احسان علي چنه عمر 16 جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-08-15 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

گارڊين جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول / فيملي جج مورو
(روبرو جناب جميل مصطفيٰ انصاري)
گارڊين سوٽ نمبر سال 2026

مختيار علي ولد سڪندر علي ذات سبڪي رهندڙ ڳوٺ شاه بيگ ولي محمد سبڪي تعلقو مورو ضلعو نوشهرو فيروز. ايپليڪينٽ. بخلاف (1) سڪندر علي (پٽ) (2)مسمات ڪلثوم ڌيءِ سڪندر علي زال سبز علي سبڪي (3) جنرل پبلڪ ايٽ لارج. اپوننٽس (1) مبارڪ علي عمر 17 سال (2) اختيار علي 10 سال (3) مس زينب عمر 7 سال .. مائنر

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-08-10 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول / فيملي جج مورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار
ايف سي سوٽ نمبر 100 سال 2026

مسمات رضوانه ڌيءِ خدا بخش رهندڙ محلا پير عطاءِ محمد شاه ڪالوني بڪيرا روڊ ٽنڊو الهيار .. ايپليڪينٽ. بخلاف (1) چيئرمين نادرا اسلام آباد (2) انچارج نادرا ٽنڊو الهيار (3) بورڊ آف انٽرميڊيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن حيدرآباد .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-08-11 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج حيدرآباد
سوٽ نمبر 530 سال 2026

محمد آحوار قاضي ولد مرحوم اشفاق حسين قاضي رهندڙ گهر نمبر A/2 جي او آر ڪالوني حيدرآباد ...پلينٽف... بخلاف .. (1) آحران قاضي ولد مرحوم اشفاق حسين قاضي رهندڙ گهر نمبر A/2 جي او آر ڪالوني حيدرآباد (2) مختيارڪار سب ڊويزن لطيف آباد (3) سب رجسٽرار لطيف آباد (4) مختيارڪار تعلقو سانگهڙ (5) سب رجسٽرار تعلقو سانگهڙ (6) لياقت علي قائمخاني رهندڙ گهر نمبر 63 ججز ڪالوني ڪوهسار حاجي ليقات قائمخاني...... ڊفينڊنٽس (7) نيلوفر قاضي بيواه مرحوم اشفاق حسين قاضي (8) Asna ڌيءِ مرحوم اشفاق حسين قاضي ٻئي رهندڙ گهر نمبر A/2 جي او آر ڪالوني حيدرآباد. پروفارما ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف Suit for Declaration, Cancellation of Fraudulent Transfers, Recovery of Possession, Partition, Rendition of Accounts , Permanent Injunction & Damages لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 2026-08-22 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج حيدرآباد

عام اطلاع

هرعام وخاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته اڻون هڪ عدد بنگلو نمبر 19 ايراضي 00-100 اسڪوائر يارڊ واقع عبدالله بنگلوز هائوسنگ اسڪيم ديهه ڄامشورو تعلقو قاسم آباد ضلعو حيدرآبادهڪ نالي (1) محمد اويس ولد مرحوم سرفراز احمد چانگ شناختي ڪارڊ نمبر 4110313758271(2) مس ايمن (Eman) ڌيءِ مرحوم سرفراز احمد چانگ شناختي ڪارڊ نمبر 4110389177876 کان خريد ڪري رهي آهيان ان سلسلي ۾ اگر ڪنهن به شخص کي ڪو به ڪنهن به قسم جو ڪوبه قانوني اعتراض هجي ته هن اشاعت جي شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت مون وٽ جمع ڪرائي ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ ڪارروائي مڪمل ڪئي ويندي

بينظير چانڊيو زال انصاف بروهي شناختي ڪارڊ نمبر
4340605100794 رهندڙ گهر نمبر A-2 محلو
عبدالله بلسينگ واٽر واه روڊ قاسم آباد حيدرآباد
سيل نمبر 03003007487

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج I ٽنڊو محمد خان
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات روزينا ڌيءِ لونگ ملاح رهندڙ ٽالپر ڪالوني ٽنڊو محمد خان .. پلينٽف. بخلاف. عبدالغني ولد محمد عثمان ذات ملاح رهندڙ ظفر پٺاڻ جي پهاڙي نزد ڪٽڙ تعلقو لطيف آباد حيدرآباد . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف . نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-08-10 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج I ٽنڊو محمد خان

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج I هالا
فيملي سوٽ نمبر 13 سال 2026

مسمات فضا زال سعود عالم ذات خمان رهندڙ ڳوٺ ڀاٽوٽ بي او هالا نيو تعلقو هالا ضلعو مٽياري .. پلينٽف. بخلاف. سعود عالم ولد محمد صديق رهندڙ رشيد آباد نمبر 7 بلديه ٽائون ويسٽ ڪراچي سيل نمبر 03128752657 . . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف . نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-08-12 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج I هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج II هالا
(روبرو جناب علي حسن مري)
فيملي سوٽ نمبر 89 سال 2026

مسمات فاطمه ڌيءِ غلام حيدر خاصخيلي رهندر غازي ڀاڙو ڪنڊو تعلقو هالا .. پلينٽف. بخلاف. غلام رسول عرف ولد راول خاصخيلي رهندر ڳوٺ شير محمد لوڙهو بشير آباد ڪالوني تعلقو ضلعو مٽياري . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-08-10 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج II هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص
(روبرو جناب مس مريم صبا مهر)
فيملي سوٽ نمبر 117سال 2026

مسمات حميرا زال عبدالحميد ذات پٺاڻ رهندڙ روينيو ڪالوني ميرپورخاص .. پلينٽف. بخلاف. عبدالحميد ولد فتح محمد رهندڙ ڳوٺ برهان شاه ضلعو ميرپورخاص سيل نمبر 03142909569. . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-08-15 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

ڪنزيومرپروٽيڪشن ڪورٽ / فيملي جج ميرپورخاص
(روبرو جناب غلام فيض ساجد)
فيملي سوٽ نمبر 54سال 2026

مسمات فائزه ڌيءِ محمد جمن ذات خاصخيلي رهندڙ گهر نمبر 82 رحمان ٽائون ميرپورخاص .. پلينٽف. بخلاف. احسان علي ولد فريد احمد سومرو رهندڙ محمد موسيٰ شيدي محلا جيڪب آباد . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-08-15 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڪنزيومرپروٽيڪشن ڪورٽ / فيملي جج ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول / فيملي جج اينڊ جي ايم IIڊگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سمون)
فيملي سوٽ نمبر 41سال 2026

(1) مسمات رنا فاطمه ڌيءِ ممتاز علي ذات چانڊيو (2) سالار ولد علي رضا مائنر عمر 02 سال معرفت ماءُ رنا فاطمه رهندڙ وارڊ نمبر 5 عيدل محلہ جهڏو ضلعو ميرپورخاص .. پلينٽف. بخلاف. علي رضا ولد محمد سليم ذات خاصخيلي رهندڙ حيات خاصخيلي تعلقو ٽنڊو باگو ضلعو بدين . . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-08-10 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم IIڊگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول / فيملي جج اينڊ جي ايم IIڊگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سمون)
فيملي سوٽ نمبر 39سال 2026

مسمات ٽينا ڌيءِ شاهد زال صابر رهندڙ وارڊ نمبر 03 ٽنڊو جان محمد تعلقو ڊگهڙي ضلعو ميرپورخاص. پلينٽف. بخلاف صابر ولد رسول بخش رهندڙ وارواڻي ڪالوني نزد اسلام ڪوٽ . . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار رڪوري داوري آرٽيڪلز ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-08-13 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم IIڊگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات ستاره چنه. پلينٽف. بخلاف پرويز علي ولد عبدالحڪيم چنه رهندڙ ڳوٺ ابراهيم چنه کي اين شاه ضلعو دادو . . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ مينٽيننس ۽ ٻي درخواست زير قلم S-17-A مسلم فيملي ڪورٽ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-08-10 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج II ٿاڻو بولا خان ايٽ ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات صنوبر ڌيءِ علي اصغر زال سجاد علي برهماڻي رهندڙ ڳوٺ ڪبي تعلقو مانجهند ضلعو ڄامشورو. پلينٽف. بخلاف. سجاد علي برهماڻي ولد خان محمد ذات برهماڻي رهندڙ ڪبي تعلقو مانجهند ضلعو ڄامشورو. . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-08-12 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج II ٿاڻو بولا خان ايٽ ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج مانجهند
ايگزيڪيوشن سوٽ نمبر 01 سال 2026

مسمات ناز ڌيءِ Shahbazi رهندڙ ڳوٺ راڄڙي تعلقو مانجهند ضلعو ڄامشورو .. پلينٽف. بخلاف احمد علي ولد حاجي احمد ذات ڪوسو رهندڙ ڳوٺ سانگهڙ ڪوسو تعلقو مانجهند ضلعو ڄامشورو. . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم 13 ويسٽ پاڪستان فيملي ڪورٽ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-08-12 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج مانجهند

لاتعلقي جو اظهار

هر عام ۽ خاص کي اطلاع ڏجي ٿو ته مان خير محمد جمالي ولد فتح محمد جمالي حال رهائش بني مالڪ جده سعودي عرب مستقل رهائشي ڳوٺ خير محمد جمالي پوسٽ آفيس جوهي ضلع دادو پنهنجي پٽ ابراهيم جمالي سان سندس مسلسل غير ذميوارائي ۽ نامناسب روين سبب هر قسم جي ذاتي ۽ مالي لاتعلقي جو اعلان ڪريان ٿو.مون پنهنجي پٽ ابراهيم کي ڪيترائي ڀيرا سڌارڻ جي ڪوشش ڪئي، ڪيس علاج ڪرايو، روزگار جا وسيلا فراهم ڪيا، سعودي عرب دبئي موڪليو گاڏيون وٺي ڏنيون ۽ هر ممڪن سهڪار ڪيو پر افسوس جو هن جوا، نشي ۽ ٻين خراب عادتن کي نه ڇڏيو ۽ پنهنجي روپي ۽ ستارو نه آندوهائي هو منهنجي نالي تي پان سيدآباد ۾ موجود پلاٽ ۽ ٻي ملڪيت بابت منهنجي اجازت کان سواءِ وڪرو ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهيو آهي ۽ مختلف ماڻهن کي اهڙيون آڇون پڻ ڏئي رهيو آهي. تنهن ڪري عام اطلاع ڏجي ٿو ته منهنجي واضح لکت واري اجازت کان سواءِ منهنجي نالي تي موجود ڪنهن به ملڪيت، پلاٽ، زمين يا ٻي اثاثي بابت سندس طرفان ڪيل ڪنهن به قسم جي وڪري، معاهدي يا ڏيتي ليتي جو منهنجو ڪو به واسطو يا ذميواري نه هوندي. اهڙي قسم جي ڪنهن به معاملي ۾ شريڪ ٿيندڙ ماڻهو پنهنجا ذميوار پاڻ ليندا.هي اعلان عوام جي ڄاڻ، مستقبل ۾ ڪنهن به غلط فهمي يا تڪرار کان بچڻ ۽ منهنجي قانوني حقن جي تحفظ خاطر جاري ڪيو وڃي ٿو.نوٽ: هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن مستقبل ۾ ضرورت پوڻ تي قانوني ۽ انتظامي مقصدن لاءِ ڪم اچي سگهي

خيرمحمد جمالي
شناختي ڪارڊ نمبر: 4120237859111

بقايا 1 3فوت

جنهن بعد کين فوري طور اسپتال منتقل ڪيو ويو علاج دوران 5 ورهين جو زين ولد دلاور قريشي، 3 ورهين جو گلزيب ۽ مسڪان ولد گلزار قريشي دم ڏئي ڇڏيو. واقعي ۾ گلزار احمد قريشي، دلاور، ماه نور سميت خاندان جا ٻيا ڀاتي پڻ متاثر ٿيا آهن جيڪي بيهوشي ۽ ڳڻتي جوڳي حالت ۾ اسپتال ۾ علاج هيٺ آهن ٽن معصوم ٻارڙن جي فوت ٿيڻ جي خبر ملندي ئي ڳوٺ ۾ ڪهرام مچي ويو جڏهن ته وارث سخت صدمي ۾ مبتلا آهن.

بقايا 2 ورتو رپورٽ طلب

واقعي جو سخت نوٽيس وٺندي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي وزيراعليٰ سنڌ ڪمشنر ۽ ڊي آءِ جي لاڙڪاڻي کان واقعي جي تفصيلي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي هن هدايت ڪئي آهي ته متاثر خاندان کي فوري طور تي بهترين طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن سيد مراد علي شاهه چيو ته واقعي جي هر پهلو کان شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي اصل حقيقتون سامهون آنديون وڃن هن چيو ته معصوم ٻارن جو فوت ٿيڻ انتهائي دردناڪ واقعو آهي اسان غمگين خاندان جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون

بقايا 3 بارات

. واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي. جڏهن ته متاثر ماڻهن جي طبيعت ۽ واقعي جي اصل سبب بابت وڌيڪ معلومات سامهون اچڻ جو انتظار آهي

بقايا 4 لاش هٿ

جي معصوم نينگر جو لاش ڪيڏي حد جي پوليس کي اطلاع ڪيو. آخري اطلاعن موجب ته لاوارث حالت ۾ مليل لاش جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي. پوليس نينگر جا فوٽيجز سوشل ميڊيا تي وائرل ڪري ڇڏيا آهن. جڏهن ته فوتي معصوم نينگر جو لاش سول اسپتال ڪنڌڪوٽ جي سرد خاني ۾ رکايو ويو آهي..

بقايا 5 احتجاجي مظاهرو

رڳي. وارثن ٻارن شهيد بينظير ڀٽو چوڪ کان ٻه ڪلوميٽر پيادل ريلي ڪڍي شهر جو گشت ڪيو جنهن دوران قاتلن خلاف نعريبازي ڪئي وئي. ڳوٺ زيريپير يرسان 14 ڏينهن اڳ ۾ پنهنجي زمين تي وڃڻ دوران هٿياربندن فائرنگ ڪري نوجوان مشتاق علي ڊومڪي کي گوليون هڻي قتل ڪيو هو جنهن جا قاتل اڃان تائين گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، احتجاجي مظاهرو ڪندڙ مقتول نوجوان جي وارثن ذوالفقار ڊومڪي، غلام حسين عبدالشڪور جو چوڻ هو ته هنن سيد فهيم شاهه کان زمين خريد ڪئي هئي جنهن تي قبضو ڪرڻ لاءِ سيد فهيم شاهه جي ڌاڙيل هٿياربندن ممتاز رند، مٺل رند، سانوڻ رند ۽ دين محمد رند اسان جي نوجوان مشتاق علي ڊومڪي کي زمين تي وڃڻ دوران گوليون هڻي قتل ڪيو هو پر ٻه هفتا گذرڻ باوجود انتظاميه جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي. هنن جو چوڻ هو انتظاميه جي سستي سبب ڪين قتل ڪيس ۾ گهربل جوابدار موٽسار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ۽ سندن نوجوان کي قتل ڪندڙ مک جوابدار ممتاز رند سنڌ جو خطرناڪ ڌاڙيل آهي جنهن تي 40 کان 50 مختلف خطرناڪ وارداتن جا ڪيس داخل آهن. قتل ڪيس ۾ گهربل جوابدار زمين تان قبضو خالي نه ڪرڻ ۽ ڪيس تان هٿ نه ڪڍڻ جي صورت ۾ موٽسار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن.هنن اختيارين کان مطالبو ڪيو ته جوابدارن کي گرفتار ڪري کين تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 6 تدارڪ جي گهر

ٿئي جيڪا مبينا طور گم ٿي ويئي آهي. ملائڪه جي والد ٽيليگراف پوليس پوسٽ تي نامعلوم ماڻهن خلاف اغوا جي اين سي ڪٽرائي هن چيو ته ڪيس جي سلسلي ۾ مون کي پوليس پوسٽ تي گهرائي مون تي اغوا جو الزام لڳايو ويو ۽ منهنجي موبائيل ۽ منهنجي گهر وارن جي موبائيل ۾ ڊيٽا ڏٺي ويئي جنهن ۾ پوليس کي اهڙو ڪجهه هٿ ڪونه آيو ۽ منهنجي ملوث هئڻ يا منهنجي گهر ڀاتين جي ملوث اغوا هجڻ جو ڪوبه ثبوت نه مليو هن چيو ته اسان جو خاندان هڪڙو آهي ملائڪه اسان جي گهر ايندي ويندي هئي سندس والد کي به مون ٻڌايو هن چيو ته هڪ ڏينهن سندس والد جي غير موجودگي ۽ منهنجي غير موجودگي ۾ اسان جي گهر آئي هئي جتي سندس والده ۽ ٻه ڀاڄايون موجود هيون هنن ملائڪه کي سمجهائي گهر موڪليو جتي هن موقعي جو فائدو وٺندي اسان جي گهر ٻاهران ڪڙو ڏيئي ڇڏيو ۽ پاڻ ڪنهن سان هلي ويئي يا گم ٿي ويئي يا اغوا ٿي ويئي ان بابت اسان کي ڪا ڄاڻ نه آهي هن الزام لڳائيندي چيو ته سندس گهر ڀاتي مون کي ڪجهه نه ٿا چون پر پوليس مون کي ٻي گناهه تنگ ڪري رهي آهي ۽ مبينا ڌڄاري ڌمڪائي اغوا واري ڪيس ۾ جاڙي واڻي ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي هن پوليس جي اعليٰ عملدارن ايس ايس پي ڄامشورو ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ وس وارن کان انصاف جو مطالبو ڪيو آهي ۽ چيو آهي ته مان ڪنهن به قسم جي اغوا ۾ ملوث نه آهيان ڀلي جاچ ڪئي وڃي.

بقايا 7 ٻيو مرحلو شروع

پيپلز پارٽي جي نوجوان اڳواڻ راول شرجيل ميمڻ حيدرآباد تعلقي ڀهراڙي جي مستحق عورتن کي روزگار جا وسيلا فراهم ڪرڻ لاءِ 33 هزار سلائي مشينون ورهائڻ واري پروگرام جي ٻئي مرحلي جو آغاز ڪري ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ يو سي 72 ٽنڊو قيصر ۾ هڪ تقريب ڪوٺائي وئي، جنهن دوران مستحق عورتن ۾ سلائي مشينون ورهايون ويون تقريب کي خطاب ڪندي راول شرجيل ميمڻ چيو ته حيدرآباد تعلقي ڀهراڙي ۾ مجموعي طور 33 هزار سلائي مشينون ورهائڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي جڏهن ته هن وقت تائين هڪ هزار سلائي مشينون مستحق عورتن ۾ ورهائي چڪا آهيون هن چيو ته پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هدايتن تي عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۽ کين باعزت روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ مختلف قدم کنيا پيا وڃن سلائي مشينن جي فراهمي به ان ئي سلسلي جي هڪ اهم ڪوشش آهي، جنهن جو مقصد عورتن کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ ۽ سندن معاشي خودمختياري کي هٿي ڏيڻ آهي راول شرجيل ميمڻ چيو ته 33 هزار عورتن کي روزگار جا وسيلا فراهم ڪرڻ لاءِ سلائي مشينون ورهائڻ وارو منصوبو هڪ تاريخي قدم آهي هن چيو ته سلائي مشينون مستحق عورتن لاءِ آمدني جو مستقل ذريعو بڻجڻ سان گڏ سندن گهريلو آمدني ۾ واڌ جو سبب پڻ بڻجنديون هن وڌيڪ چيو ته حيدرآباد ضلعي ۾ عورتن لاءِ روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ ۽ کين معاشي طور مضبوط بڻائڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن مستحق عورتن کي سهولتون فراهم ڪري کين پنهنجي پيرن تي بيهارڻ پيپلز پارٽي جي ترجيحن ۾ شامل آهي راول شرجيل ميمڻ موجب پوري حيدرآباد تعلقي ڀهراڙي ۾ مستحق عورتن کي باعزت روزگار جا وسيلا فراهم ڪرڻ لاءِ مجموعي طور 33 هزار سلائي مشينون ورهايون وينديون جنهن سان وڏي انگ ۾ عورتن کي گهر ويٺي روزگار حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي خاندان جي آمدني ۾ حصو وجهڻ جو موقعو ملندو

بقايا 8 زخمي ڪري ڇڏيو

پڪيڙي ڇڏيو چٽي ڪتي جي حملي ۾ هڪ نينگري سميت ٻه ٻار زخمي ٿي پيا، جڏهن ته ڳوٺ پرسان رهندڙ ڀيل برادري جي هڪ ٻار کي پڻ ڪتي جي ڏاڙهڻ سبب زخمي ٿيڻ جا اطلاع آهن.تفصيل موجب ڳوٺ ڪريم بخش سولنگي ۾ هڪ چٽي ڪتي اوچتو حملو ڪري نينگري فرزانه ۽ نينگر شاهزيب کي ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو واقعي ڪانپوءِ ڳوٺ ۾ خوف ۽ هراس واري صورتحال پيدا ٿي وئي جڏهن ته چٽي ڪتي جي موجودگي سبب ڳوٺاڻن چٽي ڪتي جي حملن جي خدشي سبب سڄي رات جاڳي گذاري ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته چٽي ڪتي سبب ٻارن سان گڏ گهرن جي ٻاهران ٻڌل چوپائي مال تي پڻ حملي جو خدشو آهي جنهن ڪري ماڻهو سڄي رات خوف ۾ مبتلا رهيا.زخمي ٻارن کي فوري طور تعلقي اسپتال ڊگهڙي منتقل ڪيو ويو جتي کين ڪتي جي ڏاڙهڻ کان بچاءُ وارو انجيڪشن لڳايو ويو جڏهن ته وڌيڪ هڪ ضروري انجيڪشن تعلقي اسپتال ۾ موجود نه هجڻ سبب ٻارن کي ميرپورخاص روانو ڪيو ويو.ڳوٺاڻن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته چٽي ڪتي کي فوري طور پڪڙي ڳوٺاڻن کي خوف ۽ هراس واري صورتحال مان نجات ڏياري وڃي ۽ آوارا ڪتن خلاف پڻ اثرائتي ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 9 3زخمي

پيڪ روڊ وٽ موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن فائرنگ ڪري نوجوان اشرف گهوٽو ضمير احمد گهوٽو ۽ ٻين کان فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ 25 سالا ڳڀرو نوجوان اشرف گهوٽو ٿلهي تي قتل ٿي ويو جڏهن ته نوجوان ضمير احمد گهوٽو سميت 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا واقعي بعد گهوٽا برادري جي ماڻهن واقعي واري هنڌ پهچي فوتي اشرف گهوٽو جو لاش ۽ زخمين کي سول اسپتال گهوٽڪي منتقل ڪيو جتي فوتي نوجوان جو لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته زخمين کي سندن حالت ڳڻتي جوڳي هئڻ تي کين سکر ريفر ڪيو ويو ان موقعي تي گهوٽا برادري جا سوين ماڻهو سول اسپتال پهتا، جن جو چوڻ هو ته سندراڻي هٿياربندن اسانجي ڳڀرو نوجوان کي قتل ۽ ٽن نوجوانن کي زخمي ڪيو آهي هوڏانهن پوليس جو چوڻ هو ته سندراڻي هٿياربندن مٿان نوجوانن تي حملي جو الزام آهي معاملي جي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي، هوڏانهن ذريعن جو چوڻ آهي ته ڪجهه وقت پهريان بجلي جي تارن جي چوري واري واقعي ۾ مارجي ويل سندراڻي برادري جي مبينه چور جي پلاٽ ۾ نوجوان اشرف گهوٽو کي قتل ڪيو ويو آهي

بقايا 10 لاڏاڻو ڪري وئي

ميمبر سيد وسيم حسين جي والده محترمه لاڏاڻو ڪري وئي مرحومه جي جنازي نماز فقير ڪاپڙ چوڪ حيدرآباد ۾ ادا ڪئي وئي، جنهن ۾ سياسي، سماجي، مذهبي ۽ مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.جنازي ۽ تدفين جي موقعي تي ايم ڪيو ايم پاڪستان جي سينيئر مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر فاروق ستار سي او سي ميمبر شريف خان، ڪامران فاروقي، سنڌ تنظيمي ڪميٽي جي انچارج سليم رزاق ۽ ڪميٽي جي ٻين ميمبرن ضلعي آرگنائيزر ظفر احمد صديقي ۽ ضلعي ڪميٽي جي ميمبرن سميت حق پرست قومي ۽ صوبائي اسيمبلي ميمبرن پروفيسر عليم خانزاده، راشد خان ايڊووڪيٽ، عامر معين پيرزادو، جمال احمد، ناصر حسين قريشي، اڳوڻي رابطا ڪميٽي ميمبر ڊاڪٽر ظفر ڪمالي، ميئر حيدرآباد ڪاشف شورو مختلف ٽائونز جي چيئرمين جيسڪو آفيسرن، مذهبي اڳواڻن، ٽائون يوسي سطح جي ذميوارن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي ان کان علاوه حيدرآباد جي سياسي، سماجي ۽ ڪاروباري حلقن سان گڏ مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ شهرين پڻ مرحومه جي جنازي ۾ وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪري سيد وسيم حسين ۽ سندن خاندان سان تعزيت جو اظهار ڪيو هوڏانهن ايم ڪيو ايم پاڪستان ضلعي حيدرآباد جي آرگنائيزر ظفر احمد صديقي ۽ ضلعي آرگنائيزنگ ڪميٽي جي ميمبرن گڏيل تعزيتي بيان جاري ڪندي سيد وسيم حسين سان سندن والده جي وفات تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو هنن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحومه کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ سمورن سوڳوارن کي صبر جميل نصيب ڪري آمين

بقايا 11 ريسپانس جي سهولت

پوليس ريسپانس فراهم ڪيو ويندو مددگار پوليس جي آفيس پوليس اسٽيشن بدين ۾ قائم ڪئي وئي آهي جتي مقرر پوليس اهلڪار چوويهه ڪلاڪ موجود رهندا ۽ شهرين جي ڪال تي فوري طور تي ڪارروائي ۽ مدد لاءِ لاڳاپيل پوليس عملدارن کي اطلاع فراهم ڪندا شهري هنگامي صورتحال يا پوليس مدد جي ضرورت جي صورت ۾ پنهنجي موبائل يا فون تان 15 ڊائل ڪن ۽ فوري پوليس مدد حاصل ڪن ان موقعي تي ڊي ايس پي بدين شڪيل احمد سولنگي، ايس ايڇ او بدين سب انسپيڪٽر علاول خاصخيلي، انچارج مددگار پوليس 15 اي ايس آئي اياز علي انصاري ۽ مددگار پوليس جي جوانن پاران بدين شهر ۾ گشت پڻ ڪيو ويو ۽ شهرين کي تحفظ جو احساس ڏياريو ويو

بقايا 12 هڙتال جو اعلان

گذاري رهيا آهيون. ملازمن اڳواڻن محمد يوسف عمراڻي اعجاز ميمڻ قربان حاجاڻو شيراز ميمڻ الزام هڻندي چيو ته ٽائون ڪميٽي انتظاميا ملي ڀڳت ڪري فوت ٿيندڙ يا رٽائرڊ ٿيندڙ ملازمن جا سروس بڪ گم ڪري ڇڏي ٿي نتيجي ۾ رٽائرڊ ٿيندڙ ملازم سڄي عمر پينشن کان محروم رهن ٿا. هنن لوڪل گورنمينٽ ملازم تنظيمن جي اڳواڻن کي اپيل ڪئي آهي ته شروع ٿيندڙ تحريڪ ۾ سندن ساٿ ڏين ته جيئن هو پنهنجا جائز مطالبا مڃرائي سگهن

بقايا 13 احتجاج

نائب صدر ساجن شيخ نائب صدر عبدالخالق ملاح جنرل سيڪريٽري عبدالرزاق ملاح جوائنٽ سيڪريٽري حيدر علي ملاح اطلاعات سيڪريٽري محمد ميراڻي خزانچي يار محمد ملاح ۽ آفيس سيڪريٽري لطف الله ملاح چيو آهي ته مهاڻا پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي سمنڊ ۽ پاڻيءَ جي وسيلن مان مڇي جو شڪار ڪري عوام تائين پهچائين ٿا پر ان باوجود بدين ضلعي جا مهاڻا بنيادي سهولتن کان محروم آهن هنن چيو ته ماهيگيرن جي حقن ۽ معاشي آزادي لاءِ مرحوم محمد علي شاهه جون خدمتون ۽ جدوجهد تاريخي حيثيت رکن ٿيون جن کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا بدين ضلعي جي مهاڻن جي حقن ۽ مالڪي لاءِ نئين جذبي سان جدوجهد جاري رکي ويندي اڳواڻن چيو ته مهاڻن جي ٽڙن ۽ مڇي مارڻ وارن هنڌن تي پيئڻ جي صاف پاڻي بجلي صحت روڊ ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي کوٽ آهي جڏهن ته مهاڻن کي مڇي جا مناسب ۽ جائز اگهه پڻ نٿا ملن لائسنس ۽ ٻين قانوني معاملن جي آڙ ۾ مهاڻن جي وسيلن ۽ روايتي مڇي مارڻ وارن علائقن تي قبضا ٿيڻ جون شڪايتون پڻ سامهون اچي رهيون آهن هنن سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته مقامي مهاڻن کي سندن قانوني ۽ بنيادي حق ڏنا وڃن روايتي مڇي مارڻ وارن علائقن ۾ کين تحفظ فراهم ڪيو وڃي ٽڙن تي صاف پاڻي بجلي صحت روڊ ۽ ٻيون بنيادي سهولتون مهيا ڪيون وڃن. جڏهن ته مهاڻن کي بيڙيون، جار ۽ ٻيو ضروري سامان فراهم ڪيو وڃي اڳواڻن وڌيڪ مطالبو ڪيو ته لائسنس جي آڙ ۾ مهاڻن جي حقن ۽ وسيلن تي ٿيندڙ قبضن جو نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي وڃي مهاڻن کي مڇي جا مناسب ۽ منصفاڻا اگهه ڏياريا وڃن ۽ سندن روزگار ۽ معاشي تحفظ لاءِ مستقل ۽ عملي پاليسي جوڙي وڃي هنن واضح ڪيو ته پاڪستان فشر فوڪ فورم ضلعي بدين جي نئين باڊي ماهيگيرن جي حقن روزگار ۽ عزت لاءِ قانوني جمهوري ۽ پرامن جدوجهد جاري رکندي

بقايا 14 عبدالسميع پنهور

145 رپيا في ڪلو فروخت ٿي رهيو آهي جڏهن ته خوراڪ کاتي سنڌ ۾ ڪڻڪ جي خريداري نه ڪري مزدور طبقي سان وڏو ظلم ڪيو آهي هو خيرپور ۾ ريجنل يونين آف جرنلسٽس جي آفيس ۾ هنگامي پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو هو عبدالسميع پنهور چيو ته ڪڻڪ سنڌ ۾ اڻ لڀ ٿي وئي آهي روينيو ۽ فوڊ جا سنڌ جي آبادگارن واپارين ۽ فلور ملن تي ڇاپا غير قانوني آهن هن چيو ته ڇاپن هڻڻ جي ڪري ڪڻڪ غائب ٿي وئي آهي ۽ ڪڻڪ مارڪيٽن تائين ۽ فلور ملن تائين نه پئي پهچي تنهن ڪري اٽو مهانگو ٿي ويو آهي هن چيو ته غلط پاليسي ڏاهيندڙ خوراڪ کاتي جي آفيسرن خلاف جستائين ڪارروائي نه ڪئي ويندي تيستائين اٽي جو بحران جاري رهندو هنن جي غلط پاليسين جي ڪري ڪڻڪ ڪراچيءَ جي فلور ملن کي اندروني سنڌ مان نه پئي وڃي.

بقايا 15 نوجوان فوت

جوڳي حالت ۾ دادو جي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي علاج دوران زخمي رضوان پنهور زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو اهڙو اطلاع ملڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو فوتي جو مڙهه ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته واقعي واري هنڌ مخدوم بلاول پوليس پهچي ڪري ڪار کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو جڏهن ته ڪار ڊرائيور واقعي واري هنڌان ڪار ڇڏي فرار ٿي ويو

بقايا 16 مخدوم جميل الزمان

حڪومت کي سخت قدم کڻڻا پوندا هن چيو ته آزاد ڪشمير جي چونڊن ۾ ڌانڌلي جا الزام سامهون آيا آهن، جنهن تي صدر مملڪت پڻ ناراضگي جو اظهار ڪيو آهي هن چيو ته ڪشمير جا عوام پيپلز پارٽي سان محبت ڪن ٿا ۽ پاڪستان ۾ ٿيندڙ چونڊن دوران پيپلز پارٽي جي حمايت لاءِ ايندا آهن مخدوم جميل الزمان چيو ته عوامي راءِ ڪانسواءِ ڪنهن به صورت ۾ نئون صوبو قائم نه ٿيڻ ڏينداسين. عمران خان بابت سوال تي هن چيو ته عمران خان پاڻ ٿي جيل مان ٻاهر اچڻ نٿو چاهي.هن وڌيڪ چيو ته وزيراعظم شهباز شريف طاقتور وزيراعظم آهي تنهنڪري ڪيس پيٽرول ۽ ٻين ضروري شين جي قيمتن تي اثرائتو ڪنٽرول ڪري عوام کي رليف فراهم ڪرڻ گهرجي.ان موقعي تي طالب المولىٰ اڪيڊمي پاران ڇپرايل ڪتاب "ٻڪر" جي مهورت پڻ ڪئي وئي تقريب کي خطاب ڪندي شاعرن اديبن ۽ دانشورن مخدوم جميل الزمان جي ادبي خدمتن کي ساراهيو. تقريب ۾ لا ڪاليج جي پرنسپال ايڊووڪيٽ قربان پتو اڳوڻو ڊي جي ڪلچر سنڌ ۽ نامور اديب محمد علي مانجهي ميونسپل ڪميٽي هالا جو چيئرمين گل محمد پنهور سينيئر صحافي محمد افتخار ميمڻ عبدالرحيم ميمڻ ثناء مشتاق ميمڻ ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا 17 آپريشن ڪئمپ

هيٺ ورسي جي موقعي تي عورتن جي مختلف بيمارين جي آپريشن جي ڪئمپ لڳائي وئي جنهن ۾ عورتن ۾ مختلف خطرناڪ بيمارين جهڙوڪ رسولي، چين، ٻچيداني جي آپريشن، فسچيولا جا آپريشن ڊاڪٽر پشپا سريچند، ڊاڪٽر جٽ مالا شرما، ڊاڪٽر گوپا سوکهڙ ڊاڪٽر سريچند، ڊاڪٽر موهني گوتم ڊاڪٽر صائمه قائمخاني مريضن جا آپريشن ڪيا ۽ ڪئمپ جي نگراني سول سرجن ڊاڪٽر شاهد جهنجهي ڪئي انهي موقعي تي ونود جگديش ملاڻي، ڊاڪٽر لو ملاڻي ڳالهائيندي چيو ته امر جگديش ملاڻي ۽ امر موتي ملاڻي ٿرپارڪر جي عوام جي خدمت ڪئي ۽ سندن ڇڏيل مشن کي پوري ڪيو ويندو

بقايا 18 ڪري ڇڏي

هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو اسپتال انتظاميا ضروري قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو نوجوان جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو جڏهن ته وارثن کي ڏک ۽ صدمو رسيو

بقايا 19 سان جاري

۾ ٿي گڏيل جنهن ۾ تاجر الائنس طرفان عنايت بلوچ بينڪوئيٽ ۾ جشن آزادي جي شاندار تقريب قومي جوش ۽ جذبي سان ملهائڻ لاءِ جاري تيارين جو جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته جشن آزادي جي شاندار تقريب 13 آگسٽ خميس جي شام 6 وڳي عنايت بلوچ بينڪوئيٽ ۾ شروع ٿيندي، جيڪا رات دير تائين جاري رهندي، جڏهن ته رات 12 وڳي پاڪستان جي آزاديءَ جي 79هين سالگره جو ڪيڪ ڪاٽي آزاديءَ جو جشن ڀرپور قومي جذبي سان ملهايو ويندو جشن آزادي جي پروگرام لاءِ شهر جي سرڪاري ۽ نجي اسڪولن جي سربراهن کي خصوصي دعوتون ڏنيون ويون آهن جڏهن ته شاگردن پاران ٽيبلو ملي نغمن ۽ ٻين ثقافتي پروگرامن لاءِ ريهرسلون پڻ شروع ڪيون ويون آهن هوڏانهن شهر جي بازارن چوڪن چوراهن ۽ دڪانن تي قومي جهنڊا بينر ۽ پينا فليڪس لڳائڻ جو سلسلو تيزي سان جاري آهي جنهن سان گولاڙچي شهر قومي رنگن سان سينگاريجي ويو آهي ۽ هر طرف جشن آزادي جوش جذبي سان نظر اچي رهيو آهي

بقايا 20 جو اهتمام

عمل ۽ اخلاص" هو ليڪچر الياس هال ۾ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ شاگردن وڏي دلچسپي سان شرڪت ڪئي ليڪچر دوران شاگردن کي خطاب ڪندي چيو ويو ته ڪنهن به قوم جي حقيقي ترقي رڳو خواهشن دعوائن ۽ ڳالهين سان ممڪن نٿي بڻجي، پر علم حاصل ڪرڻ ان علم کي عملي زندگيءَ ۾ استعمال ڪرڻ ۽ هر ڪم اخلاص ايمانداري ۽ ذميواريءَ سان انجام ڏيڻ ئي ڪاميابيءَ جو بنياد آهي ان موقعي تي شاگردن کي ترغيب ڏني وئي ته هو علم کي پنهنجي طاقت، عمل کي پنهنجي سڃاڻپ ۽ اخلاص کي پنهنجي ڪردار جو لازمي حصو بڻائين ڪين ٻڌايو ويو ته باشعور باعمل بااخلاق ۽ ذميوار نوجوان ئي مستقبل ۾ قوم جي ترقي ۽ خوشحاليءَ جا معمار بڻجي سگهن ٿا فڪري نشست دوران علم جي اهميت، مثبت سوچ عملي جدوجهد، اخلاقي قدرن ۽ قومي ذميوارين بابت شاگردن کي آگاهي ڏني وئي، مقرر جو چوڻ هو ته نوجوان نسل جيڪڏهن تعليم سان گڏ ڪردار سازي، محنت ۽ اخلاص کي پنهنجي زندگيءَ جو حصو بڻائي ته ملڪ ۽ قوم کي ترقيءَ جي راهه تي اڳتي وڌائڻ ممڪن آهي اسڪول ۾ منعقد ڪيل هيءَ هفتيوار فڪري نشست شاگردن جي ذهني ۽ اخلاقي تربيت جي حوالي سان هڪ بامقصد قدم قرار ڏني وئي، جنهن جو مقصد نوجوانن ۾ علم جي جستجو مثبت عمل ذميواريءَ جي احساس ۽ اخلاص جي قدرن کي اجاگر ڪرڻ هو

بقايا 21 ملزم گرفتار

اوزار ليپ ٽاپ، USBءِ ڪيترائي موبائل فون پڻ هٿ ڪيا ويا آهن پوليس موجب ٽنڊو ميهڙ اي سيڪشن جي حدن اندر خفيه اطلاع ملڻ تي ايس ايڇ او انسپيڪٽر مظهر علي نائچ جي اڳواڻي ۾ پوليس ٽيم ڪارروائي ڪئي جنهن دوران هڪ ڄڻي کي گرفتار ڪيو ويو گرفتار ٿيل ملزم جي سڃاڻپ سمير علي ولد محمد شريف مشوري، رهواسي ڪي اين شاهه طور ڪئي وئي آهي پوليس جو چوڻ آهي ته گرفتار ٿيل ملزم مبينا طور چوري ٿيل موبائل فونن جا IMEIنمبر تبديل ڪري انهن جي اصل سڃاڻپ ختم يا لڪائيندو هو جنهن ڪانپوءِ اهي موبائل فون مارڪيٽ ۾ وڪرو ڪرڻ لاءِ فراهم ڪيا ويندا هئا پوليس موجب اهڙي عمل سان چوري ٿيل موبائل فونن جي سڃاڻپ ڪرڻ ۽ اصل مالڪن تائين انهن جي واپسي ۾ رڪاوٽ پيدا ٿيندي آهي ڪارروائي دوران پوليس ملزم وٽان IMEIنمبر تبديل ڪرڻ وارا اوزار ليپ ٽاپ، USBءِ مختلف موبائل فون پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيا آهن پوليس پاران هٿ آيل سامان جي پڻ جاچ ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته موبائل فونن جي ڊيٽا ۽ انهن جي IMEIنمبرن جي تصديق جو عمل جاري آهي پوليس موجب گرفتار ملزم خلاف ٽنڊو ميهڙ اي سيڪشن ۾ سرڪاري مدعيت هيٺ مقدمو نمبر 303/2026 داخل ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ پاڪستان پينل ڪوڊ جون دفعات 411، 420 ۽ 414، جڏهن ته اليڪٽرانڪ ڪرائمز ايڪٽ جي دفعه 18 شامل ڪئي وئي آهي

بقايا 22 نجمي عالم

ڪچي آبادين بابت صلاحڪار سيد نجمي عالم چيو آهي ته سنڌ ۾ نوان صوبا ٺاهڻ جو فيصلو ڪنهن سياسي جماعت يا فرد جي خواهش تي نه پر سنڌ جي عوام جي مرضي ۽ آئيني طريقيڪار تحت ئي ٿي سگهي ٿو.

بقايا 23 شڪايتن جا انبار

ڪاٺن جي آفيسرن سماجي اڳواڻن آبادگارن، واپارين، استادن معززين ۽ وڏي انگ ۾ علائقي واسين شرڪت ڪئي عوامي ڪچهري دوران ڳوٺاڻن پنهنجي علائقن ۾ درپيش بنيادي مسئلا تفصيل سان پيش ڪندي سماجي محمد علي ٻرڙو چيو ته ڪيترن ئي سالن کان يوسي ليباري نظرانداز ٿيڻ سبب ترقياتي ڪم رڪجي ويا آهن ۽ عام ماڻهو بنيادي سهولتن کان محروم بڻيل آهن هن جديد دور ۾ ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ بجلي جي فراهمي نه هجڻ سبب رهواسي سخت تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا آهن. جڏهن ته اسڪارپ ٽيوب ويل سسٽم خراب ۽ تباهه هجڻ ڪري زرعي زمينون ڪلر جو شڪار بڻجي رهيون آهن. جنهن ڪري آبادگارن کي وڏو معاشي نقصان برداشت ڪرڻو پئجي رهيو آهي فدا حسين پلاڻ چيو ته هن ڳوٺ ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي جي کوٽ، خراب ۽ ٽٽل روڊن نالين ۽ نيڪال جي ناقص نظام صفائي سٿرائي جي خراب صورتحال صحت مرڪزن ۾ ڊاڪٽرن ۽ دوائن جي کوٽ، اسڪولن ۾ استادن ۽ فرنيچر جي گهٽتائي هيپاٽائيٽس جي وڌندڙ وبا، بيروزگاري، اسٽريٽ لائيٽن جي غيرفعال هجڻ مختلف ڳوٺن کي پڪي رستن کان محروم رکڻ ۽ يونين ڪائونسل ليباري جهڙي تاريخي علائقي ۾ عوامي لائبريري قائم نه ٿيڻ جهڙا اهم مسئلا پڻ اجاگر ڪندي سندن ترت حل جو مطالبو ڪيو ان کان علاوه نوجوانن لاءِ راندين جا ميدان عورتن لاءِ بنيادي صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ جو به مطالبو ڪيو ويو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ خطاب ڪندي چيو ته بجلي، تعليم، صحت، صاف پاڻي، روڊن ۽ ٻين بنيادي سهولتن بابت پيش ڪيل مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل کاتن کي پابند ڪيو ويندو هن چيو ته اسڪولن ۾ فرنيچر جي فراهمي، بجلي جي حل ۽ پيئڻ جي پاڻي بابت شڪايتن تي فوري ڪارروائي ڪئي ويندي، جڏهن ته پاڻي جا نمونا ليبارٽري موڪليا ويندا ۽ غير معياري ثابت ٿيڻ جي صورت ۾ متاثر علائقن ۾ آر او پلانٽن لاءِ اسڪيمون آنديون وينديون ايندڙ ترقياتي منصوبن ۾ خاص طور تي ڪوٽڏيجي ليباري جي عوامي ضرورتن کي اوليت ڏني ويندي گمس اسپتال گمبٽ جي خدمتن کي ساراهيندي چيو ته اها اسپتال نه رڳو خيرپور ۽ سڄي سنڌ ۽ ملڪ جي مختلف علائقن مان ايندڙ مريضن کي جديد ۽ معياري طبي سهولتون فراهم ڪري رهي آهي، جيڪا ضلعي لاءِ فخر جو باعث آهي هن چيو ته حڪومت عوام کي بهتر صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ سنجيده آهي ۽ ضلعي جي ٻين صحت مرڪزن ۾ به طبي سهولتن جي بهتري لاءِ مؤثر قدم کنيا پيا وڃن ته جيئن عام ماڻهن کي پنهنجي علائقن ۾ بهتر علاج جون سهولتون ميسر ٿي سگهن عوامي ڪچهري ڪانپوءِ سيد احمد شاهه بخاري، سينيئر ايڊووڪيٽ غلام مصطفيٰ شاهه پاران ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ جي مان ۾ شاندار ڊنر تقريب جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ سيد ارشاد شاهه سيد قطب علي جهنڊي وارو سيد شمس الدين شاهه سيد علي تقي شاهه مختيار ٻرڙو سڪندر علي ٻرڙو اڪرم ڪانڌڙو سميت وسيم گل آفيسرن سماجي شخصيتن سياسي اڳواڻن معززين ۽ علائقي جي شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافتي سوکڙي ٽوپي ۽ اجرڪ جا تحفا پيش ڪري سندن آجيان ڪئي

بقايا 24 سيڪريٽري مقرر

چونڊيو ويو ان موقعي تي اجلاس کي خطاب ڪندي صوبائي جنرل سيڪريٽري محمد علي درس چيو ته شاگردن جا جائز مسئلا حل ڪرڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا وڃن هن چيو ته شاگرد ملڪ ۽ قوم جو قيمتي سرمايو آهن تنهن ڪري سندن تعليمي ۽ بنيادي مسئلن تي خاص ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي محمد علي درس وڌيڪ چيو ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ ٿيندڙ پرچين کي مڪمل طور ميرٽ ۽ شفافيت جي بنياد تي يقيني بڻايو وڃي هن مطالبو ڪيو ته پرچين دوران اميدوارن سان ٿيندڙ ڪنهن به ناانصافي جو فوري نوٽيس وٺي کين انصاف فراهم ڪيو وڃي ۽ اهل ۽ حقدار اميدوارن کي سندن قابليت ۽ ميرٽ مطابق موقعا ملڻ گهرجن جڏهن ته ڪنهن به قسم جي ناانصافي کي برداشت نه ڪيو ويندو اجلاس کي مولانا عبدالرزاق ڪٽي حنيف سومرو حماد الله ميمڻ ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو مقررين نون چونڊيل عهديدارن کي مبارڪباد ڏيندي اميد ظاهر ڪئي ته هو شاگردن جي حقن ۽ مسئلن لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪندا

بقايا 25 وارثن سان تعزيت

آفيسر ۽ ٻين جوابدارن خلاف ڪارروائي نه ٿيڻ تي جوڻيجا برادري ۾ سخت ڪاوڙ پکڙيل آهي جوڻيجا ويلفيئر آرگنائيزيشن جي اڳواڻن رستم جوڻيجو برڪت جوڻيجو عبدالعزيز جوڻيجو احمد علي جوڻيجو ۽ ٻين ٺٽون ڳوٺ راڌڻ ۽ شاهه پنجو پهچي مقتول جي وارثن سان ملاقات ڪري تعزيت ڪئي ۽ واقعي بابت تفصيل معلوم ڪيا. ان موقعي تي اڳواڻن راڌڻ ٽائون جي وائيس چيئرمين سڪندر علي جوڻيجو علي اصغر جوڻيجو ۽ فريادي ڌر جي وڪيل ايڊووڪيٽ مظهر جوڻيجو سان پڻ ملاقات ڪئي. جنهن دوران طاهر رمضان جوڻيجو جي قتل ڪيس ۽ ان کانپوءِ ٿيندڙ قانوني ڪارروائين بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي بعد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي رستم جوڻيجو برڪت جوڻيجو عبدالعزيز جوڻيجو احمد علي جوڻيجو سڪندر علي جوڻيجو ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته طاهر رمضان جوڻيجو جو قتل ڪنهن به صورت ۾ معافي جوڳو ناهي قاتل ڪيترو به بااثر ڇو نه هجي، ڪيس قانون جي گرفت ۾ آڻڻو پوندو هنن چيو ته جوڻيجا برادري حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن کان مطالبو ڪري ٿي ته مقتول جي وارثن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي ۽ ڪيس ۾ نامزد سمورن جوابدارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي جوڻيجا برادري جي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن طاهر رمضان جوڻيجو جي قتل ڪيس ۾ انصاف نه ٿيو ته جوڻيجا برادري طرفان پوري سنڌ ۾ احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي هنن حڪومت وقت کي خبردار ڪندي چيو ته جيڪڏهن انصاف نه مليو ته ايندڙ چونڊن ۾ برادري طرفان اميدوارن جي بائيڪاٽ بابت به سخت فيصلو ڪرڻو پئجي سگهي ٿو جڏهن ته ايس ايس پي دادو صدام حسين خاصخيلي شاهنجو ٿاڻي جي ايس ايڇ او رسول بخش پنهور اي ايس آءِ احمد خان سولنگي ۽ پوليس سپاهي مرتضيٰ مگسي کي معطل ڪري ڇڏيو آهي ته انهي اهلڪارن خلاف ڪارروائي طاهر رمضان جوڻيجو قتل ڪيس جي جاچ جي سلسلي ۾ ڪئي وئي آهي.ٻئي طرف ايس ايس پي دادو مقتول طاهر رمضان جوڻيجو جي بيواهه سونهن جوڻيجو کي سومر ڏينهن طلب ڪري ورتو آهي، جتي سندس بيان رڪارڊ ڪيو ويندو ان حوالي سان فريادي ڌر جي وڪيل ايڊووڪيٽ مظهر جوڻيجو پڻ تصديق ڪئي آهي واضح رهي ته طاهر رمضان جوڻيجو جي قتل ڪيس ۾ سندس وارثن طرفان پوليس اهلڪارن سميت ڪيترن ئي ماڻهن کي نامزد ڪيو ويو آهي فريادي ڌر جو موقف آهي ته ڪيس جي شفاف جاچ ڪرائي اصل ذميوارن کي گرفتار ڪري قانون موجب سزا ڏني وڃي مقتول جي وارثن ۽ جوڻيجا برادري پاران مسلسل انصاف جو مطالبو ڪيو پيو وڃي جوڻيجا برادري جو مطالبو آهي ته طاهر رمضان جوڻيجو جي قتل ڪيس کي شفاف نموني انجام تائين پهچائي وارثن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو سڄي سنڌ تائين وڌائڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي

بقايا 26 ڇٽو مارجي ويو

ڪلاڪ دير سان پهتي جنهن ۾ اڳڙا ٿاڻي جو منشي هڪ سپاهي ساڻ ڪري بائيڪ تي واقعي واري هنڌ پهتو ۽ جاءِ وارادات جو جائزو وٺي ڪري لاش کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ گمس اسپتال کڻائي ويا قتل جو ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيو آهي علائقي ۾ آهي به چوٻول هلن پيا ته اسلم چنا مبينه برادري دشمنيءَ سبب قتل ٿيو آهي پر حد جي پوليس ڪجهه ٻڌائڻ لاءِ تيار ٿي ناهي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته ايس ايڇ او اڳڙا نظير پيو حد ۾ وڃڻ لاءِ تيار ناهي نه ئي جاءِ وارادات تي پهتو اهڙو رد عمل عوامي طور اڀريو آهي سپاهي ۽ منشيءَ کي روانو ڪري ڇڏيائين واقعي وارو هنڌ هوڏانهن اڳڙا پوليس سان بار بار رابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر فون نمبر بند هجڻ جا پيغام ملي رهيا هئا

بقايا 27 منعقد ڪئي وئي

سيڪنڊري اسڪول خيرپور جي آرٽ گيلري ۾ رضاڪار استادن ۾ سرٽيفڪيٽن ورهائڻ جي تقريب منعقد ڪئي وئي.تقريب جي خاص مهمان حضوران سهڻي چيف هيڊ مسٽريس گورنمينٽ ناز هاءِ سيڪنڊري اسڪول خيرپور هئي هن رضاڪار استادن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهايا ۽ خواندگي جي واڌاري لاءِ سندن بي لوث خدمتن ۽ ڪوشش کي ساراهيو.ان موقعي تي مظهرالدين شيخ، ڊپٽي ڊائريڪٽر اين سي ايڇ ڊي خيرپور شرڪت ڪندڙن کي بريفنگ ڏيندي ايچ ون ٽيچ ون (EOTO) پروگرام جي مقصدن ۽ اهميت تي روشني وڌي هن مرد ۽ عورت رضاڪار استادن جي خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪندي چيو ته وزيراعظم جي خواندگي جي مهم جي ڪاميابي ۾ سندن ڪردار انتهائي اهم آهي.تقريب ۾ امان الله منگي، سينيئر ٽيچر اظهر حسين، سردار سومرو پارس جگراڻي، ظهير سولنگي ۽ اعجاز سومرو سميت رضاڪار استادن ۽ ٻين معزز مهمانن وڏي انگ ۾ شرڪت

ڪئي جيڪڏهن چاهيو ته مان هن خبر کي اخباري انداز ۾ وڌيڪ روان معياري ۽ اشاعتي سنڌي ۾ به ترتيب ڏئي سگهان ٿو

بقايا 28 سهڪار جو عزم

جنرل جناب فيصل ابڙو روزانه عبرت جي رپورٽر ماجد ميمڻ سان فون تي ڳالهائيندي چيو آهي ته منهنجو تعلق سنڌ سان آهي هنن ابتدائي تعليم سعودي عرب ۾ حاصل ڪئي ان کانپوءِ مهراڻ يونيورسٽي مان گريجوئيشن ڪئي ۽ 2004ع ۾ سول سروس جو امتحان پاس ڪري فارين سروس جو شعبو اختيار ڪيو OICم 5 سال اهم ذميواريون نڀايون مانٽريال اچڻ کان اڳ وزارت خارجه ۾ DG Middle Eastجي حيثيت سان پڻ خدمتون سرانجام ڏنيون هن وڌيڪ ڳالهائيندي قونصل جنرل چيو ته هو ديار غير ۾ رهندڙ پاڪستاني ڪميونٽي ۾ فڪري ۽ سماجي اتحاد جا خواهشمند آهن هو روزانو ڪميونٽي جي مختلف حلقن سان ملاقات ڪري رهيا آهن ۽ واپاري معاملن ۾ به مدد لاءِ تيار آهن هن وڌيڪ چيو ته جيڪي به ماڻهو پاڪستاني شين جي ڪئناڊا ۾ واپار ۾ دلچسپي رکن ٿا اهي بنا ڪنهن جهجهڪ قونصل جنرل آفيس سان رابطو ڪري سگهن ٿا تازو ڪئناڊا جي اوڀر سامونڊي صوبن جي دوري دوران هنن محسوس ڪيو ته اتي پاڪستاني ڪاروبار جا وڏا موقعا موجود آهن شاگردن جي حوالي سان هنن چيو ته ڪئناڊا جي وزير خارجه انيتا آنند جي پاڪستان جي دوري ڪانپوءِ ٻنهي ملڪن جي لاڳاپن ۾ بهتري آئي آهي ان ڪري پاڪستاني شاگردن لاءِ ڪئناڊا جي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ داخلا آسان ٿي رهيون آهن روشن پاڪستان اڪائونٽ ۽ پاسپورٽ فارم ڀرڻ ۾ به قونصل جنرل آفيس مدد ڪندي بين الاقوامي معاملن تي ڳالهائيندي هنن چيو ته ايران-آمريڪا ڪشيدگي ۾ پاڪستان جو اهم ڪردار رهيو آهي جنهن جي ساري دنيا ۾ ستائش ٿي رهي آهي اسلام آباد معاهدي تحت امن جي اميد آهي آخر ۾ هنن ڪئناڊا ۽ خاص طور تي مانٽريال ۾ رهندڙ پاڪستانين کي چيو ته اميگريشن رجسٽريشن ۽ اٽيسٽيشن جي ڪنهن به ڪم لاءِ سڌو قونصل جنرل آفيس سان رابطو ڪن "هر پاڪستاني شهري اسان لاءِ پاڪستان جو نمائندو آهي

بقايا 29 ميڊيا تي وائرل

ڪندي ڏسي سگهجي ٿو.ٻئي طرف، واقعي بابت آر ڪي سيڪريٽري جو موقف سامهون نه اچي سگهيو آهي

بقايا 30 تحريڪ جو احتجاج

ضلعي صدر نذير بليدي، معشوق چانڊيو نور حسن جمالي، بابو ميمڻ الطاف خاصخيلي، بابو سولنگي، اصغر گوپانگ، فضا ملاح، راجا چانڊيو معشوق رگهيو گلزار ڪلهوڙو، شفاق گراڻو نذير قريشي، وڪيل اسلم لغاري، روزينا پتو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ حيدرآباد پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو.

بقايا 31 حوالي سان سيمينار

نوجوانن سماجي اڳواڻن ۽ صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي سيمينار کي خطاب ڪندي بجورا نوجوان سٿ جي اڳواڻن احسان بجورو ايڊووڪيٽ اعجاز بجورو اقبال بجورو نورنبي بجورو ۽ ٻين چيو ته سنڌن ڳوٺ ۽ ڀرپاسي ۾ وڌندڙ منشيات جي آزار خلاف انهن پهرين مرحلي ۾ علائقي جي معززين ۽ نوجوانن سان گڏجاڻيون ڪيون ۽ منشيات جي روڪٿام لاءِ سجاڳي مهم هلائي جڏهن ته منشيات جي وڪري ۾ ملوث عنصرن خلاف پوليس جي مدد سان ڪارروايون ڪرائي گذريل هڪ مهيني کان وٺي منشيات کي ڀنجو ڏياريو آهي پر اڃا به ڪين وڌيڪ سهڪار جي ضرورت آهي علائقي جون سڄاڻ ڌريون چونڊيل نمائيندا توڙي پوليس وڌيڪ سنجيده ٿي منشيات خاص ڪري آئيس آفيم هيروئن ڪچو شراب گٽڪو ماوو خلاف ڪارروايون توڙي شعوري آبياري ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي منشيات روڪ تحريڪ جي اڳواڻ رشيد آزاد سومرو عوامي تحريڪ جي اڳواڻ حسين آزاد، نيشنل پريس ڪلب ٺٽو جي صدر محبوب بروهي پريس ڪلب ٺٽو جي صدر اقبال جاکرو نيشنل پريس ڪلب سجاول جي صدر حافظ سعدالله ميمڻ صحافي رشيد جاکرو خميسو بجورو پريل گهوٽو شوڪت هالو مقبول چارڻ سميت مختلف سياسي سماجي اڳواڻن چيو ته نوجوان سٿ بجورا جي اڳواڻن کي جس هجي جن مسلسل ڪوششون وٺي منشيات خلاف جدوجهد جاري رکي آهي منشيات فروشن خلاف ڪارروايون توڙي شعوري جاڳرتا مهم ڪانپوءِ منشيات جو ڪافي حد تائين وڪرو بند ٿيو آهي پر پوليس نٿي چاهي ته منشيات بند هجي تنهنڪري مختلف طريقن سان پوليس منشيات خلاف تحريڪ شروع ڪندڙ نوجوانن کي هيسائي رهي آهي هنن چيو ته بجورا واري علائقي کان شروع ٿيل هن تحريڪ کي سجاول ٺٽي ضلعن توڙي لاڙ پٽي تائين وڌائڻ جي سخت ضرورت آهي ڇاڪاڻ ته ڳلي ڳلي شهر شهر ڳوٺ ڳوٺ ۾ منشيات جهڙو زهر سرعام وڪرو ٿي رهيو آهي ۽ نوجوانن جون زندگيون خطري ۾ آهن ان موقعي تي نوجوان سٿ بجورا پاران سيمينار ۾ هن عزم جو ورجاءُ ڪيو ويو ته سنڌن ڳوٺ کان شروع ٿيل منشيات جي خاتمي واري تحريڪ کي ضلعي سطح ۽ سنڌ سطح تائين وڌائي عوام ۾ سجاڳي مهم هلائي بيداري پيدا ڪئي ويندي

بقايا 32 خلاف احتجاج

سازش ۽ سنڌ جي ورهاڱي خلاف ميهڙ بار ايسوسيئيشن جي سڏ تي ميهڙ ڪورٽ اندر وڪيلن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو وڪيلن اياز لطيف پليجو ، رياض چانڊيو کي ملندڙ نوٽيس ۽ سنڌ جي ورهاڱي خلاف زوردار نعريبازي ڪئي وئي وڪيل اڳواڻن قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ وڪيل منور جتوئي ، عوامي جمهوري پارٽي جي اڳواڻ وڪيل سعيد پنهور ، پيپلز لائير فورم جي اڳواڻ وڪيل امجد حسين ٻلهڙو، وڪيل عبدالرشيد بگهيو ، ارشاد گاڏهي ، ساجد چانڊيو ، سليم سومرو ، مير خان چانڊيو ، ۽ ٻين چيو ته اسين اياز لطيف پليجو ۽ رياض چانڊيو کي ملندڙ نوٽيس واري عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا هنن چيو ته اياز لطيف پليجو سنڌ جو آواز آهي اهڙا ادارا سنڌ جي آواز کي دٻائي نه ٿا سگهن سموري سنڌ ساڻس گڏ بيٺل آهي وڪيل اڳواڻن چيو ته سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه ڪندڙ پنهنجو قبلو درست ڪن سنڌ جي انچ انچ جي حفاظت ڪرڻ اسان سنڌ جا ماڻهو چڱي طرح ڄاڻيون ٿا سنڌ اسان سنڌين جو محب وطن آهي سنڌ جا ماڻهو ڪڏهن به سنڌ جي ورهاڱو ڪندڙن کي نه بخشيندا اهي پنهنجا اهڙا من گهڙت فيصلا ۽ سازشون واپس وٺن ٻي صورت ۾ سنڌ جا ڪروڙين سنڌي روڊن تي نڪري ايندا. هنن مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور نوٽيس واپس ورتا وڃن

بقايا 33 قتل ڪري فرار

ريحانا کي گهران ڪڍي ويا هئا، جنهن بعد قرآن پاڪ تي ڇوڪري واپس ڪرائي وئي هئي جمال لغاري موجب، اڄ صبح جو سوير جڏهن گهر جا ڀاتي ستل هئا ته مبينا طور وسيم ابڙو گهر اندر داخل ٿيو ۽ ريحانا تي پستول جا فائر ڪيا، جنهن ۾ هوءِ سخت زخمي ٿي پئي. زخمي ريحانا کي فوري طور مورو اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي.لاش جون قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ بعد وارثن حوالي ڪيو ويو.ته قهرام مچي ويو هرطرف روڄ راڙو پئجي ويو لاش ڳوٺ روانو ٿيڻ طرف مقتولا جي وارثن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته سندن ڪنهن سان به دشمني ناهي، واقعي جو نوٽيس وٺي جوابدارن خلاف قانون موجب ڪارروائي

ڪئي وڃي ۽ کين انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 34 پوليس خاموش

سرعام منشيات هلي رهي آهي جڏهن ته ٽنڊو مير محمود ۾ ڪچي شراب جو وڪرو سرعام هلي رهي آهي ان سلسلي ۾ معلومات موجب ايس ايڇ او چوڻ موجب مونکي مٿي پيسا ڏيندا آهن توهان کي جيڪو لکڻو آهي لکي ڇڏيو مون کي ڪو به فرق نٿو پوي. ڦليلي ٿاڻي جي حد ۾ مين پوري، زيڊ 21هين،ڪچو شراب، چرس،آفيم،آئيس جو کلي عام وڪرو ٿيڻ سبب نوجوان نسل تباهي جي ڪناري پهتل آهي جڏهن ڪيترائي خاندان منشيات واپرائڻ سبب تباهه ٿي چڪا آهن ۽ نوجوان آپگهات ڪري رهيا آهن.منشيات وڪري سبب علائقي ۾ ڦرون ۽ چورين معمول بڻيل آهن علائقي واسين ڊي آئي جي حيدرآباد کي اپيل ڪئي ته ڦليلي ٿاڻي خلاف سخت محڪماتي ڪارروائي ڪري منشيات جو وڪرو بند ڪرائي جوابدار گرفتار ڪيا وڃن

بقايا 35 پي جو احتجاج

جي خريداري ۾ ڪرپشن اسپتال جي مرمت ۽ تعميراتي ڪم ۾ ڪرپشن ، من پسند پرچين ، 3 سال گذرڻ باوجود اسپتال مڪمل طور فعال نه ٿيڻ خلاف ايس ڪي پي ضلع دادو جي صدر عبدالحميد سومرو رابطا سيڪريٽري مجيب چانڊيو تعلقي ميهڙ جي صدر عبدالمجيد ڪوسو ، نائب صدر ڪرم علي ڏيٻر ۽ ميونسپل سٽي جنرل سيڪريٽري محسن پنگر ، محبوب علي لاڪير ، ڪامريڊ بشير خان سومرو ، ڪامريڊ ياسين ڪوسو علي سوڍر محرم ڏيٻر ، غفار چانڊيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ميهڙ ٻاءِ پاس کان تعلقي اسپتال جي گيٽ تائين 3 ڪلو ميٽر پيادل مارچ ڪري اسپتال جي گيٽ اڳيان ڌرڻو هنيو آزاد پريس ڪلب ميهڙ جي صحافين سان ڳالهائيندي اڳواڻن چيو ته ڪمس جي نگراني هيٺ ميهڙ اسپتال ۾ رڪارڊ ڪرپشن ڪئي پئي وڃي.

بقايا 36 رهين جي ڦرلٽ

قيمتي سامان ڦري ويا.متاثرين جو دعويٰ آهي ته ڌاڙيل 15 لک رپين کان وڌيڪ ماليت جو سامان ڦري فرار ٿي ويا آهن.واردات جي اطلاع ملڻ تي ٻاڙي وارا ۽ حد جي پوليس موقعي تي پهچي وئي،جتي پوليس شاهدين گڏ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيون.پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي ۽ ملزمن جي گرفتاري لاءِ قدم کنيا پيا وڃن.ٻئي طرف شهرين پوليس کان مطالبو ڪيو آهي ته هٿياربند ڌاڙيلن کي فوري گرفتار ڪري ڦريل سامان برآمد ڪيو وڃي ۽ علائقي ۾ شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي.ٻئي طرف مسلم ليگ(ن) جي ايم اين اي ڊاڪٽر درشن لال پنشي سخت مذمت ڪندي نوٽس ورتو.واقعي کي پوليس ۽ امن امان جي ناڪامي قرار ڏيندي چيو ته گهر جي چار ديواري اندر ٿيندڙ اها واردات صرف پئسن ۽ زيورن جي چوري ناهي،پر هڪ خاندان جي سڪون،تحفظ ۽ اعتماد جي به ڦر آهي.هن مطالبو ڪيو ته ملوث ملزمن کي فوري گرفتار ڪيو وڃي، ڦريل رقم ۽ سمورو سامان برآمد ڪرايو وڃي ۽ متاثر خاندان کي انصاف سان گڏ مڪمل تحفظ فراهم ڪيو وڃي.واقعي تي پوليس جي اعليٰ اختيارين سان به رابطو ڪري ملزمن خلاف فوري ۽ موثر ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 37 زخمي چڪتاڻ

بعد گهوٽا برادري جا سوين ماڻهو گڏ ٿي ويا ۽ علائقي ۾ چڪتاڻ واري صورتحال آهي ان سلسلي ۾ مليل رپورٽن موجب ٻه ڀائرن اشرف گهوٽو ۽ محمد شعبان گهوٽو کي قتل ۽ ٻن ڄڻن کي زخمي ڪرڻ واري واقعي بابت چوٻول هلندڙ آهن ته ڪجهه مهينا پهريان سندراڻي برادري جو نوجوان سومر گهوٽو ڳوٺ وٽ رات جي ٽائيم گهوٽن کان قتل ٿيو هيو ، سندراڻي نوجوان جي قتل ڪانپوءِ گهوٽا برادري پنهنجي موقف ۾ ٻڌايو ويو هيو ته سندراڻي نوجوان ٻارنهن هزار بجلي جو تارون ڪٽڻ آيو هو جيڪو ڳوٺاڻن سان فائرنگ دوران مارجي ويو هو . اڄوڪو واقعو ان سندراڻي جي پلاٽ ۾ ڪيو ويو آهي .ليڪن سندراڻي برادري توڙي پوليس جو ان حوالي سان ترديد يا تصديق جو ڪو موقف آخري اطلاعن تائين سامهون نه اچي سگهيو هو

بقايا 38

ڳاهو گهرياڻين سوڍو احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي هنن الزام هڻندي چيو ته ٽائون چيئرمين ٽنڊو باگو خان صاحب جمالي،سائين بخش جمالي جي چوڻ تي خانو پلاڻ پنهنجي هٿيارٻند ساٿين سان گڏ پوليس سامهون اسان جي گهر تي چڙهائي ڪري فائرنگ ڪري ڏني ۽ گهرواري عورت سوڍو ٻين عورتن مردن ۽ ٻارن کي تشدد جو نشانو بڻايو ۽ پوليس ڪيس به اسان جي 12ماڻهن خلاف داخل ڪيو آهي هنن چيو ته اسانجو گهر واري پلاٽ جيڪو شهر ۾ واقع آهي ان تي ٽائون چيئرمين قبضو ڪرڻ چاهي ٿو جڏهن ته عدالت مان پلاٽ جي مالڪي وارو ڪيس اسان کٽي چڪا آهيون هنن چيو ته ٽائون چيئرمين خان صاحب جمالي اسان سان ناحق ڪري رهيو آهي هنن وس وارن کي اپيل ڪئي ته ماسري جو نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي ۽ گهر تي حملو ڪندڙن کي گرفتار ڪري تحفظ ڏنو وڃي

بقايا 39 جو احتجاج

اسڪول جو ڪم مڪمل ڪري ۽ ٺيڪيدار خلاف جاچ ڪري قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 40 فصل متاثر

ڪيترن ئي ڳوٺن کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو. گهاري جو تيز وهڪرو پاڻي نه صرف ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ ڪاهي پيو جنهن سان گهرن ۾ پيل اناج، بجلي جو سامان، هنڌ بسترا ۽ ڪنون پاڻي ۾ لڙهي ويون ۽ زمين تي بيٺل سوين ايڪڙ سارياڻو فصل به پاڻي هيٺ اچي ويو. ڳوٺاڻن ڏانهيندي چيو ته گذريل مها ٻوڏ سبب بيگاري سنڌ فيڊر جو بند ڪيترن ئي هنڌن تي ڪمزور ٿي ويو هيو جنهنجون شڪايتون آبپاشي عملدارن کي ڪيون ويون پر ڪوبه ڪن تيل نه ڪيو نتيجي ۾ رات ڪير نمزور هئڻ سبب پنجاهه فوٽ گهاري پوڻ سبب سموري علائقي کي متاثر ڪري ڇڏيو هوڏانهن گهاري کي بند ڪرڻ لاءِ آبپاشي عملدارن چيف انجنيئر گڊو بئراج سردار علي شاهه، سپريڊنٽ انجنيئر طارق محمود ۽ ايڪسيئن امير بخش مهر واقعي واري هنڌ پهچي مشينري ۽ ٻيو ضروري سامان گهرائي مقامي ماڻهن جي مدد سان گهاري کي بند ڪرائي ورتو هنن چيو ته گهاري لڳڻ ۾ ڪوتاهي ڪندڙ عملي خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 41 15لک رپيا ڏنڊ

آيل ڌر تي 15 لک رپين جو ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو.مليل ڄاڻ موجب پوليس اهلڪار مقصود گهوٽو ۽ بلاول ڪلوڙ تي پوليس اهلڪار اسامه راجپوت سان مبينا زيادتي جي ڪوشش ۽ تشدد جا الزام هئا.معاملي جو گهوٽا هائوس تي سردار علي نواز خان گهوٽو، سردار بالاچ خان شاهاڻي ۽ سردار قيصر خان بوزدار جي سرپرستي ۾ نبيرو ٿيو.جرگي دوران ٻنهي ڌرين جا موقف ٻڌڻ بعد الزام هيٺ آيل ٻنهي اهلڪارن تي 15 لک رپين جو ڏنڊ وڌو ويو جنهن کان پوءِ ڌريون پاڻ ۾ کير کنڊ ٿي ويون ذريعن موجب فريادي ڌر پڻ داخل ڪيل ڪيس ۾ پنهنجا بيان تبديل ڪرڻ جي پابند هوندي.ان موقعي تي ٻگن خان ڪلاڙي، مولا بخش مهر احسان خان گهوٽو وڏيرو شاهنواز گهوٽو ۽ ٻيا معزز پڻ موجود هئا.

EXPRESSION OF INTEREST (EOI)

MARKET SURVEY FOR UNICEF PAKISTAN

Momentum, contracted by UNICEF Pakistan Office, to Conduct a Market Survey across Pakistan. Momentum invites eligible and qualified **suppliers, manufacturers, contractors, and service providers** to express their interest in registering with us for the supply of goods and services to UNICEF. We are seeking competent, ethical, and reliable vendors **from Islamabad, Karachi, Lahore, Peshawar and Quetta & other Cities**, potential future procurement opportunities in support of UNICEF projects and programmes across Pakistan.

New vendors can complete and submit the EOI form using the link below.

https://bit.ly/3SiDypY

DEADLINE FOR SUBMISSION:
27 Aug 2026

شڪارپور لڳ زهريلو ڪاڌو کائڻ سبب هڪ ئي خاندان جي 10 کان وڌيڪ ڀاتين بيهوش، 3 فوت

خانپور شهر ۾ گلزار قريشي جي گهروارن جي چانور کائڻ بعد چانور کائڻ بعد طبيعت خراب ٿي وئي

بيهوش ٿيلن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ اسپتال آندو ويو ته ڊاڪٽرن ٽن ٻارڙن جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي

5 ورهين جي زين ولد دلاور، 3 ورهين جو گلزيب ۽ مسڪان ولد گلزار قريشي جا لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

شڪارپور(ڏ ر) شڪارپور جي تعلقي خانپور شهر ۾ مبينا طور زهريلو ڪاڌو کائڻ سبب هڪ ئي خاندان جي 10 کان وڌيڪ ڀاتين اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي علاج دوران 3 معصوم ٻارڙا فوت ٿي ويا. پوليس موجب واقعو خانپور شهر ۾ گلزار قريشي جي گهر خراب ٿيڻ شروع ٿي وئي متاثر ماڻهن کي الٽيون ۽ بيهوشي جون شڪايتون ٿيون. بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

شڪارپور: زهريلي ڪاڌي کائڻ سبب فوت ٿيل ٻارڙا

وڏي وزير مبينا زهريلو ڪاڌو کائڻ سبب ٽن ٻارن جي فوت ٿيڻ واري واقعي جو نوٽيس ورتو، رپورٽ طلب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه شڪارپور ۾ مبينا زهريلو ڪاڌو کائڻ سبب 3 ٻارن جي فوت ٿيڻ واري بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ٻارڙن جي فوت ٿيڻ تي اڳوڻي ايم اين اي ڊاڪٽر محمد ابراهيم جتوئي پاران ڏک جو اظهار

شڪارپور: هوڏانهن ٽن ٻارڙن جي فوت ٿيڻ تي اڳوڻي ايم اين اي ڊاڪٽر محمد ابراهيم جتوئي طرفان ڏک جو اظهار ڪيو ويو آهي.

چانور کائڻ کانپوءِ سمورن ماڻهن جي طبيعت خراب ٿي: وارث

ڪاڌي ۾ زهريلي شيءِ جي شامل ٿيڻ جي حتمي تصديق نه ٿي سگهي آهي

شڪارپور: چانور کائڻ کانپوءِ سمورن ماڻهن جي طبيعت خراب ٿي، تنهن هوندي به ٿيڻ جي حتمي تصديق اڃا تائين نه ٿي سگهي آهيبقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

خوراڪ کاتي ڪڻڪ خريداري نه ڪري مزدور طبقي سان ظلم ڪيو آهي: عبدالسميع پنهور

غلط پاليسين جي ڪري اٽو 145 روپيا في ڪلو فروخت ٿي رهيو آهي

خيرپور(ڏ ر)سنڌ چيمبر آف فوڊ اينڊ ايگريڪلچرل سکر ڊويزن جي صدر پروفيسر عبدالسميع پنهور چيو آهي ته محڪمي خوراڪ جي غلط پاليسين جي ڪري اٽو خيرپور سکر ۽ ٻين شهرن ۾ 140 کان بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ فشر فوڪ فورم جو ماهيگيرن کي بنيادي سهولتون ۽ جائز حق ڏيارڻ لاءِ احتجاج

مڇي مارڻ وارن هنڌن ۽ ڳوٺن ۾ صاف پاڻي، بجلي، صحت ۽ روڊن جون سهولتون ڏنيون وڃن: فشر فوڪ فورم

بدين (ڏ ر) پاڪستان فشر فوڪ فورم ضلعي بدين جي اڳواڻن بدين ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي سنڌ حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن کان مهاڻن جا بنيادي مسئلا حل ڪري کين جائز حق ڏيارڻ جو مطالبو ڪيو آهي پاڪستان فشر فوڪ فورم ضلعي بدين جي صدر ايم سومار ملاح سينيئر بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ شهرين جي فوري مدد لاءِ مددگار پوليس 15 جو قيام، 24 ڪلاڪ ريسپانس جي سهولت

بدين (ڏ ر) ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي پاران بدين جي شهرين جي سهولت، تحفظ ۽ پوليس سان لاڳاپيل ڪنهن به هنگامي صورتحال ۾ بروقت مدد کي يقيني بڻائڻ لاءِ مددگار پوليس 15 جو قيام عمل ۾ آندو ويو آهي مددگار پوليس 15 ذريعي شهرين کي ڪنهن به پوليس مدد، هنگامي صورتحال، شڪايت يا ضرورت جي صورت ۾ 24 ڪلاڪ فوري بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

مانجهند ٽائون ڪميٽي ملازمن جي پگهارن ۾ اڌو اڌ ڪٽوتي، سروس بڪ گم، تحريڪ هلائڻ جو اعلان

ٽائون جي ماهوار بجيٽ 75 لک روپيه هجڻ باوجود في ملازم جي پگهار مان ڪٽوتي ناانصافي ۽ ظلم آهي: ملازم

انتظاميا ملي ڀڳت ڪري فوت ٿيندڙ يا رٽائرڊ ٿيندڙ ملازمن جا سروس بڪ گم ڪري ڇڏي ٿي

ملازمن سان ٿيندڙ ناانصافين خلاف احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي، ملازم تنظيمون ساٿ ڏين: اڳواڻ

مانجهند (ن ع) مانجهند ٽائون ڪميٽي ملازمن پريس ڪلب مانجهند پهچي پگهارن ۾ هر مهيني ڪٽوتي خلاف پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته ٽائون ڪميٽي مانجهند جي ماهوار بجيٽ 75 لک روپيه هجڻ باوجود في ملازم جي پگهار مان اڌ اڌ ڪٽوتي ڪئي وڃي ٿي جيڪا ملازمن سان سراسر ناانصافي ۽ ظلم آهي هڪ پاسي ڏينهن وڏينهن مهانگائي ٿي رهي آهي ٻئي پاسي پگهارن مان ڪٽوتي سبب فاڪاڪشي ۽ پريشاني واري زندگي بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

عوامي راءِ کانسواءِ ڪنهن به صورت ۾ نئون صوبو قائم نه ٿيڻ گهرجي: مخدوم جميل الزمان

آزاد ڪشمير جي چونڊن ۾ ڌانڌلي جا الزام سامهون آيا آهن،جنهن تي صدر مملڪت ناراض ٿيو آهي

وزيراعظم شهباز شريف پيٽرول ۽ ٻين ضروري شين جي قيمتن تي اثرائتو ڪنٽرول ڪري عوام کي رليف فراهم ڪري

طالب المولیٰ اڪيڊمي پاران ڇپرايل ڪتاب ”بگر“ جي مهورتي تقريب ۾ ميڊيا کي خطاب

هالا(ٽ ر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر قومي اسيمبلي ميمبر ۽ سروري جماعت پاڪستان جي روحاني پيشوا مخدوم جميل الزمان هالا ۾ پنهنجي شعري مجموعي جي تقريب رونمائي کانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته ملڪ ۾ خوشحالي لاءِ قانون تي سختي سان عملدرآمد ڪرائڻ ضروري آهي ان لاءِ بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

تقريب رونمائي
طالب المولیٰ اڪيڊمي هالا طرفان ڇپرايل ڪتاب

هالا: مخدوم جميل الزمان ۽ ٻيا مهورتي تقريب ۾ ڪتاب ڏيکاري رهيا آهن

ميهڙ پوليس جي ڪارروائي، چوري ٿيل موبائلن جا IMEI نمبر تبديل ڪندڙ مبينا ملزم گرفتار

ميهڙ (ن ع) ميهڙ پوليس شفيع اطلاع تي ڪارروائي ڪندي چوري ٿيل موبائل فونز جا IMEI نمبر تبديل ڪري انهن جي اصل سڃاڻپ لڪائڻ جي الزام هيٺ هڪ مبينا ملزم کي گرفتار ڪري ورتو آهي پوليس موجب ڪارروائي دوران گرفتار ڪيل شخص وٽان موبائل فونن جا IMEI نمبر تبديل ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ مختلف بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

راضيديرو پرسان مبينا چنا برادري جي تڪرار تان هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو مارجي ويو

جادوواهڻ مڏ لنڪ روڊ تي موٽر سائيڪل سوار هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ اسلم چنا عرف ٿوهه مارجي ويو

اطلاع باوجود پوليس ڪلاڪ بعد پهچي لاش ڪٺائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

راضيديرو رپورٽ: قربان علي ڪلال) راضيديرو پرسان اڳڙا ٿاڻي جي حد جادوواهڻ مڏ لنڪ روڊ تي نامعلوم موٽر سائيڪل سوار هٿيارٻندن فائرنگ ڪري ڳوٺ حاجي محمد مراد جاموڙو واسي اسلم چنا عرف ٿوهه کي گوليون هڻي قتل ڪري فرار ٿي ويا اهڙو اطلاع بروقت اڳڙا پوليس کي ڏنو ويو پر پوليس پنهنجي روايت کي ورجائيندي سستيءَ کي اهميت ڏيندي ڏيڍ بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ اين سي ايڇ ڊي پاران رضاڪار استادن ۾ سرٽيفڪيٽن ورهائڻ جي تقريب منعقد ڪئي وئي

خيرپور(ڏر) اين سي ايڇ ڊي پاران رضاڪار استادن ۾ سرٽيفڪيٽن ورهائڻ جي تقريب نيشنل ڪميشن فار هيومن ڊولپمينٽ (NCHD)خيرپور جي اهتمام هيٺ وزيراعظم جي خواندگي مهم ”ايچ ون ٽيچ ون“ (EOTO) تحت گورنمينٽ ناز هاءِ بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: قومي عوامي تحريڪ پاران اياز لطيف تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف ريلي ڪڍي پئي وڃي

مورو ويجهو هٿيارٻندن جو گهر تي ڪاهه، فائرنگ ۾ عورت کي قتل ڪري فرار

ڳوٺ جنگون لغاري ۾ هٿيارٻندن گهر داخل ٿي فائرنگ ڪري مسمات ريحانا زخمي ڪري فرار ٿي ويا

زخمي عورت کي وارث ڪٺائي اسپتال پهتا ته ڊاڪٽرن فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي ته ڪهرام مچي ويو

20 ڏينهن اڳ وسيم ابڙو ريحانا کي ڪيو قرآن پاڪ تي واپس ڪرايو ته جوابدارن ڪيس قتل ڪيو: وارث

مورو (رپورٽ خدا بخش ميمڻ) مورو پرسان سنڌوڄا ٿاڻي جي حد ڳوٺ جنگون لغاري ۾ مبينا طور گهر اندر داخل ٿي فائرنگ ڪري مسمات ريحانا لغاري کي قتل ڪيو ويو مقتولا جي والد جمال لغاري مسمات سمينا مسمات قرزانا لغاري ميڊيا کي ٻڌايو ته لڳ ڀڳ 20 ڏينهن اڳ وسيم ابڙو ۽ رحمت الله ابڙو مبينا طور سنڌس ڌيءَ بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

مورو: ڳوٺ جنگون لغاري ۾ مارجي ويل مسمات ريحانا لغاري جو لاش پيل آهي

ميهڙ تعلقي اسپتال ۾ مبينا ڪرپشن ۽ سهولتون نه ملڻ خلاف ايس ٽي پي جو احتجاج

ميهڙ (ن ع) ميهڙ تعلقي اسپتال انتظاميه جي ڪرپشن ، ايندڙ مريضن کي دوائون نه ڏيڻ ، مريضن جي تذليل ، اسپتال جي دوائن بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد جي علائقي ڦليلي ۾ منشيات جو کلي عام وڪرو جاري، پوليس خاموش

گل شاهه بخاري، اسلام آباد چوڪ، لوهار پاڙو ٽنڊو مير محمود ۾ سرعام منشيات هلڻ لڳي

منشيات وڪري سبب علائقي ۾ ڦرون ۽ چوريون معمول بڻيل آهن، رهواسين جو احتجاج

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي علائقي ڦليلي ۾ پابندي باوجود منشيات جو کلي عام ڪڌو ڪاروبار هلي رهيو آهي ڦليلي ٿاڻي جي گل شاهه بخاري،اسلام آباد چوڪ،لوهار پاڙو ۾ بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي ويجهو هٿيارٻندن جو حملو، فائرنگ ۾ ٻه سڳا ڀائر قتل، ٻه ڄڻا زخمي، ڇڪتاڻ

ڳوٺ پنجو باغ پرسان هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ ٻه ڀائر اشرف گهوٽو ۽ محمد شعبان قتل ٿي ويا

گولين لڳڻ سبب فياض ۽ وسيم ۽ گهوٽو سخت زخمي ٿي پيا، ڳڻتي جوڳي حالت ۾ سکر اسپتال منتقل

ڪجهه مهينا اڳ مبينا طور بجلي جون تارون ڪاٽڻ آيل سنڌراڻي نوجوان جي مارجڻ جي پلان ۾ حملو ٿيو آهي: چوپول

گهوٽڪي (رپورٽ: فرمان سومرو) گهوٽڪي ويجهو ڳوٺ پنجو باغ پرسان هٿيارٻندن جو حملو فائرنگ ۾ ٻه سڳا ڀائر اشرف گهوٽو ۽ محمد شعبان گهوٽو قتل ٿي ويا ۽ 2 ڄڻا زخمي ٿيا آهن جيڪي سکر اسپتال ۾ زيرعلاج آهن زخمين ۾ فياض ۽ وسيم ۽ گهوٽو شامل آهن جن کي ڳڻتي جوڳي ۾ سکر اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي واقعي بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

غوثپور پرسان 50 فوٽ گهارو، ڪيترائي ڳوٺ پاڻي هيٺ، سوين ايڪڙ فصل متاثر

رات دير سان لڳل گهارو ڏهن ڪلاڪن بعد بند، پاڻي گهرن ۾ داخل ٿيڻ سبب اناج ۽ سامان لڙهي ويو

مها ٻوڏ کان بيگاري سنڌ فيڊر جو بند ڪمزور هو، شڪايتن باوجود مرمت نه ڪئي وئي: ڳوٺاڻا

چيف انجنيئر گڊو بئراج سميت آبپاشي عملدارن جي پهچڻ بعد مشينري ذريعي گهارو بند ڪيو ويو

غوثپور (ن ع) غوثپور شهر پرسان ڳوٺ محمدعلي اوگاهي واري علائقي ۾ رات دير سان لڳل پنجاهه فوٽ گهارو ڏهن ڪلاڪن کانپوءِ آبپاشي عملدارن بند ڪري ورتو. پنجاهه فوٽ گهاري بي ايس فيڊر پرسان بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

غوثپور: گهاري کي ڏهن ڪلاڪن بعد آبپاشي عملدار پاران بند ڪيو ويو

راولپنڊي: روڊ جي ڪناري تي هڪ اسٽال تي پاڪستاني جهنڊا ۽ جشن آزادي جون شيون رکيل آهن

غوثپور پرسان انڙ شاخ مان ٽن ورهين جي معصوم نينگر جو لاش هٿ

ڳوٺ عبدالمالڪ ڏاهاڻي پرسان پاڻي ۾ لڙهندڙ لاش ڳوٺاڻن ڪڍي پوليس کي اطلاع ڏنو

لاوارث حالت ۾ مليل نينگر جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي، لاش اسپتال منتقل

ڪنڌڪوٽ (ڏ ر) غوثپور پرسان انڙ شاخ ڳوٺ عبدالمالڪ ڏاهاڻي واري علائقي جي ويجهو انڙ شاخ مان ٽن ورهين جي معصوم نينگر جو ڳوٺاڻن لاش هٿ ڪري ورتو. وڌيڪ مليل معلومات موجب ته انڙ شاخ پرسان ڳوٺ عبدالمالڪ ڏاهاڻي ويجهو علائقي واسين پاڻي ۾ لڙهندڙ ٽن ورهين بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

نيوسعيدآباد ۾ مشتاق ڊومڪي جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين شهيد بينظير ڀٽو چوڪ کان ٻه ڪلوميٽر پيادل ريلي ڪڍي سخت نعريبازي ڪئي

اسان جي نوجوان کي قتل ڪيو ويو جوابدار نه گرفتار نه ٿيا پر ڌمڪيون ملي رهيون آهن:مظاهرين

نيوسعيدآباد (ٽ ر) ڳوٺ زيريپير پرسان زمين جي مالڪي جي تڪرار تان هٿيارٻندن هٿان قتل ڪيل نوجوان مشتاق علي ڊومڪي جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ ۽ هٿيار بندن پاران موٽمار ڌمڪيون ڏيڻ تي مقتول نوجوان جا وارث روڊ تي نڪري آيا، قاتلن جي گرفتاري لاءِ نعريبازي ڪئي بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ڏکڙي پرسان ڇتي ڪتي جو حملو ٻن ٻارن سميت ٽن ڄڻن کي ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو

زخمين کي تعلقي اسپتال ۾ ڪتي جي ڏاڙهڻ کان بچاءُ واري ويڪسين لڳائي وئي

ڇتي ڪتي کي فوري طور پڪڙي آوارا ڪتن خلاف اثرائتي ڪارروائي ڪئي وڃي: ڳوٺاڻا

ڏکڙي(ن ع) ڏکڙي پرسان ڳوٺ ڪريم بخش سولنگي ۾ ڇتي ڪتي ٻارن تي حملو ڪري ٻن ٻارن سميت ٽن ڄڻن کي ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو ڳوٺاڻا خوف وچان سڄي رات جاڳندا رهيا. ڏکڙي پرسان ڳوٺ ڪريم بخش سولنگي ۾ ڇتي ڪتي خوف ۽ هراس بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ: سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي قائم مقام صدر روشن علي برڙو جي صدارت ۾ اجلاس ٿي رهيو آهي

ملي سول اسپتال ۾ عورتن جي مختلف بيمارين جي مفت آپريشن ڪئمپ

امر جگديش ملاڻي ۽ امر موتي رام ملاڻي جي ورسي جي موقعي تي ڪيمپ لڳائي وئي

ماهر ڊاڪٽرن پاران رسولي، جين، ٻچيداني ۽ [illegible] سميت مختلف بيمارين ۾ مبتلا عورتن جا آپريشن ڪيا

ملي (ڏ-ر) سول اسپتال ملي ۾ امر جگديش ملاڻي سوشل فورم ٿرپارڪر پاران امر موتي رام ملاڻي ۽ امر جگديش ملاڻي جي 33 بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

سنڌ ۾ نوان صوبا عوام جي مرضي کانسواءِ نٿا ٺهي سگهجن: سيد نجمي عالم

محسن نقوي پاران نون صوبن بابت بيان ڏيڻ اجائي بحث کي هٿي ڏيڻ برابر آهي

ايم ڪيو ايم پاران وقت بوقت ڏنل اهڙن بيانن کي اسان سنجيدگي سان نٿا وٺون

دوڙ(ن ع) دوڙ سنڌ ۾ نوان صوبا عوام جي مرضي کانسواءِ نٿا ٺهي سگهجن، نون صوبن بابت شوشا اڇليا آهن وڏي وزير جي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

گمبٽ پرسان ڊي سي خيرپور پاران عوامي ڪچهري، رهواسين شڪايتن جا انبار

کلي ڪچهري ۾ آفيسرن، آبادگارن، واپارين، استادن، وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل کاتن کي پابند ڪيو ويندو: ڊي سي

گمبٽ (رپورٽ : مريد کاتوري) گمبٽ پرسان ڳوٺ لياري ۾ بخاري هائوس تي ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ جي صدارت هيٺ کليل عوامي ڪچهري منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ مختلف سرڪاري بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

جوڻيجا ويلفيئر آرگنائيزيشن جي اڳواڻن جي طاهر رمضان جوڻيجو جي وارثن سان تعزيت

قاتل ڪيترو به بااثر ڇو نه هجي، قانون جي گرفت ۾ آندو وڃي: جوڻيجا اڳواڻ

شفاف جاچ ۽ ذميوارن جي گرفتاري نه ٿي ته تحريڪ سڄي سنڌ تائين وڌائي ويندي

ٺٽون ڳوٺ(ن ع) ٺٽون ڳوٺ پرسان شاهه پنجون پوليس ٿاڻي جي حد مان طاهر رمضان جوڻيجو قتل ڪيس ۾ نامزد پوليس بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

شهدادپور: سنڌ اسٽوڊنٽس ڪائونسل پاران منعقد MDCATٽيسٽ منعقد ڪيو پيو وڃي

اياز لطيف پليجو خلاف ايف آءِ اي ڪيس تي قومي عوامي تحريڪ جو احتجاج

مظاهرين حيدرآباد پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي

ايف آءِ اي نوٽيس 8 ڪروڙ سنڌين کي خاموش ڪرائڻ جي ڪوشش آهي: مظاهرين

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو خلاف ايف آءِ اي ۾ ڪيس داخل ڪرڻ، سنڌ ٽوڙڻ جي سازش ۽ درياهه تي ڏاڍ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ٻيلو پرسان منشيات خلاف ٻجورا نوجوان سٿ جو سڄاڳي مهم جي حوالي سان سيمينار

مهم بعد گذريل هڪ مهيني کان علائقي ۾ وڪرو گهڻي حد تائين بند ڪرايو آهي:نوجوان سٿ

آئيس، هيروئن، ڪچو شراب، گٽڪو ۽ ماوا خلاف اثرائتي ڪارروائي سان گڏ شعوري مهم تيز ڪئي وڃي

ٺلو (ڏ ر) ٻيلو شهر لڳ ڳوٺ محمد خان ٻجورو ۽ آس پاس جي ڳوٺن ۾ منشيات جي روڪٿام لاءِ ٻجورا نوجوان سٿ پاران سڄاڳي مهم جي سلسلي ۾ سيمينار ڪوٺايو ويو جنهن ۾ وڏي انگ ۾ ڳوٺاڻن بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ميهڙ بار جو اياز پليجو ۽ رياض چانڊيو کي نوٽيس ملڻ خلاف احتجاج

ميهڙ ڪورٽ ۾ وڪيلن احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي

اياز لطيف پليجو سنڌ جو آواز آهي، ادارا سنڌ جي آواز کي دٻائي نٿا سگهن: وڪيل اڳواڻ

ميهڙ (ن ع) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو ، جئي سنڌ محاذ جي چيئرمين رياض چانڊيو کي نيشنل سائبر ڪرائم انويسٽيگيشن پاران جاري ڪيل نوٽيس ، ڪيس داخل ڪرڻ جي بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ميهڙ: تعلقي اسپتال ۾ ڪرپشن خلاف ايس ٽي پي پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊوباگو ۾ گهر تي مبينا حملو ۽ تشدد خلاف ڳاها برادري جو حيدرآباد ۾ احتجاج

بااثرن گهر تي چڙهائي ڪري فائرنگ ۽ عورتن، مردن توڙي ٻارن تي تشدد ڪيو: مظاهرين

عدالت مان پلاٽ مالڪي جو ڪيس کٽڻ باوجود تنگ ڪيو پيو وڃي، نوٽيس ورتو وڃي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ٽنڊوباگو جي رهواسي ڳاها برادري جي عورتن ۽ مردن بااثر ماڻهن جي چرچ تي گهر تي حملي ۽ تشدد خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون شڪت ڳاهو،معشوق ڳاهو ۽ اياز بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

گورنمنٽ هائر سيڪنڊري اسڪول نيوچور جو ڪم اڌ ۾، شهرين جو احتجاج

ٺيڪيدار اسڪول جو ڪم اڌ ۾ ڇڏي بل کڻائي فرار ٿي ويو آهي:مظاهرين

چور (ن ع) نيوچور هائر سيڪنڊري اسڪول نيوچور جو ڪم رولڙي جو شڪار ٺيڪيدار پاران ڪم اڌ ۾ ڇڏي بل کڻائي ويو شهرين منسٽر سيد سردار علي شاهه ۽ ٻين اعلي عملدارن کان مطالبو ڪيو آهي ته بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي ۾ پوليس اهلڪارن خلاف زيادتي ۽ تشدد واري معاملي جو جرڳو 15 لک رپيا ڏنڊ

مقصود گهوٽو ۽ بلاول ڪلوڙ تي جونيئر اهلڪار اسامه راجپوت سان مبينا زيادتي جي ڪوشش ۽ تشدد جا الزام هئا

سردار علي نواز خان گهوٽو، سردار بالاچ خان شاهاڻي ۽ سردار قيصر خان بوزدار جي سرپرستيءَ ۾ جرڳو ٿيو

ٻنهي اهلڪارن تي 15 لک رپين جو ڏنڊ وڌو ويو، جنهن کان پوءِ ڌريون پاڻ ۾ ڪير ڪنڌ ٿي ويون

گهوٽڪي(رپورٽ: فرمان سومرو) گهوٽڪي ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ ٻن پوليس اهلڪارن پاران هڪ جونيئر پوليس اهلڪار سان مبينا زيادتي جي ڪوشش ۽ تشدد واري معاملي جو جرڳو ٿي ويو جنهن تحت الزام هيٺ بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ڀرپاسي ۾ مستحق عورتن لاءِ 33 هزار سلائي مشينن جي ورڇ پروگرام جو ٻيو مرحلو شروع

حيدرآباد تعلقي ڀرپاسي ۾ مجموعي طور 33 هزار سلائي مشينون ورهائڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي: راول شرجيل

هڪ هزار سلائي مشينون اڳ ئي ورهائي چڪا آهيون، عورتن کي باعزت روزگار ۽ معاشي خودمختياري فراهم ڪرڻ مقصد آهي

مستحق عورتن کي سهولتون فراهم ڪري کين پنهنجي پيرن تي بيهارڻ پيپلز پارٽي جي ترجيحن ۾ شامل آهي

ٽنڊوڄام (ٽ ر) راول شرجيل ميمڻ پاران تعلقي حيدرآباد ڀرپاسي ۾ مستحق عورتن ۾ سلائي مشينون ورهائڻ واري پروگرام جو ٻيو مرحلو شروع ٽيٽيهه هزار عورتن ۾ سلائي مشينون ورهايون وينديون خبر موجب بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام: راول شرجيل ميمڻ تقريب کي خطاب ڪندي

ڪوٽڙي ۾ ناري جي اغوا الزام هيٺ آيل نوجوان جو احتجاج، تدارڪ جي گهر

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ جي علائقي سڪندرآباد ڪالوني جي رهواسي امان الله ولد نور زمين خان صحافين آڏو احتجاج ڪندي الزام لڳائيندي چيو آهي ته آسائيڪه ڌي حبيب الله جيڪا منهنجي سوٽ ۽ مڱيندي به بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي پرسان سنڌراڻي گهوٽا تڪرار تان هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو قتل، 3 زخمي

سي پيڪ روڊ وٽ موٽرسائيڪل سوار هٿيارٻندن فائرنگ ۾ اشرف گهوٽو ٿڏي تي دم ڏنو ضمير ۽ ٻيا زخمي ٿي پيا

گهوٽا برادري جي ماڻهن واقعي واري هنڌ پهچي فوتي جو لاش ۽ زخمين کي سول اسپتال منتقل ڪيو

سنڌراڻي هٿيارٻندن اسانجي ٻيگرو نوجوان کي قتل ۽ ٽن نوجوانن کي زخمي ڪيو آهي، انصاف ڪيو وڃي: وارث

گهوٽڪي(رپورٽ: اقبال صديقي) گهوٽڪي پرسان هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ هڪ نوجوان قتل 3 ڄڻا زخمي سنڌراڻي هٿيارٻندن مٿان قتل جا الزام علائقي ۾ حراس، خبر موجب گهوٽڪي پرسان سي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ايم ڪيو ايم پاڪستان جي قومي اسيمبلي ميمبر سيد وسيم حسين جي والد لاڏاڻو ڪري ويو

مرحوم جي جنازي نماز ۾ سياسي، سماجي ۽ مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ شخصيتن جي شرڪت

ظفر احمد صديقي، ضلعي آرگنائيزنگ ڪميٽي جي ميمبرن پاران گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي قومي اسيمبلي ميمبر سيد وسيم حسين جي والد لاڏاڻو ڪري ويو، سياسي ۽ سماجي شخصيتن جي وڏي انگ ۾ جنازي ۾ شرڪت ڪئي متحده قومي موومينٽ (پاڪستان) حيدرآباد ضلعي سان تعلق رکندڙ حق پرست قومي اسيمبلي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

قلجي اسٽيشن: ڪار ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر فوت ٿيل نوجوان جو لاش

قلجي اسٽيشن لنڪ روڊ تي ڪار ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر، 18 ورهين جو نوجوان فوت

ٻپهر چاري وٽ تيز رفتار ڪار ۽ موٽر سائيڪل جو آمهون سامهون زوردار ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ محمد رضوان زخمي ٿي پيو، اسپتال ۾ علاج دوران زخمن جا سور نه سهندي دم ڏنو

ڊرائيور ڪار کي ڇڏي موقعي تان فرار، مخدوم بلاول پوليس ڪار تحويل ۾ وٺي ڇڏي

قلجي اسٽيشن (ن ع) قلجي اسٽيشن دادو قلجي لنڪ روڊ تي ٻپهر چاري وٽ تيز رفتار ڪار ۽ موٽر سائيڪل جو آمهون سامهون زوردار ٽڪر ڳوٺ اسماعيل اچڙا پنهور جو رهواسي 18سالا نوجوان محمد رضوان پنهور پٽ محمد حسن پنهور سخت زخمي ٿي پيو مخدوم بلاول پوليس زخمي کي ڳڻتي بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

گولاڙچي ۾ جشنِ آزادي جون تياريون زور شور سان جاري

بازارن، چوڪن ۽ دڪانن تي قومي جهنڊن ۽ بينرن سان سجايو ويو

13آگسٽ تي جشن آزادي جي تقريب عنايت بلوچ بينڪوئيٽ ۾ ملهائي ويندي

بدين (ڏ ر) آل تاجر الائنس شهيد فاضل راهو گولاڙچي جو اهم اجلاس تاجر الائنس جي صدر محمد قاسم ميمڻ جي صدارت بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ميهڙ پرسان 24 ورهين جي نوجوان پاڻ مٿان فائر ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي

ميهڙ (ن ع) ميهڙ: ميهڙ پرسان ڳوٺ ڪنجا جي رهواسي 24 ورهين جي نوجوان برڪت علي ولد لياقت علي جهيتيال گهرو پريشانين کان تنگ ٿي مبينا طور پاڻ مٿان فائر ڪري ڇڏيو گوليون لڳڻ سبب نوجوان کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ علاج لاءِ تعلقه اسپتال ميهڙ منتقل ڪيو ويو جتي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ رينائسنس اسڪول ۾ هفتيوار فڪري ليڪچر جو اهتمام

باشعور باعمل ۽ بااخلاق نوجوان ئي مستقبل ۾ ترقي ۽ خوشحاليءَ جا معمار بڻجن ٿا: مقرر

بدين (ڏ ر) دي رينائسنس اسڪول اينڊ ڪاليج بدين ۾ شاگردن جي علمي، فڪري ۽ اخلاقي تربيت کي هٿي ڏيڻ لاءِ هفتيوار فڪري ليڪچر جو اهتمام ڪيو ويو جنهن جو موضوع ”قوم جي ترقيءَ جو راز: علم بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ڳاڏي برادري پاران عبدالرحيم ڳاڏي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ مظاهرو ڪيو پيو وڃي

جمعيت طلباءِ اسلام سجاول جي نئين باڊي چونڊ، عبدالصمد سومرو صدر ۽ ابوهريره سومرو جنرل سيڪريٽري مقرر

سجاول (ڏ ر) سجاول: جمعيت طلباءِ اسلام ضلعي سجاول جو چونڊ اجلاس صوبائي جنرل سيڪريٽري محمد علي درس جي نگرانيءَ هيٺ مدني مسجد بس اسٽاپ سجاول ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ تنظيمي ڪارڪنن ۽ ذميوارن شرڪت ڪئي اجلاس دوران عبدالصمد سومرو کي ضلعي صدر ۽ ابوهريره سومرو کي جنرل سيڪريٽري بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

مانٽريال جي پاڪستان جي نئين قونصل جنرل فيصل ابڙو جو پاڪستانين لاءِ سهڪار جو عزم

ديار غير ۾ پاڪستاني ڪميونٽي ۾ فڪري ۽ سماجي اتحاد پيدا ڪرڻ چاهيون ٿا:فيصل ابڙو

ڪئناڊا ۾ پاڪستاني شهرين جي واپار ۽ شاگردن جي داخلا ۾ آساني لاءِ قونصل جنرل آفيس پاران سهڪار ڪيو ويندو

ايران . آمريڪا ڇڪتاڻ ۾ پاڪستان جي ڪردار کي ساراهيو پيو وڃي، امن جي اميد موجود آهي

ميٺياري (رپوٽ: ماجد ميمڻ) پاڪستان جي نئين قونصل جنرل فيصل ابڙو چيو آهي ته هو ديار غير ۾ پاڪستاني ڪميونٽي ۾ فڪري ۽ سماجي اتحاد چاهين ٿا. ان سان گڏ هنن پاڪستاني شاگردن لاءِ ڪئناڊا جي ڪاليجن ۾ داخلا آسان ڪرڻ ۽ ڪاروباري ماڻهن کي مدد جي خاطري ڪرائي آهي. مانٽريال ۾ پاڪستان جي نئين قونصل بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: ڪيل پاڪستان جي آزادي جي ڏينهن جي ياد ۾ معذور ماڻهو قومي گيت پيش ڪري رهيا آهن

خيرپور ۾ آر ٽي سيڪريٽري پاران مسافر وين جي ڊرائيور تي تشدد جي وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل

خيرپور(ڏر) خيرپور ۾ آر ٽي سيڪريٽري پاران مسافر وين کي روڪي ڊرائيور تي مبينا تشدد ڪرڻ جي وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي وئي وائرل ٿيل وڊيو ۾ مبينا طور آر ٽي سيڪريٽري کي مسافر وين جي ڪلينڊر سان مبينا طور بدتميزي ۽ تشدد بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ميرپورماٿيلو ۾ هٿيارٻندن جي گهر تي ڪاهه، ڀاتين کي يرغمال بڻائي لکين رپين جي ڦرلٽ

لکي رام محلي واسي لالا درشن ۽ ساڄن لال جي گهر ۾ 4 هٿيارٻندن داخل ڀاتين کي يرغمال بڻايو

تشدد بعد گهر ڀاتين کي ڪمري ۾ بند ڪري 15 لک رپين کان وڌيڪ ماليت جو سامان ڦري فرار ٿي ويا

مسلم ليگ ن جي ايم اين اي ڊاڪٽر درشن لال پنشي واقعي جو نوٽيس ورتو، جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو

ميرپور ماٿيلو (رپورٽ:اشفاق بلوچ) گهوٽڪي ضلعي جي تعلقي ميرپور ماٿيلو جي لکي رام محلي ۾ رات دير سان ڦرجي واردات شهرين ۾ خوف پيدا ڪري ڇڏيو چار اتجاتل هٿيارٻند ڌاڙيل لالا درشن ۽ ساڄن لال جي گهر ۾ داخل ٿيا ۽ گهر ڀاتين کي اسلحي جي زور تي يرغمال بڻائي ورتو.متاثر خاندان موجب ڌاڙيلن گهر ڀاتين کي مبينا تشدد جو نشانو بڻائڻ کانپوءِ انهن کي ٻڌي هڪ ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيو.گهر جي تلاشي وٺي نقد رقم، سون جا زيور ۽ ٻيو بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

68 هين سالگرهه مبارڪ

عبرت جي نمائندن لاءِ اطلاع

سنڌ ۾ ساڃاهه، سچائي ۽ صحتمند صحافت جي سفر ۾ اوهان سان هم قدم عبرت گروپ کي سال 2026ع ۾ 68 سال مڪمل ٿي رهيا آهن، اهو سفر سچائي، پنهنجن سان ڪمٽمينٽ ۽ محبتن ڀريو رهيو آهي، جنهن ۾ اوهان جو ساٿ، همت افزائي ۽ هر حالت ۾ ٻانهن ٻيلي ٿيڻ واري محبت ڀريي روي جو پڻ وڏو هٿ آهي.

هر سال وانگر هن سال پڻ روزاني عبرت پنهنجي سالگرهه ۽ ملڪ جي آزادي جي ڏهاڙي جي موقعي تي هڪ ست رنگو شاندار ايڊيشن شايع ڪري رهي آهي، جنهن ۾ ٻين گهڻين خوبصورتين سان گڏ اوهان جا پيغام، مبارڪباد ۽ تعارف تي ٻڌل اشتهار ان جي سونهن کي چار چنڊ لڳائيندا، ان ڏس ۾ اداري سان سهڪار ڪريو ته جيئن اهو سدائين لاءِ سانڍڻ جهڙو ايڊيشن اڃا سَر سرهاڻ ڀريو محسوس ٿئي.

نوٽ: عبرت سٽ جي ساٿين کي گذارش ٿي ڪجي ته پنهنجا اشتهار جلد کان جلد اداري کي ڏياري موڪلين جيئن انهن کي بهتر جڳهه ڏئي سگهجي.

رابطي لاءِ:

مئنيجر شعبہ اشتهار

03003020943 | 03393020943

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.